تاريخ جو سفر

داڪٽر مبارڪ علي

ابو بڪر شيخ

تاريخ جو سفر

تاريخ جو سفر

مصنف: ڊاڪٽر مبارڪ علي

سنڌيڪار: ابوبڪر شيخ

نيو فيلڊس پبليڪيشنس

ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

1992ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ اٺهٺ

ڇپائيندڙ نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ نيو فيمس پرنٽنگ پريس،
هوم اسٽيڊ هال چاڙهي، حيدرآباد.

پهريون ايڊيشن ڊسمبر 1992ع

قيمت 45/- رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا اداري جا قائم)

TAREEKH JO SAFAR. written by Dr. MUBARAK ALI. Translated in Sindhi by ABU BAKAR SHAIKH. Published by New Fields Publications, Tando wali Mohammad, Hyderabad, Sindh. Pakistan. First Edition December 1992. Price Per Copy Rs. 45/-
Book No. 168

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

مضمون	صفحو
١- تاريخ جا بدلجندڙ نظريا	١٣
٢- مورخ ۽ تاريخ	٢٥
٣- تاريخ جا سبق	٣٠
٤- تاريخ جو علم	٣٤
٥- تاريخ جي تعريف	٣٨
٦- تاريخ ۽ انساني فطرت	٤٢
٧- تاريخ ۽ الهامي طاقتون	٤٤
٨- تاريخ ۽ جانور	٤٦
٩- تاريخ ۽ سونهري دؤر	٥٠
١٠- تاريخ، اقليتون ۽ معاشرو	٥٤
١١- تاريخ ۽ هجرت	٥٧
١٢- سچي تاريخ هڪ عمر رکندڙ تاريخ آهي	٦٣
١٣- تاريخي حقيقتون پاڻ ڳالهائينديون آهن؟	٦٦
١٤- تاريخ ۽ فيصلو	٦٩
١٥- همعصر تاريخ جو لکجڻ	٧٢
١٦- تاريخ ۽ جنگ	٧٧
١٧- قومن جو عروج ۽ زوال	٨١
١٨- تاريخ جو تسلسل	٨٥
١٩- مذهب ڇو ٿا تبديل ٿين؟	٨٨

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢٠- اسلامي تاريخ ڇا آهي؟	٩٢
٢١- تاريخ ۾ قومن جو ميلاپ	٩٦
٢٢- تاريخ جو خاتمو	١٠٠
٢٣- مزدورن جي تاريخ ڪهڙي نموني لکي وڃي؟	١٠٣
٢٤- تاريخ کي سمجهڻ	١٠٧
٢٥- يونيورسل تاريخ	١١١
٢٦- سيڪيولر ازم ڇا آهي	١١٥
٢٧- قوم پرستي ڇا آهي	١٢٥
٢٨- پاڪستان ۾ قوميتي مسئلي جو تجزيو	١٣٦
٢٩- پاڪستان جي تاريخ ”قديم دؤر“	١٤٢

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مترجم پاران

تاريخ- هر قوم جي جهولي ۾، گلن ۽ ڪنڊن وانگر پيل آهي، اهي گل ۽ ڪنڊا، ماضيءَ جي تجربن ۽ عملن جا شاهد هوندا آهن. هاڻي جڏهن زمانو ڦريو آهي، ذهنن ۾ لاعلمي جي ڪاراڻ بدران علم جي جوت جلڻ لڳي آهي ۽ زمانو سمجهڻ لڳو آهي ته، تاريخ اُن تحرير جو نالو ناهي جنهن ۾ حاڪم جي خوشنودي جا ويهي ڏُڪ پرجن، پر تاريخ اُها آهي جنهن جو تحرير ڪندڙ مورخ پنهنجي قلم جي تقدس کي جاري رکندي حالتن ۽ واقعن کي صحيح ۽ سچي روپ ۾ رقم ڪري.

ڊاڪٽر مبارڪ علي جو هي ڪتاب، تاريخ کي سمجهڻ ۾ نهايت اهم ڪردار ادا ٿو ڪري. هن ڪتاب ۾، تاريخ ۽ انساني زندگي جي ڳانڍاپڻ ۽ پوندڙ اثرن جو تجرباتي ۽ سائنسي بنيادن تي تجزيو ڪيو ويو آهي.

منهنجي خيال ۾، هي ڪتاب هر پڙهيل لکيل ۽ سچاڻ ذهن کي مطالعو ڪرڻ گهرجي- جيئن مستقبل جو رستو ماضيءَ جي حقيقتن مان ئي تخليق ڪري سگهجي ٿو.

آءٌ ٿورائتو آهيان محترم فيروز احمد ميمڻ صاحب جن جو، جنهن سچي دل سان هن ڪتاب جي ترجمي ڪرڻ لاءِ همٿايو ۽ پنهنجي ناميارې اداري طرفان شايع ڪرايو.

ابو بڪر شيخ

٢٥-١١-٩٢

بدين سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ جا بدلجندڙ نظريا

انسان جو ماضي ڏکيو ۽ منجهيل آهي، انهيءَ ۾ واقعن جا ڍڳ، انساني سرگرمين ۽ ڊراماڻي تفصيل آهن، قومن جو عروج ۽ زوال آهي، تهذيبن جي موت ۽ زندگيءَ جا داستان آهن. ديومالائي شخصيتن کان وٺي، مفڪرن، سياستدانن ۽ سائنسدانن جون سوچون ۽ نظريا ٽڙيل پکڙيل آهن، جڏهن هڪ مورخ انهن وکريل واقعن کي ميڙي چونڊي ترتيب ڏيئي تاريخ جوڙي ٿو، ته انهن واقعن جي ترتيب تاريخ جو مفهوم پيدا ڪري ٿي ۽ تاريخ جي انهيءَ مفهوم کي سمجهڻ لاءِ مختلف نظريا پيدا ٿين ٿا، انهن ۾ اختلافن جو پيدا ٿيڻ ان لاءِ ضروري آهي جو تاريخ جي عمل ۽ ان جي رفتار ۾ هڪجهڙائي ناهي- بلڪ اختلاف آهن ۽ انهيءَ لاءِ تاريخ کي مختلف ۽ ڌار ڌار خيالن سان ڏٺو وڃي ٿو.

ڪجهه مفڪر ته، تاريخ ۽ ان ۾ جنم وٺندڙ واقعن کي 'حادثاتي' يا 'اتفاقي' قرار ڏين ٿا ان لاءِ هو تاريخ ۾ ڪنهن به مفهوم جي قابل ناهن، انهن جو خيال آهي ته، تاريخ ۾ جيڪي واقعا ظهور پذير ٿيا آهن، هي هڪبئي کان ڌار نظر اچن ٿا، انهن جو پاڻ ۾ نه ڪو واسطو آهي ۽ نه ئي وري ڪو تسلسل بلڪ انهيءَ جو هرهڪ واقعو پنهنجي ڌار حيثيت ۽ حقيقت رکي ٿو. انهن واقعن ۾ جنگين جو گوڙ، سازشن جا ڳانڍاپا، مٺن ۽ تاريخن جو آزار ۽ بيشمار نالن جون ڏکايون. انهيءَ لاءِ، انهيءَ مان ڪجهه به سيکي نٿو سگهجي. تاريخ ته هڪ بي معنيٰ شيءِ آهي. واقعا ٿين ٿا ۽ ٿيندا رهندا، انسان جو انهن تي ڪو به وس ڪونهي ۽ نه ئي انسان انهن واقعن مان ڪو سبق حاصل ڪري سگهي، انهيءَ لحاظ کان تاريخ هڪ بي مقصد ۽ بيڪار علم آهي... پر تاريخ متعلق ان مايوس ڪندڙ سوچ جي برعڪس، مفڪرن تاريخ کي ڪيترين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڌار ڌار جاين تان ڏنو ۽ لکيو آهي. انهيءَ ۾ ٽينڊز واقعن جي ذريعي انهن ۾ معنيٰ ۽ مطلب پيدا ڪيو آهي، انهن موجب، واقعا خودبخود جنم نٿا وٺن، بلڪ انهن جي تري ۾، انسان جو ذهن ڪم ڪندو آهي. جيڪڏهن واقعن جو تجزيو ڪيو وڃي ته اُن مان انساني ارادن، خواهشن ۽ محرومين جي چٽي طرح خبر پئجي سگهي ٿي ۽ اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ـ ڪيئن هڪ واقعو ٻئي واقعي سان، زنجير جي ڪڙين وانگر ڳنڍيل آهي. ڪوبه واقعو اڪيلو نه هوندو آهي، بلڪ اُن جي پس منظر ۾ ڪيترا سبب هوندا آهن. هڪ مورخ جو ڪم اهو آهي ته، هو واقعن جي سببن کي ڳولي ۽ انهن جي تسلسل جو گهرائي سان جائزو وٺي.

ڪجهه مورخ، انهي وڏي تاريخي ملڪيت مان صرف سياسي واقعا چونڊي انهن جي بنياد تي تاريخي عمل کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. انهن اڳيان، تاريخ ۾ شاهي حڪمران خاندانن ۽ طبقن تمام اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، ان لاءِ انهن مورخن جي تاريخ جو مرڪز، بادشاهه جي ذات، دربار، قانون، جنگيون ۽ سلطنت جو انتظام هوندو آهي. اهي هڪ خاڪو جوڙيندا آهن، جنهن ۾ سندن طبقاتي سوچ لڪيل هوندي آهي. انهيءَ تحت اهي بادشاهن ۽ حڪمرانن کي پرکيندا آهن ته، انهن ۾ ڪير سٺو هو ۽ ڪير خراب؟. انهن جا جوڙيل قانون ۽ سلطنت متعلق انتظامن مان فائدو ٿيو يا نقصان؟ اهي صرف سياسي واقعن کي، تاريخ جي عمل ۾ تبديلي جو سبب ڄاڻائيندا آهن ۽ معاشري ۾ ٽينڊز پيا سڀ واقعا نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهن.

هڪ ٻئي طرف کان، تاريخ کي جاگرافيائي حالتن تحت پرکيو وڃي ٿو ۽ انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو وڃي ٿو ته، آب هوا ۽ جاگرافيائي علائقا تاريخ جي تعمير ۽ تشڪيل ۾ حصو وٺن ٿا ۽ قومن ۾ ڌار عادتون ۽ خاصيتون پيدا ڪري، انهن ۾ خاص قسم جو ڪردار پيدا ڪن ٿا. ان لاءِ هر علائقي جا ماڻهو پنهنجين عادتن ۽ خصلتن ڪري سڃاتا وڃن ٿا. هرڪا قوم پنهنجي جاگرافيائي

خصوصيتن هيٺ ثقافتي روايتون ۽ ادارا تخليق ڪري ٿي ۽ انهن جا سچا عمل ۽ لاڙا، اُن علائقي جي آب هوا ڪري پروان چڙهن ٿا.

”فرائڊ“ جيڪو تاريخ متعلق نظريو پيش ڪيو، ان مطابق انساني تاريخ ۽ سماجي ادارا تڏهن وجود ۾ اچن ٿا، جڏهن آنهن تضادن کي دٻايو وڃي ٿو جيڪي اسانجي لاشعور ۾ موجود آهن، تهذيب اُن وقت وجود ۾ اچي ٿي جڏهن اسين پنهنجي جنسي خواهشن ۽ شهوت کي، جيڪي اسانجي لاشعور ۾ آهن. آنهن کي دٻايون، ڇوته لامحدود شهواني جذبات، قتل ۽ تباهي، غيراخلاقي جنسي تعلقاتن ۽ ويڙهه طرف وٺي وڃن ٿا ۽ اهڙا معاشرا، جن ۾ اهو سڀ ڪجهه هجي، آهي ”تهذيب“ تخليق ڪرڻ جي لائق نه هوندا آهن. جڏهن انسان پنهنجن جذبن کي سنڀالي ٿو، ته اُن وقت هو پنهنجي طاقت کي، تخليقي ڪمن طرف لڳائي سگهي ٿو ۽ تهذيب جي تخليق ڪرڻ ۾ ڀرپور حصو وٺي سگهي ٿو. انسان انهن خواهشن کي ڪيتري حد تائين دٻائي سگهي ٿو. ڪيتري سختي سان دٻائي ٿو ۽ انهن کي دٻائڻ لاءِ ڪهڙا طريقا اختيار ڪري ٿو آنهن سان، تهذيب ۽ ثقافت جو معيار مقرر ڪري سگهجي ٿو ۽ انهيءَ سان ئي آرٽ جون شڪليون وجود ۾ اچن ٿيون.

تاريخ کي، ڪجهه مفڪرن، فلسفيانه طريقي سان جانچيو ۽ ان جي پرک ڪئي. انهيءَ سلسلي ۾ ممڪن اها ڪوشش هئي ته تاريخ کي هڪ ڏار ۽ اعلي معني ۽ مفهوم ڏنو وڃي. ان لاءِ انهن، تاريخ کي وسيع پس منظر ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. انساني تهذيب جو وسيع مطالعو ڪيو. انهي خيال کان، هر تهذيب جو هڪ ڏار ڍانچو هوندو آهي. هر تهذيب جيوت رکندڙ آهي ۽ مختلف مرحلن مان گذري ٿي. ”والٽير“ تاريخي عمل کي ميڪانڪي قرار ڏنو ۽ سندس تشريح ڪجهه هن ريت ڪئي ته: فطرت، هر مخلوق لاءِ قانون مقرر ڪيا آهن، مثلاً: ”پکي“ آکيرو جوڙي ٿو، ”تارا“ پنهنجي مقرر ڪيل رستن تي هلن ٿا اهڙي طرح، دنيا ۾ تاريخي عمل ميڪانڪي انداز ۾ جاري آهي. جيئن ته انسان

معاشري لاءِ پيدا ٿيو آهي، ان لاءِ هو معاشري جي خاڪي ۾ پنهنجي تڪميل ڪري سگهي ٿو جيڪو قدرت، هن جي لاءِ جوڙيو آهي، جيڪو معاشرو هڪ دفعو مڪمل ٿي وڃي ٿو آهو تقليد هٿان ختم ٿي وڃي ٿو. جينيسس لاءِ صرف هڪ صدي هوندي آهي ۽ ان کان پوءِ ان جو تباهه ٿيڻ وارو عمل شروع ٿي وڃي ٿو. انهيءَ لاءِ تاريخ ۾ ترقي ۽ مڪمل ٿيڻ جا حصا هوندا آهن. معاشرو انهيءَ ۾ ۽ وحشت جي دور، پنهي جي وچ ۾ ڦيريون ڏيندو رهي ٿو... انهيءَ لاءِ والٽير، يورپ جي تهذيب جي باري ۾ پرآميد نه آهي- سندس نظريي موجب، آهو وقت ايندو جڏهن وحشي ماڻهو اوپيرا ڪري رهيا هوندا ۽ يورپي ريڍ انڌين ناچ طرف موٽي چڪا هوندا.

تاريخ ۾، قومن ۽ تهذيبن جي انهي گردش کي ابن خلدون، اشپينگلر ۽ ٽائن بي پنهنجن پنهنجن نظرين تحت پيش ڪيو. ”اشپينگلر“ به والٽير وانگر مغربي تهذيب کي زوال پذير سڏيو ۽ اڳڪٿي ڪئي اٿس ته ٢٣٠٠ هين صدي ۾ مغربي تهذيب مري ويندي ۽ انهي جي جڳهه سلاوي (روسي) يا چيني تهذيب وٺندي.

مذهبي نقطه نظر کان، جيئن ته ڪائنات پيدا ڪرڻ ۽ هلائڻ وارو خدا يا ديوتا آهي، ان لاءِ تاريخي عمل، ان جي مرضي ۽ خواهش سان هلي ٿو، ان نظريي اڳيان سڄي تاريخ ”خير“ ۽ ”شر“ جي تاريخ آهي. جنهن ۾ آخر فتح خير ۽ نيڪي جي ٿئي ٿي. انهن سان هڪ طبقو مذهبي وجودي مفڪرن جو آهي جن جي چوڻ مطابق- خدا انساني تاريخ جي تشڪيل ۾ دخل ته ڪونه ٿو ڏئي مگر انسان ۽ رب جي وچ ۾ جيڪو ڳانڍاپو آهي، آهو تاريخ کي جوڙڻ ۾ واهرو ٿئي ٿو.

ڇا شخصيتون تاريخ ساز ٿين ٿيون؟ انهي نظرئي جا حامي چون ٿا ته - حالتن جو ڌڻي، انهن کي تبديل ڪرڻ، وقت جي رفتار کي تيز ڪرڻ يا روڪڻ وجهڻ، تاريخ ۾ اهي سڀ ڪم شخصيتون ڪنديون آهن ۽ عام ماڻهو رڳو مسافر هوندو آهي، ان ۾ سوچڻ، سمجهڻ ۽ عمل جي صلاحيت نه هوندي آهي. جيڪڏهن شخصيتون

نہ هجن تہ معاشرو هڪ هنڌ ڄمي وڃي. هڪڙي لحاظ کان اهي شخصيتون، خدا جون نمائنده آهن، جيڪي هن ڪائنات کي هلائين ٿيون.

شخصيتن واري نظرئي جي لڳو لڳ هڪ ٻئي نظرئي مطابق تاريخ جي تشڪيل ۾، عظيم قومون حصو وٺنديون آهن. جن قومن ۾ تمام گهڻيون صلاحيتون ۽ توانائي آهي، اُنهن علمن ۽ فن کي تخليق ڪري ترقي ڪئي.... تاريخ ۾ وڏنڊ ۽ عظيم قومون يوناني ۽ يهودي آهن، جيڪي پنهنجن ڪارنامن کي آسمان تي چاڙهي پيش ڪنديون آهن ۽ تاريخ ۾ رکو پنهنجن ڪردارن کي وڌو ڪرڻ ۾ رُڌل آهن.

تاريخ ۽ انساني فطرت جي ٻانڌاپي ۽ تعلق تي زور ڏيندي، هيءَ ڳالهہ ڪئي ويئي تہ انساني فطرت تاريخ کي تخليق ڪري ٿي، ڇوتہ واقعن جي تري ۾، انسان جون ضرورتون ۽ سنڌس جذبا ڏين ٿا جيڪي انسان کي عمل ڪرڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا ۽ انهن جي مدد سان انسان پنهنجي تقدير جوڙي ٿو.

ميڪاولي، انساني فطرت متعلق چيو تہ انساني فطرت بنيادي طور برائي ڏانهن مائل آهي، انسان نيڪي صرف اُن وقت ڪري ٿو جڏهن ڪيس ان جي ضرورت هوندي آهي، فطري طور انسان بک، لالچ ۽ طاقت حاصل ڪرڻ لاءِ عمل ۾ رهي ٿو، سنڌس ويچهو جيئن تہ فطرت هميشه هڪجهڙي رهندي آهي، ان لاءِ تاريخ جو اهو ڪم آهي تہ ان ذريعي هو تاريخ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري.

ميڪاولي جي خصوصيت اها آهي تہ هن تاريخ کي هڪ "سيڪولر" خيال ڏنو. هن جي چوڻ موجب: انسان جي وجود ۽ آنهن جي سرگرمين کي عملي حقيقتن جي روشني ۾ جانچڻ ۽ پرکڻ گهرجي ۽ نہ ڪي مذهبي ۽ اخلاقي رسمن جي روشني ۾.... ميڪاولي "تاريخ" کي "مذهب" ۽ "اخلاق" کان ڌار ڪري ڇڏيو ۽ ان لاءِ سيڪولر ۽ سائنسي بنياد فراهم ڪيا. بقول "بيڪن"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تہ.... ميڪاولي ٻڌايو آهي تہ — انسان ڇا آهي؟ ۽ ان کي ڇا هئڻ گهرجي.

مارڪس سوچ جي لحاظ کان ـ تاريخي عمل ۾ پيداوار جا ذريعا، پيداواري واسطا ۽ طبقاتي ڪشمڪش تمام اهم ڪردار ادا ڪري ٿي.... جڏهن انهيءَ خيال هيٺ تاريخ جو مطالعو ڪيو ويو تہ انهيءَ تاريخي مطلب کي نئون رنگ ڏنو. انهيءَ خيال جي لحاظ کان اهو ڏسي سگهجي ٿو تہ نظرين ۽ سوچن جي تخليق ڪرڻ ۾ ڪهڙن طبقاتي مفادن جو ڪردار آهي، مختلف تحريڪون ڪهڙين حالتن ۾ پيدا ٿيون؟ ۽ انهن تحريڪن مان ڪنهن کي فائدو پهتو؟ غلامي واري عرصي ۾ ڪهڙا قانون تخليق ٿي رهيا هئا؟ جاگيرداري واري زماني ۾ ڪهڙن جڙن مان ثقافت جي جاءِ جڙي رهي هئي؟ انهيءَ جي مدد سان معاشري جي سياسي، سماجي ۽ تاريخي حيثيت کي سمجهڻ ۽ ان جو تجزيو ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي.

١٩٣٠ع ڌاري، فرانس ۾ تاريخ کي سمجهڻ جو هڪ نئون نقطہ نظر آيرو، جنهن ۾، جاگرافيائي، معاشي، سماجي، لساني ۽ تاريخي مواد کي گڏ ڪري انهيءَ مان وسيع انداز ۾، انساني معاشري جو مڪمل جائزو ورتو ويو.... انهيءَ خيال ۾، انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏنو ويو تہ، انسان ۽ ان جي طبعياتي ماحول سان جيڪو تعلق آهي ان کي ظاهر ڪيو ويو، انهيءَ خيال رکندڙ جي هڪ ترجمان ”لوسين فيبرو“ چيو تہ.... اسانکي هڪ اهڙي تاريخ جي ضرورت آهي جنهن ۾ مٽيءَ جي خوشبو هجي، ڳوٺ هجن، فصل ۽ ان جي لڻڻ جو محنت وارو پگهر هجي. تاريخ جي انهي نظرئي شهر بجاءِ ڳوٺن ۽ چونڊيل ماڻهن بجاءِ عوام کي تاريخ جو مرڪز بنايو.

تاريخ ۽ آمريت:

هڪ آمر جي حڪومت جو بنياد، جمهوري قدرن، روايتن ۽ ادارن تي نہ هوندو آهي، بلڪ هو پنهنجي سياسي طاقت کي

تشدد ۽ فوجي طاقت جي سهاري سان برقرار رکندو آهي، ان لاءِ ان جي اِها ڪوشش هوندي آهي ته هو اهڙين حقيقتن ۽ واقعن کي لڪائي، جن جي ظاهر ٿيڻ سان سندس حڪومت کي خطرو ٿي سگهي ٿو. آمر جو اهو مقصد هوندو آهي ته سندس حڪومت جون جيڪي ڪمزوريون آهن، اهي عوام اڳيان نه اچن ڇو ته انهن جي منظرعام اچڻ تي مخالف ڌر کي سگهه ملي ٿي ۽ هو تحريڪون هلائين ٿا.... ان لاءِ هر وقت اهو تاثر ڏيندو آهي ته سندس حڪومت مضبوط ۽ مستحڪم آهي، ۽ منجهس ايتري قابليت آهي جو هر مخالفت کي چيڀاٽي سگهي ٿو. ان لاءِ عوام کي غلط اطلاع پهچائڻ لاءِ ۽ کين ذهني طور پنهنجي حق ۾ سوچڻ لاءِ، هو تاريخ جي مضمون کي خصوصي اهميت ڏيئي استعمال ڪري ٿو.

تاريخ جي مضمون کي، خاص ڪري آئي وڏا مسئلا درپيش اچن ٿا، جتي ڪجهه عرصي کان پوءِ، آمر ايندو رهي ٿو. ڇو ته جيڪو به آمر اچي ٿو، اهو چاهي ٿو ته تاريخ سندس مقصدن لاءِ استعمال ٿئي. ان هر آمر، پنهنجي عهد ۾، پنهنجن نظرين مطابق تاريخ لکرائي ٿو ۽ ٿئي ائين ٿو، جو جڏهن هڪ آمر مري ٿو، يا ڪيس زوري ڏڪا ڏيئي اقتدار مان ڌار ڪيو وڃي ٿو ته نئين حڪومت گذريل عهد جي سڄي تاريخ کي ختم ڪري، مورخن کي نئين تاريخ تحرير ڪرڻ تي لڳائي ٿي ڇڏي. جيڪڏهن اِها نئين حڪومت، سياسي طور آمر سان اِختلاف رکندڙ آهي، ته مورخن کي ڇُٽ ڏني ويندو آهي ته گذريل دؤر جي مڙني خرابين ۽ ڪمزورين کي ظاهر ڪن، انهيءَ مقصد لاءِ مورخن کي آزادي هوندي آهي ته هو آمر جي دؤر ۾ ٿيل بدعنوانين تي آزادي سان لکي سگهن ٿا. انهيءَ حالت ۾ اِهو ٿيندو آهي ته جڏهن ڪو آمر حڪومت ۾ هوندو آهي ته اُن کي آزاديءَ جو مجاهد ۽ عظيم رهنما جهڙي لقبن سان ياد ڪيو ويندو آهي ۽ جڏهن اهو مري ويندو آهي يا معزول ڪيو ويندو آهي ته اُن کي اسان جا مورخ ظالم، خوني ۽ بدمعاش ڪري لکڻ لڳندا آهن.

انهي عمل مان اهو نتيجو نڪرندو آهي تہ جڏهن تاريخ کي وقت سان گڏ بدلايو وڃي، حقيقتن جـي چهرن کي رهڙيو وڃي ۽ واقعن کي حڪمرانن جي مرضي مطابق لکيو وڃي، تہ تاريخ پنهنجي اصليت ۽ سچائي وڃائي ويهندي آهـي ۽ هڪ علم جي حيثيت ۾ ان جي ڪا عزت ۽ ڪو احترام نہ رهندو آهي.

آهي ملڪ جتي آمريت جو دور تمام ڊگهو رهيو هجي تـہ اتي تاريخ کـي وڏيڪ مسئلن سان مهاڏو اٽڪائڻو پوي ٿو. ڇوتہ انهيءَ حالت ۾ تاريخ جو هڪ ئي نقطو پڙهايو وڃي ٿو ۽ انهيءَ ڳالهہ جي ڪنهن بہ صورت ۾ اجازت نہ هوندي آهي تہ، تاريخ کي تحقيق جي ذريعي جي نقطي کان پڙهايو وڃي. تخت جي ڌڻين جي مرضيءَ سان تاريخ جي حقيقتن ۽ واقعن کي تبديل ڪيو ويندو آهي ۽ انهيءَ ڳالهہ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي تہ حڪومت جي ڪمزورين جـو ڪوبہ نشان نـہ رهي، جيئن تاريخ ۾ آمـر جـي حڪومت کي بهترين ۽ عوام جو ڀلو ڪندڙ ثابت ڪري سگهجي.
انهيءَ سلسلي ۾ جارج آرويل لکي ٿو تہ: ”.... تاريخ هڪ اهڙي مسودي وانگر آهـي، جنهن کي ضرورت موجب، ڪيترا ڀيرا صاف ڪري لکي سگهجي ٿو. تاريخ کي حڪومت جـي زماني ۾، انهي جي مفادن جي روشني ۾ ترتيب ڏنو ويندو آهي....“

هڪ آمر دور حڪومت ۾، تاريخ ڪڏهن بہ معروضي نٿي رهي سگهي، بلڪ هر دفعي آمر جي پسند، ناپسند ۽ ان جي مرضي مطابق تبديل ڪيو وڃي ٿو ۽ مورخن تـي ڪڙي نظر رکي وڃي ٿي جيئن حڪومت جي خلاف ڪجهہ لکي نہ سگهن ـــــ ”نڪتيا خروشيف“ مورخن لاءِ چيو هو تـہ: ”مورخ خطرناڪ ماڻهو ٿيندا آهن. هر شيءِ کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏيندا آهن. ان لاءِ انهن جي نگراني ڪرڻ تمام ضروري آهي....“

آمرانہ دور ۾، تاريخ کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ اهڙا تحقيقاتي ادارا قائم ڪيا وڃن ٿا، جن ۾ مورخن کي اهڙي انداز ۾ ترتيب ڏني وڃي ٿـي جيئن هو اهڙي انداز ۾ تاريخ تحرير ڪن، جهڙي

طرح حڪومت چاهي.... اها حڪومت خاص ڪري نصابي ڪتابن جي تياري ۾ گهڻي دلچسپي وٺندي آهي ۽ ڏاڍي احتياط سان اهڙو مواد تيار ڪندي آهي، جنهن مان شاگرد ڪي ڳالهه جو هڪ طرف نظر اچي ۽ حقيقت ڪان پري رهي. وڏيڪ انهن ڪتابن ۾ اها ڪوشش ڪئي ويندي آهي ته تاريخي معلومات کي هڪ حد تائين محدود ۽ مختصر رکيو وڃي ۽ مڪمل تاريخ بدران ايتري تاريخ پڙهائي ويندي آهي جيڪا حڪومت جي مفادن لاءِ ضروري هجي.

حڪومت جي جوڙيل تحقيقي ادارن ۾، رڳو انهن موضوعن تي تحقيق ڪئي ويندي آهي، جن مان اهو محسوس ڪرائي سگهجي ته حڪومت جون پاليسيون اصل منڍ ئي تي ٺڪ آهن. پاڙيسري ملڪن جي تاريخ به نئين رنگ سان لکي ويندي آهي جيئن اُن مان خبر پوي ته اهي تعلقات تمام صحيح ۽ بهتر آهن. خاص ڪري انهيءَ عهد ۾ جديد تاريخ کي تمام وڏيڪ نقصان پهچي ٿو، ڇو ته انهي دور جو سنئون سڌو واسطو انهيءَ آمر حڪومت جي مفادن سان هوندو آهي.

تاريخ کي مسخ ڪرڻ جا ڪيترائي طريقا هوندا آهن، انهن مان هڪ طريقو جنهن طرف ”جارج آرويل“ اشارو ڪيو آهي، اهو هي ته، اهم ۽ ضروري حقيقتن يا واقعن کي يا ته صفا نظرانداز ڪيو وڃي يا انهن کي بلڪل مختصر طور لکيو وڃي .... ”ڪوڙ جي وڏيڪ طاقتور تصوير اها آهي ته واقعي کي وساريو وڃي.“ ان لاءِ سرڪاري مورخ تاريخ لکندي اهڙي چالاڪيءَ کان ڪم وٺندا آهن، جو اهڙا واقعا قلم جي نوڪ تي آڻيندا ئي نه آهن، جن سان حڪومت تي ڪو حرف اچي- يا اُن واقعي کي اهڙي طرح مختصر ڪري پيش ڪندا، جنهن مان ڪو مطلب ئي نه نڪري سگهي. ان جو سڀ ڪان وڏو مثال، اسان وٽ بنگلاديش جي علحيدگي آهي. اسان جي مورخن نه ته انهيءَ واقعي متعلق تجزيو ڪيو ۽ نه ئي ان ڏکوئيندڙ واقعي کي تفصيل سان پيش ڪيو. رڳو اهو لکي ڇڏڻ.... ”بنگلاديش هڪ آزاد ملڪ بڻجي ويو....“ ته تمام جلد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان کي وساريو ويو ان لاءِ ان مان ڪو به سبق حاصل نه ڪيو ويو.

آمر حڪومتن ۾، تاريخ جي علم جي پرورش محض ان لاءِ نه ٿي، ته سگهي جو ان کي آزادي سان واقعن جي تجزين جي اجازت نٿي ڏني وڃي.... انهن حڪومتن جي اها ڪوشش رهندي آهي ته اهي شهادتون جيڪي انهن خلاف آهن، انهن کي بلڪل ختم ڪيو وڃي. جڏهن حالتون بدلجي ٿيون ته تاريخ کي ٻيهر لکڻ جي ضرورت پوي ٿي ته مورخن کي تاريخ ترتيب ڏيڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي ٿئي ٿي.... ڇو ته سرڪاري دستاويز، اخبارون، رسالا ۽ سرڪاري رپورٽن ۾ رڳو حڪومت جي خيال جي ترجماني هوندي آهي ۽ سينسر ذريعي مؤثر تنقيدي ۽ مخالف نظرين کي ڪچليو ويندو آهي. انهيءَ سبب ڪري معاشري جي مڪمل تاريخ ترتيب نٿي ڏيئي سگهجي.

انهن آمر حڪومتن ۾ تاريخ کي اهڙي طرف کان ڏيکاريو ويندو آهي جنهن مان محسوس ٿيندو آهي ته تاريخ جي تشڪيل وڏين شخصيتن ئي ڪئي آهي. ان لاءِ ماڻهن کي ذهني طور ان ڳالهه لاءِ تيار ڪيو ويندو آهي ته سندن ڪردار ڪا به حيثيت ناهي، ان لاءِ انهن کي وڏين شخصيتن طرف ئي ڏسڻ گهرجي جيڪي سندن تقديرون بدلائيندا.... جڏهن هڪ دفعو ذهن ۾ اها سوچ گهر ڪري وڃي ته پنهنجو پاڻ تي اعتماد وڃائي ويهندا آهن ۽ عظيم شخصيتن جا وفادار ۽ غلام بڻجي ويندا آهن ۽ پوءِ هڪ آمر، معاشري ۾ پاڻ کي سچو ۽ عظيم ڪري پيش ڪندو آهي. ۽ کيس ان ڳالهه جي اميد هوندي آهي ته ماڻهو نه رڳو سندس عزت و احترام ڪندا بلڪ اکيون ٻوٽي ڪرڻ لاءِ به انهن جون نظرون منجهس هونديون. انهيءَ مقصد لاءِ هر آمر جي شخصيت کي باقاعده جوڙيو ويندو آهي ۽ ماڻهن ۾ ان جي قابليت ۽ ذهنيت جو پرچار ڪيو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته هن ۾ مافوق الفطرت خوبيون زباني گهڙي ماڻهن تي رعب ۽ دٻدٻو ويهاريو ويندو آهي ۽ اهو چيو ويندو آهي ته فلاڻي عظيم انسان جو مشن اڌ ۾ رهجي ويو هو، هي اُن جو پورائو ڪري

رهيو آهي.

آمريت واري دؤر ۾، انقلابي تاريخ جي لکڻ جي همت افزائي نه ڪئي ويندي آهي، ڇو ته انهيءَ دؤر ۾ انقلاب جي تصور کي مثبت انداز ۾ وٺڻ بجاءِ ان جا منفي پاسا جاچيا ويندا آهن. انهن وٽ انقلاب جو مطلب ئي هوندو آهي ته انهيءَ جي ذريعي قانوني حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو ۽ سڀني مستحڪم ادارن ۽ روايتن کي ٽوڙي سياسي پيچ ڌاهه ڪئي ويئي، انهي لحاظ کان انقلاب ماڻهن کي استحڪام نٿو ڏئي البته پيچ ڊوڙ ضرور بخشي ٿو.

اهڙي نموني تاريخ ذريعي، جمهوريت، سيڪولرازم، لبرل ازم ۽ روشن خيال نظرين خلاف تبليغ ڪئي وڃي ٿي. خاص ڪري مسلمان ملڪن ۾ اهو چيو وڃي ٿو ته اهي (انقلابي) نظريا مغرب جي سازش آهن، جيڪي مذهب ۽ ثقافت کي ختم ڪرڻ لاءِ جوڙيا ويا آهن، ان لاءِ انهن کان پري گذاريو وڃي انهن کي قبول ڪري پنهنجي تهذيب ۽ تمدن کي خراب نه ڪيو وڃي.

اهڙي ئي نموني، انهيءَ دؤر ۾ جيڪا تاريخ لکي وڃي ٿي، ان کي ”غدار“ ۽ ”وفادار“ وارو رنگ ڏيئي تخليق ڪيو وڃي ٿو. جڏهن هڪ آمر پنهنجي مخالفن خلاف ڪو قدم کڻي ٿو ته هن جي کنيل قدم کي ان لاءِ صحيح مڃيو ٿو وڃي جو انهن جي نظرن ۾ مخالف ملڪ ۽ قوم جا غدار آهن. ۽ انهي جي برعڪس، جيڪي فرد آمرن جي خدمت ڪن ٿا، انهن کي وطن جا وفادار ۽ ملڪ سان محبت ڪرڻ وارا ڪري ڏيکاريو ٿو وڃي.

انهي عهد جي تاريخ ۾، وطن پرستي تي تمام گهڻو زور ڏنو ويندو آهي ۽ جڏهن ماڻهن ۾ اهو جذبو سرجندو آهي ته عوام کي بار بار قربانين ڏيڻ لاءِ چيو ويندو آهي. انهيءَ حب الوطني جي جذبن ۾، ماڻهن کي مجبور ڪيو ويندو آهي ته هو پنهنجي مصيبتن، تڪليفن ۽ عذابن کي وساري ڇڏين ۽ آمر جي مڪمل حمايت ڪن.

پاڪستان ۾، جنهن طريقي جو سياسي نظام رهيو، ان ۾ تاريخ جو مضمون تمام گهڻو متاثر ٿيو. پهرين ته تاريخ کي پاڪستان

جي نظرئي جي آمريت سان مهاڏو اٽڪائڻو پيو ۽ نصابي ڪتابن کي، انهيءَ نظرئي تحت تيار ڪيو ويو، اهوئي سبب هو جو اختلافي نظرئي کي صفا برداشت نه ڪيو ويو ۽ پيو ته جيڪو ”نوآبادياتي نظام“ جي عهد جو جيڪو ڪورس هو ان کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي وئي. تاريخ جي مضمون ۾ جيڪي تبديليون آيون يا نيون تحقيقون ٿيون، انهن مان ڪو به فائدو حاصل نه ڪيو ويو ۽ ڪنهن به نئين تحقيق جي همت افزائي نه ڪئي وئي— البته ۱۹۷۰ع ۾ مرڪزي حڪومت، تاريخ ۽ ثقافت جي تحقيق لاءِ اسلام آباد ۾ هڪ ادارو قائم ڪيو پر ان ۾ نه ڪا تحقيق ٿي ۽ نه ئي وري ڪو نئون نقطه نظر پيش ڪيو ويو. جڏهن ته اسين اڄ ان به هندوستان جي تاريخ کي هندو مسلم ڪش جي رنگ ۾ بيان ڪري رهيا آهيون ۽ انهيءَ ڳالهه تي زور ڏيئي رهيا آهيون ته پاڪستان جي تخليق، هڪ نظرئي جي بنياد تي ٿي، انهيءَ خيال جي بنياد تي، آمرن کي سدائين اهو موقعو ملندو رهيو آهي ته، مڙيئي جمهوري ۽ سيڪيولر تحريڪن کي غير اسلامي ۽ غير نظرياتي چئي چيڀاٽيو ٿو وڃي.

۽ موجوده حالتن ۾، اسان وٽ تاريخ جو مضمون انتهائي اِڌ مئل حالت ۾ آهي ۽ ان ڳالهه جي ڪنهن به ڪوشش نه ڪئي ته ان کي آمرانه دؤر وارڻي ماحول يا نظرياتي زنجيرن مان آزاد ڪرايو وڃي. ان لاءِ اسان جي ملڪ ۾ آمريت هجي يا جمهوريت، ان ۾ نظرياتي رسا ايترا مضبوط آهن، جو انهن مان نه اسان جي تاريخ آزاد ٿي ٿئي نه سوچون ۽ نه ئي وري نظريا. اهڙي وايومنڊل ۾ ڪنهن روشن خيال ۽ انقلابي نظرئي جو تخليق ٿيڻ ناممڪن آهي.

هن وقت پاڪستان ۾، تاريخ جو مضمون پنهنجي مڙيئي سونهن ۽ اهميت وڃائي چڪو آهي، هتي تعليمي ادارن ۾ تربيت وارا مورخ ناپيد آهن جيڪڏهن اهڙي صورتحال رهي ته مستقبل ۾ ايندڙ آمرن کي به مورخن کي ڳولهڻ ۾ ڏاڍي تڪليف ٿيندي. پر آءٌ سمجهان ٿو ته اهو وڌيڪ بهتر آهي جو ته ڊپل ۽ ڪوڙي تاريخ لکڻ کان بهتر آهي ته تاريخ تحرير ئي نه ڪئي وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مورخ ۽ تاريخ:

تاريخ لکڻ لاءِ، مورخ جـو پهريون ڪم مواد ڪـي جمع ڪرڻ آهي. هڪ مورخ ۽ سائنسدان ۾ اهوئي فرق آهي ته سائنسدان وٽ تجربي ڪرڻ لاءِ سڀ مواد هوندو آهي، مگر مورخ کي، ماضي مڪمل ڪرڻ لاءِ ۽ پوءِ ان جو تجزيو ڪرڻ لاءِ پهروڪي مواد جي ضرورت هوندي آهي. مواد جمع ڪرڻ کانپوءِ مورخ کـي ٽن شين جي ضرورت پوندي آهي:

(۱) واقعن کي روايت ڪرڻ.

(۲) انهن جو مڪمل تفصيل لکڻ.

(۳) ۽ انهن جو تجزيو ڪرڻ.

واقعن کي روايت ڪرڻ جو مقصد اهو آهي تـه، ماضيءَ ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو آهي اُهو سڀ هيٺ مٿي بي ترتيب آهي، انهي ۾ واقعن جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو نظر نٿو اچي. هاڻ مورخ جو اهو ڪم آهي ته اول هو انهن واقعن جي صحيح هئڻ جو رستو ڇونڊي، پوءِ انهن کي ترتيب وار ۽ سن وار ڪري. تاريخ کي اهڙي ريت ترتيب ڏيڻ سان واقعن جي اهميت جزي ٿي پوي. جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته، هڪ واقعو بذات خود ڪجهه به ڪونهي، پر جيڪڏهن انهن واقعن کي پاڻ ۾ ملائي هڪ زنجير جوڙي وڃي، ته انهن ۾ نـه رڳو تسلسل قائم ٿيندو پر هڪ معنيٰ به نهي پوندي، ۽ اهائي معنيٰ تاريخ کي مطلب واري ۽ افاديت بخشي ٿي.

انهيءَ کان پوءِ، واقعن جـو تفصيل انتهائي ضروري آهي. واقعي جو پس منظر ڪهڙو آهي؟ انهيءَ عمل ۾ ڪير ڪير شريڪ هو؟ انهيءَ واقعي کان پوءِ، انهيءَ جا ڪهڙا اثر مرتب ٿيا؟ اهي تفصيل ۽ واقعي جو هـر لحاظ کان جائزو وٺڻ، تاريخي عمل کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد ڏئي ٿو. جيڪڏهن واقعي جا تفصيل معلوم نه هجن، ته نه انهن جو تجزيو ڪري سگهجي ٿو ۽ نه معاشري تي ان جي پوندڙ اثرن کي سمجهي سگهجي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روايتن ۽ تفصيلن کان پوءِ، مورخ جو اهو ڪم هوندو آهي ته، واقعي جو گهرائپ سان تجزيو ڪري ۽ اهي سوال آثاريا وڃن ته اهو واقعو ڇو ۽ ڪيئن ٿيو؟ انهي جا نتيجا ڪهڙا نڪتا؟ ۽ انهي جي ٿيڻ ڪري تاريخي عمل ڪهڙي حد تائين متاثر ٿيو؟

"ٽريولين" تاريخ نويسيءَ جا بنيادي اصول پڌائيندي لکيو آهي ته، مورخ جو ڪم آهي ته، سائنسي شهادتن جي بنيادن تي حقيقتن کي ڳولهي لهي. ۽ پوءِ تخلياتي بنيادن تي واقعن جو تفصيل بيان ڪري ۽ آخر ۾ ادبي بنيادن هيٺ لکي.

تاريخ ۾ واقعن جو هجوم هوندو آهي. هڪ فرد جي زندگي کان وٺي ڪري اجتمائي طور تي، قومن جي زندگيءَ ۾ اٿل پٿل ٿئي ٿي، حادثا جنم وٺن ٿا ۽ انهن سڀني جي اثرن هيٺ زندگيءَ جو عمل جاري رهي ٿو. هاڻي مورخ جو ڪم اهو هوندو آهي ته، انهن سڀني واقعن مان اهڙن واقعن جي چونڊ ڪري جن سان معاشري ۾ تبديلي آئي، يا جن واقعن تاريخي عمل کي متاثر ڪيو. انهن واقعن کي ترتيب ڏيئي، مورخ ان ڳالهه جي ڪوشش ڪري ٿو ته، انهن واقعن جي تري تائين پهچي سگهجي. رڳو انهن بيانن تي ياڙي نه ويهي پر انهن جي حقيقتن کي به ڳولهي لهي. حقيقت کي ڳولهي لهڻ لاءِ هن کي صحيح ۽ سچا حوالا ڏيڻ جي ضرورت هوندي آهي ۽ اهو سوچڻو پوندو آهي ته، ڪهڙو بيان ڇو ۽ ڪيئن غلط آهي؟ ڪهڙي شاهدي ڪمزور آهي؟ ۽ ڪهڙي دليل تي ڇو اعتراض ڪري سگهجي ٿو؟ ان لاءِ ضروري آهي، انهن ڳالهين کي اهڙي انداز ۾ بيان ڪجي جو هڪ بحث شروع ٿي وڃي ۽ پڙهندڙ جو ذهن سوچڻ تي مجبور ٿي پوي.

مورخ کي تاريخ لکڻ لاءِ بنيادي ماخذن تي ڀروسو ڪرڻو ٿو پوي. انهن بنيادي ماخذن ۾، دستاويز، ذاتي ۽ سرڪاري ڪاغذ، اخبارون، رسالا، ڊائريون، خط، سوانح حياتيون ۽ همعصر تاريخون هونديون آهن: انهيءَ کانسواءِ، آثارِقديمه ٻاران لڌل آهي. شيون جن کي خود انسان ڳولهي لهي ٿو، اهي ان جي زندگي ۽ اجتماعي

طور تي معاشري جي عڪاسي ڪن ٿيون، انهن شين ۾: گهر، رستا، قلعا، مسجدون، محلات، ڪتاب، لباس، زيور، فرنيچر، تصويرون، نقشا ۽ سڪا شامل آهن. انهن بنيادي ماخذن ۾ همعصر تاريخن ۽ دستاويزن جي وڏي اهميت هوندي آهي؛ ڇوته انهن جي شهادتن تي مورخ ماضيءَ کي مڪمل ڪري ٿو. ضروري اهو هوندو آهي ته مورخ انهن کي دلي طور تسليم نه ڪري، بلڪ انهن جي سچائي کي چيلينج ڪري انهن جي جانچ ۽ تجزيو ڪري ۽ پوءِ واقعن جي تسلسل مان اندازو ڪري ته، انهن بيانن مان ڪيترو حصو صحيح ۽ ڪيترو غلط آهي. انهن جي تعصب، پسند ۽ ناپسند کي ڏسي ۽ اهو تجزيو ڪري ته، انهن واقعن کي ڪهڙي انداز سان لکيو آهي ۽ حقيقتاً ان مان ڪهڙو مطلب نڪري ٿو.

بنيادي ماخذ جي اصلي ۽ نقلي هئڻ جي خبر پوڻ تمام ضروري آهي. ان لاءِ اهو ڏسڻ گهرجي ته، مسودو جنهن ڪاغذ يا کل تي تحرير ٿيل آهي ان جو تعلق ڪهڙي زماني سان آهي. لکيل سواد، قلم، مس ۽ ڪتابت کي ڏٺو وڃي، جيڪڏهن ان تي مهر لڳل آهي ته اها ڪهڙي قسم جي آهي، جيڪڏهن انهيءَ ۾ ماڻهن جا نالا آهن ته انهن متعلق معلومات ڪٺي ڪرڻ گهرجي. سن ۽ تاريخ ڪهڙي طرح لکيل آهي ۽ جيڪڏهن ڪو فرمان آهي ته ان جي ابتدا ۽ آخر کي ڏسڻ، ڇوته فرمان جي خاص زبان هوندي آهي جيڪا استعمال ڪئي ويندي آهي ۽ انهن جي روايتي ڇمان مان فرمان جي حيثيت جو اندازو ٿي سگهي ٿو. ڇوته اصطلاحن جو واسطو ايجاد سان هوندو آهي ۽ انهن جو استعمال تڏهن ٿيندو جڏهن ايجاد معاشري ۾ رائج هجي. زبان، محاورا ۽ استعمال ٿيندڙ لفظن رستي به عهد جي سڃاڻپ ڪري سگهجي ٿي، ڇوته زبان وقت سان گڏ تبديل ٿيندي رهي ٿي، ان ۾ نوان محاورا داخل ٿيندا رهن ٿا ۽ انهن جون نيون معنائون وجود ۾ اينديون رهن ٿيون. دستاويزن ۽ مسودن ۾ ڪتابت جون غلطيون ۽ انهن جي جانچ ڪرڻ. ڇوته مسودن جي نقل ٿيڻ وقت ڪاتب غلطيون ڪندا هئا ۽ ڪن جاين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏي پنهنجي طرفان جملا گهٽائي يا وڌائي ڇڏيندا هئا. ڪنهن مسودي جي اصليت ۽ ان جي عهد جي صحيح خبر لهڻ لاءِ هاڻي 'ڪاربن ڊيٽنگ' ۽ ٻيا ڪيميائي تجزيا ڪيا وڃن ٿا.

جيڪڏهن مورخ، بنيادي ماخذن جا ترجما استعمال ڪري ته ان ۾ به احتياط جي گهڻي ضرورت آهي، ڇوته اڪثر ترجمن ۾ غلطيون ٿي وينديون آهن ۽ انهن جي ٽيڪا ڪري، انهي ڳالهه جو سچو مطلب ڦري ويندو آهي.... انهي ڳالهه جو مثال برصغير جي تاريخ آهي، جن جا اڪثر فارسي ماخذن جا انگريزي ۾ ترجما ٿيا، انهن ترجمن ۾ جيڪي غلطيون ٿيون، آهي اڳيان هلي تاريخ جو حصو بڻجي ويون، ان لاءِ ضروري آهي ته، مورخ اصل زبان ۾ ماخذن کي ڏسي ۽ استعمال ڪري.

بنيادي ماخذن جي شهادت سچي، مورخ کي کپي ته، انهن شهادتن جو مختلف اندازن ۾ تجزيو ڪري. مثلاً: جيڪڏهن بيان اکين سان ڏٺل آهن ته اهو ڏٺو وڃي ته اهي بيان ترت تحرير ڪيا ويا آهن يا پوءِ دير سان لکيا ويا آهن. ڇوته واقعن کي جيڪڏهن ڪجهه دير سان تحرير ڪيو وڃي ته ڪيترا تفصيل تحرير ٿي نه سگهندا آهن ۽ ياداشت جي ڪمزور هئڻ ڪري واقعن جي شڪل بدلجي وڃي ٿي.

انهن بنيادي ماخذن جي مدد سان، جيڪا تاريخ تحرير ڪئي وڃي ٿي ان کي ٻيو نمبر حاصل هوندو آهي ڪيس 'ثانوي ماخذ' چيو ويندو آهي.... مورخ جي اها ڀرپور ڪوشش هوندي آهي ته، هو جنهن موضوع تي ڪم ڪري رهيو آهي، انهن متعلق بنيادي ۽ ثانوي ماخذن جو مطالعو ڪري، انهن مان گهربل مواد اخذ ڪري ۽ پوءِ وري پنهنجا نتيجا انهن مان تخليق ڪري.

تاريخ جي علم کي زنده رکڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته، ان کي وري وري لکيو وڃي، ڇوته وقت سان گڏوگڏ، هر موضوع تي نئين معلومات سامهون اچي ٿي، نوان مسودا ڳولهي لڌا وڃن ٿا. پراڻين غلطين کي ڳولهي ڪڍيو وڃي ٿو، نون خيالن ۽ نظرين سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واقعن جو تجزيو ڪيو وڃي ٿو.... ان لاءِ تاريخ کي وري وري لکڻ انهيءَ ضروري آهي ته، انهيءَ رستي غلط معلومات جيڪا تحرير ڏيل آهي ۽ گڏيل نقطهء نظر کي ختم ڪيو وڃي. ۽ نون خيالن ۽ نظرين جي روشني ۾ زماني ۽ وقت جي گهرجن موجب تاريخ لکي وڃي جيئن ماضي جي اها تاريخ معاشري جي ترقي ۾ حصو وٺي سگهي.

تاريخ جي باري ۾ اڪثر ڪري اهو سوال ڪيو ويندو آهي ته: انهيءَ مان فائدو ڪهڙو؟ ڇوته، اسين اهو ڏسون ٿا ته، ماضيءَ جي قدرن کي ڏاڍي بُري حالت مان ڇيريو ڦاڙيو وڃي ٿو، پراڻين غلطين کي ٻيهر ورجايو وڃي ٿو. جيڪڏهن مورخ سمجهي ٿو ته، تاريخ مان ڪجهه فائدا آهن، ته انهي لاءِ ضروري آهي ته، هو تاريخ زماني جي گهرج مطابق تحرير ڪري تڏهن ئي اهو هڪ فائديمند علم ثابت ٿي سگهي ٿو. مثلاً: موجوده وقت ۾ افراط زر هڪ اهم مسئلو آهي، تاريخ جي مطالعي مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته، اهو ماضيءَ ۾ ڇو ۽ ڪيئن پيدا ٿيو؟ ۽ ان کي ڇا جي لاءِ ختم ڪيو ويو؟ يا اسين تاريخ جي ذريعي، اهو به سکي سگهون ٿا ته دنيا ۾ آمر حڪومتن جو ڇا ٿيو؟ ڇوته جيڪي به آمر طرز جون حڪومتون هونديون آهن، آهي معاشري جي مسئلن ۽ بحرانن کي جذباتي رنگ ۾ پيش ڪنديون آهن. ۽ ماڻهن جو ڌيان هڪ طرف ڏڪي انهن ۾ لڪيل نفرتن کي اڀاريو ويندو آهي. ۽ وري انهن مسئلن ۽ بحرانن جو ذميدار مخالفن کي قرار ڏنو ويندو آهي. گڏريل حڪومتن تي الزام مڙهيا ويندا آهن ۽ اهو واعدو ڪيو ويندو آهي ته اهي مسئلا تمام جلد حل ٿي ويندا.

تاريخ جا شاگرد، انهن آمرن جي حڪومتن جي ڊانچن کان چڱي طرح واقف آهن. هاڻي مورخ جي اها ذميداري ٿئي ٿي ته هو تاريخ لکڻ وقت حال جي مسئلن جو حل ماضيءَ ۾ ڳولهي. اهڙي تاريخ معاشري کي شعور ۽ مستقبل لاءِ واٽ ڏسي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ جا سبق

انسان هن وشال ڪائنات ۾ فطرت جو هڪ حصو آهي ۽ ٻين مخلوقن وانگر هڪ مخلوق آهي. فطرت جي وسيع ۽ منجهيل نظام ۾ هن ڪي ڪا ڌار ۽ خاص اهميت به ڪونهي. ان لاءِ انسان جي اهميت فطرت کان وڌيڪ سندس جوڙيل تاريخ ۾ آهي، جيڪا هن ڪائنات جي ٻين مخلوقن کان کيس ڌار ڪري ٻيهاري ٿي ۽ برتري جو خيال بخشي ٿي. 'انساني تاريخ' ۽ 'فطرت جي تاريخ' ۾ انهيءَ ڪري فرق آهي ته، انسان تاريخ خود جوڙي ٿو ۽ فطرت جي تاريخ ۾ هن جو ڪو دخل ڪونهي.

'هيگل' ڪائنات ۾، انساني عمل متعلق چيو آهي ته، انسان ۾، فطرت محنت ڪي لازمي ڪيو آهي.... ان لاءِ انسان پنهنجي محنت جو ظاهر ڪندڙ آهي. انهيءَ محنت جي نتيجي ۾، جيڪو ڪجهه ظاهر ٿئي ٿو يا جيڪو تخليق ٿئي ٿو، اهو تاريخ کي جوڙي ٿو. انسان جي تاريخ، معاشري لاءِ هڪ ضرورت بڻجي ويئي آهي، ڇوته اها انسان جي ماضيءَ کي پاڻ وٽ محفوظ رکي ٿي. انهي سلسلي ۾ هي سوال نهايت اهميت وارو رهيو آهي ته ڪهڙو واقعو تاريخ ۾ محفوظ ڪجي ۽ ڪهڙي واقعي کي نظرانداز ڪري ڇڏجي؟ انهيءَ مان چونڊ جو مسئلو معاشري جي نظام ۽ ان جي ذهني ترقي تي ڇڏيل هوندو آهي. جيڪڏهن معاشري ۾ بادشاهت ۽ طبقاتي نظام آهي ته تاريخ جا واقعا ان جي چوڌارف گردش ڪن ٿا. جن ملڪن ۾ آمر نموني واري حڪومت هوندي آهي اتي جيڪڏهن مزدورن، شاگردن ۽ عوام جو قتلِ عام ٿيندو آهي ته انهن جو ذڪر نه اخبارن ۾ هوندو ۽ نه ذرائع ابلاغ جي ٻين وسيلن ۾. اهڙي ريت اهي واقعا تاريخ مان خارج ڪيا ويندا آهن. اهڙي ريت تاريخ ۾ واقعن جي چونڊ حڪمران طبقو پنهنجي مرضيءَ سان ڪندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. اهوئي سبب آهي جو اهڙي تاريخ ۾ خاندان ۽ شخصيتون وڏيڪ نظر اينديون آهن.

مٿين ڳالهه ذهن ۾ رکي، ضرورت ان ڳالهه جي هوندي آهي ته اهو ڏٺو وڃي ته واقعا ۽ حقيقتون ڪهڙيون هيون؟ ان وقت جي مورخن ان کي ڪهڙي نموني پيش ڪيو؟ انهن ائين ڇو ڪيو؟ جيڪڏهن انهن سوالن کي غور سان ڏٺو وڃي، ته اها خبر پئجي ويندي ته هڪ درباري ۽ سرڪاري مورخ، انهن واقعن جي چونڊ ڪري ٿو، جنهن ۾ حڪومت جا فائدا لڪيل هجن ۽ انهن واقعن کي نظرانداز ڪري ٿو ڇڏي، جنهن مان حڪومت جي مفادن کي ڪو خطرو هجي. تاريخ پڙهڻ وقت، جيڪڏهن انهن ڳالهين کي ذهن ۾ رکيو وڃي ته دؤر جي تاريخ کي سٺي نموني سمجهي سگهجي ٿو.

تاريخ جو مطالعو انساني نفسيات، ڪردار ۽ ان جي شخصيت کي سمجهڻ ۾ پڻ واهرو ثابت ٿئي ٿو. هن زمين جي مٿاڇري تي، جتي جتي انسان، تاريخ کي جوڙيو، اها تاريخ پنهنجي اندر جي انسان کي سکائڻ جو تمام وڏو علم رکي ٿي. انهيءَ مان انسان شعور حاصل ڪري ٿو، پنهنجي سوچ ۽ لوچ کي تبديل ڪري ٿو ۽ انيڪ سبق حاصل ڪري ٿو.

تاريخ جو سڀ کان ضروري سبق اهو آهي ته، دنيا ۾ ڪا به شيءِ سدائين لاءِ هڪجهڙي ناهي، هر شيءِ ۽ هر عمل وقت سان گڏ تبديل ٿيندو رهي ٿو. ’نيڪاولي‘ انهيءَ جي باري ۾ چيو آهي ته، نيڪي به هڪ انساني عمل آهي ۽ جيئن ته عمل وقت سان گڏ بدلجندو رهي ٿو ان لاءِ نيڪيءَ جو تصور به تبديل ٿيندو رهي ٿو مثلاً: جاگيرداري دؤر ۾، هر طبقي جون نيڪيون ۽ لڇڻ ڌار ڌار هوندا هئا. جڏهن هارين ۽ غلامن جي سٺائي اها هئي ته هو وفادار، جان ڏيڻ وارا ۽ نمڪ حلال هئڻ ضروري هو، عورتن لاءِ عزت دار ۽ پاڪيزا، شرم واريون، مڙس ۽ ٻارن جي خدمت ڪرڻ وڏي خوبي هئي ۽ حڪمران طبقي لاءِ اهو ضروري هو ته، هو سخي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهادر، سورما ۽ فياض هجن.

صنعتي دؤر ۾، مزدورن جون خصلتون ۽ نيڪيون بدلجي ويون، انهن لاءِ محنتي هئڻ، ايماندار، ڪم ڪرڻ وارو، ٽائيم ٽڪ جو پابند هئڻ تمام اهم ٿي پيو ۽ سرمائيدارن جا ليڇڻ به بدلجي ويا، آهي ڪفايت ڪرڻ وارا، حساب ڪتاب جا پابند، روپئي پئسي جي بچت ڪرڻ وارا ۽ فضول خرچي کان پاسو ڪرڻ وارا بڻجي ويا.

تاريخ اسانکي ٻڌائي ٿي ته، هر دؤر ۾ حڪمران طبقي، اهڙن ليڇڻن ۽ اصولن کي سدائين لاءِ قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪي سندن لاءِ فائدو ڏيڻ واريون هجن. پر وقت سان گڏو گڏ اهي روايتون به بدلبيون رهيون.... طبقاتي معاشري ۾ جتي چند طبقن جي برتري هجي، اتي پاڻ کان هيٺين طبقي واري سان خوش اخلاقي ۽ نرمي سان ڳالهائڻ به هڪ نيڪي ۽ خوبي آهي. ڪنهن هاري لاءِ اهو وڏو اعزاز هوندو آهي ته، هن جي زميندار سائس مرڪي ڳالهايو.... پر آهي معاشرا جيڪي انهي دؤر مان لنگهي آيا ۽ هاڻي ان مقام تي بيٺل آهن جتي معاشري جي هر فرد کي هڪ جيتري عزت حاصل آهي، اتي خوش اخلاق ٿيڻ يا نرمي سان ڳالهائڻ، ڪا خوبي يا ڪا نيڪي ڪونهي.

تاريخ اسانکي اهو به ٻڌائي ٿي ته، ظلم، ۽ سختي سان، ڪنهن به نظام کي گهڻو عرصو زنده نٿو رکي سگهجي. ڇو ته جيترو ظلم ٿيندو ان خلاف اوترو ئي نفرت ۽ مخالفت ٿيندي، جيتريون سخت سزائون هونديون، اوتري ئي انهن خلاف نفرت جنم وٺندي. ان لاءِ آمر حڪومتون، پنهنجين ڪرين سزائن ۽ ظلم جي بار هيٺان خود دٻجي مري وينديون آهن.

تاريخ، اسانکي اهو به ٻڌائي ٿي ته، جمهوري ادارا سدائين زنده رهندا آهن. ڇو ته انسان جي اها جبلت آهي ته، گڏجي رهجي ۽ گڏجي پنهنجن مسئلن جو حل ڳولهي لهجي. ان لاءِ هندوستان ۾ پنچائت جو نظام، لهوارين اوپارين جي باوجود به زنده رهيو. ڇو ته انهيءَ ۾ ماڻهن جي شرڪت آهي. جيڪي فيصلا جمهوري انداز

۾ ڪيا ويندا، انهن جا نتيجا به صحت مند ٿيندا آهن محض ان لاءِ جو انهن جو واسطو عوام سان هوندو آهي.

تاريخ، اهو به سبق ڏيئي ٿي ته، اخلاقي طور تي، عوام، حڪمرانن کان سٺو هوندو آهي. ڇو ته انهن جون ضرورتون محدود هونديون آهن، انهن جي خواهش هوندي آهي ته، سندن زندگي سک ۽ آرام سان گذري، جڏهن ته حڪومتي طبقو لالچي، خود غرض، ظالم ۽ جابر هوندو آهي. هو پنهنجي ذاتي مفادن تي، هر نيڪي ۽ خوبي قربان ڪري ڇڏيندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ جو علم

تاريخ جي تعريف، ڪجهه هن ريت ڪري سگهجي ٿي ته، تاريخ اهو علم آهي جنهن ۾ تهذيب پنهنجي ماضيءَ کي بيان ڪري ٿي. يا تاريخ مرحلي وار، انساني ذهن ۽ سندس شعوري ترقي کي چٽو ڪري ٿي ۽ انسان جا ڪيل تجربا پڌائي ٿي.

هن وقت 'تاريخ' ۽ 'سماجي علمن' جو پاڻ ۾ مقابلو آهي، ڇوته سماجي علم هن دور ۽ وقت جي مسئلن متعلق آهن ۽ انهن جو تجزيو ڪن ٿا.... ان لاءِ ماڻهو اهو پڙهڻ چاهين ٿا، جيئن اهو سندن مسئلن جو حل ڳولي لهي، جيئن ته تاريخ جو واسطو ماضيءَ سان آهي، ان لاءِ هن کي حال کان ڌار رکيو ٿو وڃي.... پر جيڪڏهن تاريخ کي، ان اندازسان لکيو وڃي جو بيان ته 'ماضيءَ' جو ڪجي پر تجزيو 'حال' جو هجي ته، انهيءَ تاريخ جو واسطو حال سان جڙي پوندو ۽ اهڙي طرح سان تاريخ جي مطالعي ۾ دلچسپيءَ جو انگ وڌي ويندو.

جيڪڏهن ٿورو ڌيان سان ڏٺو وڃي ته، ماضيءَ جي تاريخ ۽ حال جي وچ ۾ هڪ ڊائيلاگ آهي. انهيءَ ڊائيلاگ ۾، عملي طور حال وڌيڪ حصو پتي رکي ٿو، ڇوته حال ۾ مورخ، ماضيءَ جي واقعن کي بيان ڪندي، ان جي رازن تان پردا کڻي ٿو، جيڪي هيستائين محققن کان لڪل هئا ۽ خود ماضيءَ جي معاشري کي به چاڻ ڪانه هئي ان لاءِ مورخ، اهم ڪم اهو ڪري ڏيکاري ٿو ته، هو ماضي ۽ حال کي پاڻ ۾ ڳنڍي ٿو.

هر تهذيب ۾ اهو شوق رهيو آهي ته، پنهنجي ماضيءَ جي واقعن کي ياد ڪري ۽ محفوظ رکي. آهي معاشرا جيڪي علم کان اڻ ڄاڻ هئا، اهي پنهنجي روايتن کي زباني ياد رکندا هئا. مگر ڪين اهي شيون ياد هونديون هيون، جيڪي انهن لاءِ ضروري هيون، باقي ٻين ڳالهين کي هو وساري ڇڏيندا هئا، ان لاءِ زبان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واقعن جي تسلسل کي زنده نٿي رکي سگهي. انهي جي برعڪس تعليم يافته معاشري ۾، ثقافتي روايتون مسلسل وڌنديون رهن ٿيون ۽ بغير ڪنهن وسارڻ ۽ وڃائڻ ۾ جمع ٿينديون رهن ٿيون ۽ پوءِ تاريخ انهن کي گڏ ڪري هڪ معني بخشي ٿي.

تاريخ جي باري ۾ دلچسپي البته مشرق توڙي مغرب، ٻنهي جاين تي رهي. مگر سندس ارتقا ڌار رنگ ۾ ٿيو. هندستان ۾ مذهبي خيالن جي ڪري تاريخ طرف گهٽ ڌيان نه ڏنو ويو، انهن جي اڳيان: دنياوي معلومات ڏانهن ڌيان نه ڏيڻ گهرجي بلڪ روحاني ترقي گهڻي ضروري ۽ اهم آهي. برهمڻن جو اهو نظريو ته، دنيا تمام گهڻي قديم ۽ فنا ٿيندڙ آهي. سڀ شيون ناپائيدار آهن. آسماني طاقتون انسان جو پاڻ جوڙين ٿيون ۽ انسان فنا لاءِ هڪ ڦيري ۾ ڦري رهيو آهي. انهن نظرين، تاريخي فڪر ۽ نظرين کي اڀرڻ نه ڏنو.

مشرق جي ٻي وڏي تهذيب "چين" جي هئي. هتي البته شاهي خاندان جي تاريخ تحرير ڪئي ويئي. بادشاهن جي حالتن ۽ سلطنت جي تفصيلن کي محفوظ ڪيو ويو. پر اهي سڀ، واقعن کي سن وار بيان ڪرڻ تائين محدود رهيا ۽ تاريخ کي نن ڳالهين لاءِ استعمال ڪيو ويو.

(١) اخلاقيات (٢) تعليم (٣) انتظامي ضرورتون

اهڙي طرح، تعليم ۽ اخلاقيات کي انتظاميه سان برابر ڪيو ويو ۽ نظريو اهو جڙيو ته دنيا هڪ ڦيري ۾ آهي ۽ هر شيءِ گردش (چڪر) کانپوءِ پيهر پنهنجي جاءِ تي موٽي اچي ٿي. بادشاه زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ هڪجهڙائي قائم ڪريو وينو آهي. انهيءَ سبب ڪري مورخن کي، انهيءَ ڳالهه جي ڪا ضرورت ڪانه هئي، ته آهي واقعن جو تجزيو ڪن ۽ انهن جا سبب بيان ڪن. انهي ڳالهه تاريخي نظرين کي جنم نه ڏنو.... اهڙي طرح، دنيا جي ٻن وڏين تهذيبن (چين ۽ هندستان) مذهبي خيالن ۽ سماجي ڍانچي جي ڪري، تاريخي تحقيق کي اڀرڻ نه ڏنو.

انهيءَ جي ابتڙ، 'يونان' ۾ تاريخ جو جيڪو مطلب ظاهر

ٿيو آن ۾ واقعا، مثان يا الاهي طاقتن سان نہ پر خاص قانونن جو نتيجو هئا ۽ انهن جو ٻي سبب هئا. ان لاءِ انهن واقعن کي سمجهڻ ۽ انهن جو تجزيو ڪرڻ ۾ وڏيڪ سهوليت هئي. ڇوتہ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جو سبب هجي، تہ ذهن ان کي سڃاڻڻ ۽ پرکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ انهي سان سائنسي سوچ پيدا ٿئي ٿو.

يورپ ۾ عهد وسطيٰ ۾، جڏهن چرچ جو غلبو هو تہ تاريخ مذهب جي اثر هيٺ رهي. پر تحريڪ نشاہ ثانيہ ۽ اصلاح تحريڪ مذهب، ڪانپوءِ تاريخ جي مفهوم ۾ ڦيرو آيو. خاص ڪري رومانوي تحريڪ، تاريخ جي فڪر ۾ انقلابي تبديليون ڪيون. انهي تحريڪ جا فڪري بنياد، انفرادي آزادي تي ٻڌل هئا، ۽ انهن اڳيان آزادي جي وڏي اهميت هئي.

فرانسيسي مورخ "مشلي" انهي ڳالهہ تي زور ڏنو آهي تہ، ماڻهن جي حرڪت سان، تاريخ ۾ تبديليون اچن ٿيون. اهو ماڻهن جو جذبوئي هو جن گڏجي بيسٽل کي فتح ڪيو ۽ فرانس جي تاريخ ئي بدلائي ڇڏي.

رومانوي تاريخ جي هڪڙي خصوصيت اها بہ آهي تہ، ان تخيل جي نشو و نما ڪئي ۽ تاريخي عمل ۾ زندگي ۽ طاقت کي ڏنو. انهن جو رويو ماضيءَ طرف ڏاڍو همدردانہ هو. آهي ماضي ۽ جي زماني کي وحشت ۽ بربريت جو زمانو نہ ڪوٺيندا هئا. "ڪولنگ ود"، روشن خيال دور جي مفڪرن تي تنقيد ڪندي چيو تہ، تاريخ جو دائرو وسيع هئڻ گهرجي ۽ انهن پهلوئن کي سامهون آڻڻ گهرجي، جن کي نظر انداز ڪيو ويو هو ۽ وحشت جو دور سمجهي، توجهہ جي قابل نہ سمجهيو ويو هو. جرمن جي مفڪرن انهيءَ نظرئي تحت تاريخ تي ڪم ڪيو. انهن عهد وسطيٰ تي تنقيد ڪرڻ بدران، ان جي تعريف ڪئي. اهو ڪم انهن اهڙي ريت ڪيو جو روشن خيال مفڪرن جيڪي انهن کي روايتن ۽ اقدار جي ساري تورڻ سان گهٽ سمجهي رهيا هئا. انهن پنهنجن پيمانن کي تبديل ڪيو ۽ تاريخ کي وسعت بخشي. جيئن تہ جرمني

۾ تاريخيت جو مفهوم پيدا ٿيو، جنهن تـاريخ جي سمجهڻ ۾ مدد ڏني. جرمن جي هڪ مفڪر، تاريخيت جي ارتقا کي هن ريت بيان ڪيو آهي:

١- رومانـوي تحريڪ، جنهن قديم عهد ۽ قـديم ماڻهن ۾ تاريخ سان دلچسپيءَ پيدا ڪئي ۽ انهن کي خيالي بنايو ۽ ماڻهن کي احساس ڏياريو ته، ماضيءَ کي کهڙي طرح، هڪ جذبي وانگر ڏٺو وڃي ۽ ان جي ساراهه ڪئي وڃي.

٢- پروٽسٽنٽ جرمني ۾ تقوي جي تحريڪ هئي جنهن کي تصوف ترقي ڏني ۽ اِهـا انساني نفسيات تـي اثـر انداز ٿي. ان انفرادي شعور کي فروغ ڏنو ۽ گڏوگڏ مذهبي تجربن کي، زندگي جي پين معاملن سان ڳنڍيائين، جنهن ڪري ذهن نوان خيال پڏڻ لاءِ تيار ٿي ويو، ايستائين جو تقوي جي خلاف پڻ.

٣- قديمي دؤر جي آرٽ سان نفسياتي ڳانڍاپڻو پيدا ٿيو.

٤- هن اِنفراديت کي سگهه بخشي.

جرمني جي مشهور مورخ "رابڪي" تاريخ کي هڪ واپار بنائي ڇڏيو. هن کان اڳ تاريخ اديبن ۽ فلسفين لاءِ هڪ مشغلو هئي، پر هن ڪانپوءِ، تـاريخ پيشه ور مورخ لکڻ لڳا ۽ تاريخ کي لکڻ لاءِ سائنسي بنيادن تي قانون ترتيب ڏنـا ويا. مواد جي ڇنڊ ڇاڻ جا طريقا جوڙيا ويا. يونيورسٽين ۾ تاريخ جا شعبا قائم ڪيا ويا. تاريخ جون انجمنون ٺهيون، تـاريخ جـا تحقيقي ۽ علمي رسالا نڪرڻ شروع ٿيا ۽ اهـڙي طـرح تاريخ جو علم هڪ سنجيدو ۽ سائنسي علم ٿهي پيو ۽ انهيءَ لائق ٿي ويو جو، ماضي ۽ حال جي پرک ڪري سگهي.

تاريخ جي تعريف

تاريخ جي ڪا تشريح ممڪن ڪونهي. ان لاءِ جيڪڏهن سوال پڇيو وڃي ته، تاريخ ڇا آهي؟ ته انهيءَ سوال جي جواب ۾ ڪيترين ئي تشريحن ذهن ۾ تري ٿيون اچن. انهن مان هڪ تشريح هيءَ آهي ته، تاريخ ان عمل جي دريافت آهي، جنهن مان لنگهي اچ جو انسان هڪ مرحلي تي پهتو آهي. انهيءَ جو مقصد هي ٿيو ته اج اسين، انسان ۽ ان جي تخليق ڪيل روايتن توڙي قدرن کي جنهن اسٽيج تي ڏسي رهيا آهيون آهي ماضي مان تبديلي جي عمل مان لنگهي هتي پهتيون آهن، ۽ انهيءَ تبديلي کي حال جي صاف ۽ چٽي طريقي سان ڏسي سگهجي ٿو. تاريخي عمل کي ٽن حالتن ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو.

هڪ آهو عمل، جيڪو سدائين هڪ رهي ٿو ۽ هر تبديلي جي مخالفت ڪري ٿو. ٻيو آهو جنهن ۾ تبديلي آهستي آهستي ۽ ماٺ ۾ اچي ٿي ۽ ٽي آهيا حالت، جنهن ۾ تبديلي جي حيثيت انقلابي هجي. انهن ٽنهي حالتن جا نتيجا ۾ ڌار ڌار ٿين ٿا. ڪنهن معاشري کي سمجهڻ لاءِ ضروري هوندو آهي ته، ان کي ڏٺو وڃي ته آهو ڪهڙي حالت ۾ ويڙهيل آهي.

هڪ آمريڪي مورخ 'چارلس بيرڊ' تاريخ جا چار اصول ٻڌايا آهن:

١- جڏهن اونداهي ڇانئجي وڃي ته تارا نمڪڻ لڳندا آهن.

٢- ماکيءَ جي مک جيڪا گلن جو رس چوري ڪري ٿي آها ماکي مهيا ڪري ٿي.

٣- خدا جنهن کي تباهه ڪرڻ چاهي ٿو ته، پهرين ان کي چريو ڪريو وجهي.

٤- خدا جو جنڊ آهستي پيهي ٿو پر سنهو پيهي ٿو.

تاريخ جو اهم موضوع، خود انسان جي ذات هوندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ جي وضاحت ڪندي ’وليم ڊل ٿي‘ چيو آهي تہ، ”انسان جي ڪا فطرت ڪانهي. هن وقت جيڪو ڪجهہ آهي، اهو تاريخ آهي.“ اهڙا تاريخ انسان جي نقطہ نظر سان فطرت ۽ ماحول کي ڏسي ٿي ۽ مطالعو ڪري ٿي تہ، انسان تاريخ ۾ ڇو ۽ ڪيئن فطرت جو مقابلو ڪيو؟ سياسي، معاشي ۽ سماجي ادارا ڪيئن جوڙيا؟ ۽ تبديلي جي انهيءَ عمل ۽ فطرت ۾ ڇو ۽ ڪيئن ڦيرو آيو؟ ڇو تہ تاريخ ۾ نہ رڳو انسان تبديل ٿيندو رهيو آهي پر گڏوگڏ پنهنجي ماحول کي بہ تبديل ڪندو رهيو آهي. ان لاءِ جو انسان شعور رکي ٿو ۽ اهوئي سبب آهي جو هو پنهنجي تاريخ کي بيان ڪري ٿو ۽ پنهنجي مخلوقن کي بہ پنهنجي سوچ جي اک سان ڏسي ٿو ۽ اهڙي طرح فطرت ۽ جانورن جي تاريخ بہ، انسان جي تاريخ ٿي وڃي ٿي. هن فطرت جو جيڪو استحصال ڪيو آهي، آهي هن جا ڪارناما بہ جي وڃن ٿا.

هڪ اطالوي مفڪر، انهي سلسلي ۾ چيو آهي تہ، انسان فطرت کي نٿو سمجهي سگهي ڇو تہ هن فطرت کي نہ ڏاهيو آهي، پر پنهنجي تاريخ کي سمجهي سگهي ٿو. ڇو تہ اهڙا تاريخ هن جي پنهنجي ڏاهيل آهي، انهيءَ ۾ هن جو ذهن، هن جون سرگرميون ۽ عمل لڪيل آهن، انهي ڪري هو انهيءَ تان پيل پردي کي ڇڪي لاهي سگهي ٿو. انسان پنهنجي عقل، دليلن ۽ شعور جي مدد سان هن کي وڌيڪ سٺي نموني سمجهي سگهي ٿو. جڏهن تہ تاريخ جو واسطو رڳو هن دنيا سان ئي آهي. ان لاءِ انسان اهو چڱي طرح ڄاڻي سگهي ٿو ۽ ڪيس پنهنجي طاقت هيٺ آڻي سگهي ٿو.

تاريخ ڪيئن گڏ ڪجي جيئن، ماضيءَ ۾ ٿيڻ واري عمل کي سمجهي سگهجي؟ ان لاءِ ڪجهہ مفڪر اها ڪوشش ڪن ٿا تہ، تاريخ جا قانون ڳولهي لڌا وڃن ۽ انهن جي مدد سان، تاريخي عمل، ان جي رفتار، اثر ۽ مفهوم معلوم ڪيو وڃي. پر انهيءَ ڳالهہ جي رد عمل ۾ ڪجهہ مفڪر اهو چون ٿا تہ، اهو ڪم تاريخ جو نہ آهي جو، تاريخي عمل کي قانونن جي زنجيرن ۾ وڪوڙي

انهيءَ عمل جي پڪ ڪجي. پر انهيءَ جو ڪم هي آهي ته، تاريخ جي انهن مختلف شڪلين کي پنهنجي زير اثر ڪري جيڪي وقت سان گڏ پيدا ٿين ٿيون ۽ بدلبيون رهن ٿيون. تاريخ جو ڍانچو ڪو آسماني ناهي، جنهن جي بناوت عقل يا مذهب ذريعي ڪئي ويئي آهي. پر تاريخ ۾ ته، فرد جون سرگرميون ۽ انسان جا ڪيل عمل آهن. هن جو دائرو گهڻو وسيع آهي. هن ۾ چٽيون ڪرڻ واريون تصويرون بس آهن ۽ جڏهن انهن جي روشني ۾ مختلف تهذيبن ۽ ثقافتن جو مطالعو ڪيو وڃي ٿو ته، تاريخ ڏاڍي رنگين ۽ وڻندڙ نظر اچي ٿي.

تاريخ ۾، اهو نٿو چئي سگهجي ته، هڪ عهد جي اهميت آهي ۽ هڪ عهد جي نه. بلڪ تاريخ ۾، هر زماني ۽ هر گذريل وقت جي اهميت پنهنجي جاءِ تي قائم آهي. جرمن مورخ 'رانڪي' جي لفظن ۾، هر دؤر جي پنهنجي اهميت هوندي آهي. ڪن جي ٿوري يا ڪن جي گهڻي نه، پر برابر، چو ته ڪن دورن ۾، انقلاب جي تياري ٿئي ٿي ۽ ڪجهه دورن ۾ اهو ڪم مڪمل ٿي وڃي ٿو. بقول رانڪي جي ته، تاريخ جا دور، خدا کان سواءِ اهم اهميت رکندڙ آهن.

"ٿيوسوڊائڊس" موجب، انساني سماج ۾ تاريخ جي اهميت ان لاءِ آهي جو، ان ۾ سندس تجربا آهن ۽ تاريخ مان انسان ان لاءِ فائدو پرائي ٿو سگهي جو ان ۾ هڪ جهڙا واقعا ٻيهر ورجايا وڃن ٿا. ان لاءِ 'پولي بيس' چيو آهي ته، تاريخ مان اسانکي جيڪا معلومات ملي ٿي، اهو ان لاءِ فائدو ڏيندڙ آهي ته، اها اسانجي فيملي جي طاقت کي وڌائي ٿي ۽ ڪوشش ڪري اسانکي صحيح رستي تي وٺي وڃي ٿي. جيڪڏهن تاريخ مان راهنمائي ڪرڻ جو عنصر ڪڍي وڃجي ته پوءِ تاريخ ۾، اهو ڪجهه به نه بچندو. تاريخ جي انهيءَ اهميت جي ڪري مورخن جي حيثيت ۾ اضافو ٿيو ۽ ان مان هڪ وڏو نقصان اهو ٿيو جو، مورخن ڪان، پنهنجي مرضي مطابق، تاريخ جي ڇهري کي رهڻ جو ڪم ورتو ويو. ڪيترن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مورخن، اخلاقي سبق سيکارڻ لاءِ هن سان پنهنجي مطلب جون ڳالهيون ڪيون ۽ تاريخ کي بگاڙي ڇڏيائون. حڪمران طبقي، تاريخ کي ان لاءِ ڦٽايو، ته انهيءَ ذريعي پنهنجي حڪومت کي جائز ثابت ڪري ڏيکارين ۽ پنهنجي خاندان جي عظمت ۽ عزت قائم ڪن. سياسي پارٽين ۽ مذهبي جماعتن، پنهنجن نظرين کي قبول ڪرڻ لاءِ تاريخ کي هڪ هٿيار طور استعمال ڪيو.

مٿين سڀني عمل جي، رد عمل طور، تاريخ کي هڪ سائنس بنائڻ جي ڪوشش ڏني، جيئن ان کي ڪو پنهنجي مفادن لاءِ استعمال نه ڪري سگهي ۽ نه ئي ورتي فلسفيانه رد و بدل، واعظ نه اخلاقي سبق ۽ نه تفريح طور استعمال ڪري سگهي بلڪ تاريخ جو ڪم حقيقتون پيش ڪرڻ هجي. ”جي-بري“ چيو ته، جڏهن تاريخ هڪ فن رهي ته، ان ۾ سچائي ۽ پرکڻ جا معيار ڪي سخت نه هئا. ان لاءِ تاريخ کي هڪ سائنس بنائي، حقيقتن کي، پرکڻ جي معيار کي سخت ڪرڻ گهرجي. انهيءَ عمل جي رد عمل طور تي ”بورڪهاردت“ چيو ته، ”تاريخ سڀني کان وڌيڪ غير سائنسي آهي هن کي نه ته عقلي فلسفو ۽ نه ئي سائنس جي دائري ۾ رکي سگهجي ٿو.“

انهي ڳالهه جو مقصد هيءَ هو ته، تاريخ ۾، ايتري قدر مختلف قسم جا واقعا ۽ تجربا آهن. انهن جو ايترو وڏو ڦهلاءُ آهي جو انهن کي قانونن جي وڪڙ ۾ نٿو آڻي سگهجي. ڪو هڪ نظام ان کي چٽو ڪري ان جي تشريح نٿو ڪري سگهي. تاريخ جو وڏو حسن اهو آهي ته، ڪو هڪ نظام ان جي پرپور معني بيان نٿو ڪري سگهي چيو ته هن جي معني ۽ تشريح ۾ سدائين جدت رهندي آهي جيڪا باربار تبديل ٿيندي رهندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ ۽ انساني فطرت

ڪو زمانو هو، جو اهو سمجهيو ويندو هو ته انساني فطرت هڪ اهڙي شيءِ آهي، جيڪا ڪڏهن به تبديل نٿي ٿئي ۽ سدائين هڪ جهڙي رهي ٿي. انهيءَ خيال تاريخ کي سمجهڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي پيدا ڪئي. جيڪڏهن انسان جي فطرت بدلجي نٿي ته انهيءَ شڪل ۾، دنيا جي هر خطي ۽ علائقي جي تاريخ هڪ جهڙي ٿي وڃي ٿي. ۽ جي تاريخ ۾ انساني فطرت وانگر تبديل ٿيندڙ ناهي، ته اهڙي تاريخ مان، انسان ڪجهه به نٿو سکي سگهي ۽ نه ئي وري ڪا تاريخ جي معنيٰ ٿي نڪري. انهيءَ ڳالهه کي اڳيان رکندي 'ڊيوڊ هيوم' چيو ته: "..... تاريخ اسانکي ڪابه نئين يا ضروري ڳالهه ڪانه ٿي سکائي....." انهي جملي ڪيتري عرصي تائين تاريخ کي سمجهڻ ۾ ڏکايون پيدا ڪيون، تاريخ کي هڪ مجسمي وانگر بيٺل تصور ڪيو ويو. انهي خيال هيٺ، واقعا هڪ جهڙين حالتن ۾ گڏجي پيدا ٿين ٿا. ان لاءِ انهن کي سمجهڻ جي ضرورت کي محسوس نه ڪيو ويو. ۽ انهن واقعن جو سلسلو جاري رهي ٿو، مگر انساني فطرت هڪ هنڌ بيٺل آهي ۽ اهي واقعن ۽ حالتن ۾ تبديل نٿي ٿئي.

.... پر هاڻي نفسيات جي جديد تحقيق ۽ تاريخ جي وسيع معنيٰ انهن خيالن کي رد ڪري ڇڏيو آهي. تاريخي عمل ۽ انهن جي تبديلين مان اهو ثابت ٿيو آهي ته انساني فطرت تبديل ٿيڻ واري شيءِ آهي. انهي جي تبديلي ڪري تاريخ به بدلجي ٿي. ان لاءِ هاڻي جيترو انساني فطرت کي سمجهيو ويندو، انهيءَ لحاظ کان تاريخ جو مفهوم به سمجهه ۾ اچي ويندو.

هڪ فرانسيسي مورخ "لوسين فيبري" انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته، انسان جي ڪابه فطرت نه ٿيندي آهي بلڪ رڳو تاريخ هوندي آهي، ان لاءِ جيڪڏهن انسان کي ڄاڻڻ ۽ سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي، ته اهو ڪم سائنس مان ئي وٺي سگهجي ٿو. ان لاءِ اڄ جي معاشري ۾ مورخ جي اهميت وڌي وڃي ٿي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوته اهو ڪم ان جو آهي ته، هو تاريخ رستي انساني فطرت جي تبديلين کي ڏسي ۽ انهن تبديلين جي نتيجي ۾ تاريخ جي تشڪيل ڪري ۽ ان جي معني کي ڄاڻي.

انهي نظرئي تحت ته "انساني فطرت تبديل ٿيندي رهندي آهي"، جي ڪري انساني اعمال، اخلاق، قدر، روايتون ۽ معاشرتي ادارن کي سمجهڻ ۾ سهوليت ٿي پيئي. آهي حرڪتون جيڪي قديم دؤر ۾ انسان ڪان ٿيون، آهي هن دؤر ۾ بيوقوفي واريون لڳن ٿيون. پر انهن جي معني نروار ٿي پيئي ۽ اِها ڳالهه ذهن ۾ اچي ويئي آهي ته نيڪي ۽ بدي جو تصور وقت سان گڏ تبديل ٿيندو رهي ٿو. سچائي ۽ حقيقت، ڪي آسماني يا سدائين قائم رهندڙ صفتون نه پر، تاريخي عمل جو حصو هونديون آهن. روايتن ۽ قدرن جو جڙڻ، انسان جي ضرورتن سان بدل هوندو آهي. جڏهن انساني ضرورتون بدلجن ٿيون ته معاشري جا قدر ۽ روايتون پڻ بدلجي وڃن ٿيون.

مٿين نظرين جي ڪري روايتن ۽ ادارن جي تحقيق ۾ سهوليت ٿي پيئي ۽ انسان جيڪو پنهنجي دؤر جي تعصبن ۽ تنگ نظرين ۾ ويڙهيل هو، سو هاڻ اِن مان آزاد ٿي ويو ۽ گڏوگڏ نسلي اوچائي جا بُت پڻ پور پور ٿي پيا، چوته هاڻي تهذيبن، تمدنن ۽ قومن جي تاريخ کي پرکڻ جا جيڪي معيار ۽ ماپون مقرر ٿيون آهن، آهي محدود نه پر وسيع آهن. هر قوم جون روايتون ۽ قدر هڪ معني رکن ٿا مي پئي قوم لاءِ بيوقوفي جو سامان ٿي سگهن ٿا، پر سندن اهميت ۽ افاديت ضرور هوندي آهي، چوته انهن جي ارتقا، پنهنجي خاص ماحول ۾ ٿئي ٿي، ان لاءِ تاريخ ۾ يڪسانيت نه بلڪ جداگاني ۽ وارو رنگ آهي. اِهائي انساني فطرت آهي ته، اِها هر علائقي، هر نسل ۽ هر قوم لاءِ مختلف هوندي آهي ۽ انهن ذهن مان جيڪا تاريخ جڙي ٿي، آها دلچسپ ۽ رنگين هوندي آهي.

تاريخ جو مطالعو جيڪڏهن تبديل ٿيندڙ انساني فطرت مطابق ڪيو وڃي ته اهو نظريو قومن کي پاڻ ۾ جوڙي ٿو، جنهن سان نفرت ختم ٿئي ٿي ۽ محبت جنم وٺي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ ۽ الهامي طاقتون

جڏهن کان تاريخ، مذهب جي چنبي مان آزاد ٿي آهي ۽ سائنسي بنيادن تي ان جي اڏاوت ٿي آهي تڏهن کان هن ذهن کي مذهبي تعصبن ۽ توهم پرستي کان ڇوٽڪارو ڏيڻ ۾ وڏي مدد ڪئي آهي. تاريخ ۾ هيل تائين، ڪيترين ئي شخصيتن جو مقام ۽ عزت ان لاءِ آهي ته، انهن جي چوطرف ڪرامتن ۽ معجزن جو چار ورچايل هو، جن جي ڪري سندن اصلي ۽ تاريخي حقيقت لڪيل هئي. اهي شيون هڪ اهڙي معاشري ۾ ته اهم ٿي سگهن ٿيون جن جي ذهني ترقي نه ٿي هجي ۽ فطرت انهن جي اڳيان هڪ راز وانگر هئي ۽ اڻڄاڻ پراسراريت ۾ انهن کي يقين هو. جڏهن به هو ڪنهن شيءِ کي عقل ۽ سائنس جي ڪسوٽي تي نٿي پرکي سگهيا ته اها شيءِ الهامي طاقتن مان ڳنڍي ٿي ڇڏيائون. ۽ جڏهن انسان کي انهن پراسرار طاقتن تي يقين اچي ويو، ته ڪين سوچڻ ٻوڙي غور ۽ فڪر ڪرڻ جي ڪا ضرورت نه هئي. ان لاءِ ان قسم جو معاشرو سببن جي تلاش نٿو ڪري بلڪ ان ڳالهه تي يقين ڪري ويهي ٿو رهي..... ۽ انهن ئي بنيادن تي، انساني معاشري ۾، شخصيتن جو عروج شروع ٿيو ۽ معاشري ۾ وڏو مقام حاصل ڪرڻ لاءِ معجزن، ڪرامتن ۽ روحاني طاقتن جو سهارو ورتو ويو، جنهن ڪري ان معاشري ۾ خوف ۽ ڊپ، عزت ۽ احترام پيدا ٿيو.

انهيءَ جو سڀ کان وڏو نقصان اهو ٿيو، جو انهن شخصيتن جي تاريخي حيثيت گهٽجي ويئي ۽ انهن جيڪي تاريخ کي جوڙڻ لاءِ ڪم ڪيا هئا آهي لڪي ويا جنهن ڪري سندن اهميت گهٽجي ويئي. انهن جا سماج، سياست ۽ معاشيات تي ٿيندڙ اثر وساريا ويا ۽ اهي شخصيتون، انساني درجي کان وڏي الهامي ٿي پيون جنهن ڪري اهي انساني هٿن جي جهلڻ کان پري ٿي ويون. جڏهن انهن

جي تاريخي اهميت به نه رهي ته انهن جي عملن ۽ ڪردارن مان ڪجهه سکڻ جي به ضرورت نه رهي. انسان صرف انسان کان سکي ٿو ۽ جيڪي انساني درجي کان مٿي هجن، انهن جا گڻ حاصل ڪرڻ انسان جي وس کان ٻاهر جي ڳالهه آهي. اهڙي ريت، اهي شخصيتون الهامي طاقتن ۾ ته ويڙهجي ويون پر ٻنهنجي افاديت وڃائي ويٺيون.

تاريخ جو ڪم هي آهي ته تاريخي واقعن جا سبب بيان ڪري ۽ انهن کي سائنسي بنياد مهيا ڪري، مذهبي شخصيتن کي معجزن، ڪرامتن ۽ الهامي طاقتن مان آزاد ڪري تاريخي بنياد فراهم ڪري. تاريخ جي انهن عقلي بنيادن ڏيڻ کان پوءِ، انهن مذهبي شخصيتن جي مذهبي حيثيت ڪمزور ٿي ويئي. ڇو ته، مذهب ۽ عقيدن جي ويڙهي ۾ رهڻي، اها شخصيت ماڻهن جي ذهنن کي بيهوش رکي ٿي، ماڻهو انهن کان ڊڄن ٿا. ڇو جو آهي روحاني طاقتن جا مالڪ هوندا آهن، جڏهن انهن کي، انهيءَ حيثيت مان ڪيڏي کين تاريخي شخصيت بڻايو ويندو ته انهن جو اصلي روپ ماڻهن اڳيان ايندو ۽ انهن کي هڪ انسان وانگر ڏٺو ۽ پرکيو ويندو ته پوءِ انهن جي ڪارنامن جي حيثيت انساني وڃي ٿيندي ۽ انهيءَ حيثيت ڪري ماڻهو سندن احترام ڪندا.

تاريخ جي انهيءَ ڪم سان نه رڳو وهم ختم ٿيندا بلڪ واقعن ۽ شخصيتن کي عقل ۽ دليلن جي تورن تي توريو ويندو. فرانس جي مشهور مفڪر ”رينان“ حضرت عيسيٰ متعلق چيو هو ته ”.... هاڻي جيڪڏهن حضرت عيسيٰ جو اثر ماڻهن مان ختم ٿي ويو ته ان جو سبب آهي ڪم هوندا، جن جي ڪرڻ سان ماڻهو هن کان متاثر ٿيا هوندا، پر آهي ڪم هن جديد زماني ۾ هڪ مسخري لڳن ٿا....“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ ۽ جانور

انسان ۽ جانور جو پاڻ ۾ رشتو تمام ويجهو ۽ قديمي آهي. شڪاري دؤر ۾ اهي جانور، انسان جي کاڌي جي ضرورتن کي مڪمل طور تي پورو ڪندا هئا. جڏهن انسان زراعتي زندگي اختيار ڪئي ته شڪار سان گڏ جانورن کي پالڻ به شروع ڪيو ويو. پر هر جانور، انسان جي مرضي مطابق هلي نه سگهيو ۽ نه ئي انسان جي محبت سندن دلين ۾ گهر ڪيو. انساني فطرت به عجيب شيءِ آهي، اهي جانور جيڪي هن کان متاثر ٿيا، سي گهرن ۾ پاليا ويا. پر انهن سان حقارت وارو رويو، جهنگلي جانورن جهڙوئي رکيو ويو. مثلاً: ڪتو، گهوڙو، مينهن، اٺ ۽ ٻيا جانور آهن. جن محنت کان وٺي کاڌي تائين انسان جي مدد ڪئي. پر ڪتي جي وفاداري جو بدلو اهو مليو جو اڄ ڏينهن تائين ان جي نالي کي گار طور استعمال ڪيو ٿو وڃي. گڏهن کي بيوقوف سمجهي، ان تان ٺٺولي ڪئي ويئي، مينهن اڳيان مرلي وڄائڻ جو پهاڪو ان جي بيوقوفي ظاهر ڪرڻ لاءِ ۽، اٺ ڙي اٺ- تنهنجو ڪهڙو ڪم سڌو؟ وارو پهاڪو اٺ جي بيوقوفي واري طبيعت لاءِ جوڙيو ويو. مگر جن جانورن انسانن جي مزاحمت ڪئي ۽ انهن جا پالتو نه بڻيا، انهن جانورن لاءِ انسان جي دل ۾ عزت ۽ احترام آهي. مثلاً: شينهن جي بهادري، چيتي جي چالاڪي ۽ لومڙي جي عياري وغيره.

جيستائين انسان، پنهنجو پاڻ کي جانورن وانگر سمجهيو، اُن وقت تائين، پنهي گڏجي فطرت جي ڏنل مادي سهوليتن مان فائدو حاصل ڪيو. پر جڏهن انسان ذهني طور تي ترقي ڪئي ۽ اوزار جوڙيا ته سندس طاقت ۾ گهڻو اضافو ٿيو. هاڻي هن اهو سوچيو ته، فطرت تي رڳو سندس حڪومت هجي. جيڪڏهن جانور سندس ٺيڪيداري ۾ خلل وجهن، ته انهن سان مقابلو ڪري کين تباهه و

برباد ڪيو ويچي.... جڏهن اهَـي جانور فصلن کي نقصان رسائيندا هئا، ته انهن جي انهيءَ عمل کـي انسان جنگ ڪري سمجهندو هو، ۽ انهن جانورن کي تباهه ڪرڻ پويان هٿ ڌوئي پوندو هو. آهڙي ريت اهو رويو وقت سان گڏ سگهارو ٿيندو ويو ۽ ظلم جـو روپ اختيار ڪري ورتائين. پر تنهن هوندي به، زرعي دؤر ۾ جانور هن کي غـذا لاءِ ضروري هو.... فقط هندوستان ۾ جهڙو نرم رويـو جانورن سان رکيو ويو، اهو دنيا جي ٻي ڪنهن به تهذيب ۾ ڪونه ٿو ملي. اهنسا جي فلسفي هيٺ، جانورن جي جذبن جو خيال رکيو ويو، ان جـي گوشت کان پرهيز ڪئي ويئي، جانورن ۽ ڪيڙن-ماڪوڙن جـو خيال رکيو ويو. ايستائين جـو جين مذهب وارا اَ گهاڙن پيرن سان هلندا هئا ۽ نڪ تـي ڪپڙو رکندا هئا، جيئن ڪيڙا ۽ جراثيم، انهن ڪري نه مرن. هندوستان ۾ اهو رواج هو تـه، ماڻهو جانورن جي ڪاڌي پيتي جـو معقول انتظام ڪندا هئا، ماڪوڙين لاءِ اٽو هاريو ويندو هـو، جانورن لاءِ اسپتالون کوليون ويون، جتي انهن جو دوادرسل ڪيو ويندو هـو. ڪيترن انگريزن سياحن پنهنجن مشاهدن ۾ لکيو آهي تـه، جڏهن يورپ جـا ماڻهو جانورن جو شڪار ڪرڻ چاهيندا هئا ته هندو انهن کي پئسا ڏوڪڙ ڏيئي انهي عمل کان روڪيندا هئا.

هندوستان ۾، جانورن سان همدردي واري جذبي جـي پيدا ٿيڻ جو سبب اهو ٿي سگهي ٿو ته، جڏهن انهن جو معاشرو زرعي طور تي ترقي وارو ٿي ويو تـه، اناج، کير ۽ ڏؤنرو گهڻي مقدار ۾ سندن ضرورتون پوريون ڪرڻ لڳو، ته انهن کي جانورن جي گوشت جي ڪا گهڻي ضرورت نه رهي. انهن پاليل جانورن جي اهميت کي اڳيان رکـي، انهن کي زنده رکڻ ضروري سمجهيو. ڳئون، مينهن، ٻڪري وغيره کير لاءِ، گهوڙو، اٺ، هاٿي، گڏهه وغيره بار ڍوئڻ لاءِ. پر آهي معاشره جتي زراعت ڪاڌي جي پورت نه ڪري سگهي اتي جانورن جو گوشت ضروري هو.

جيئن جيئن معاشرا ترقي ڪندا رهيا، انهن جو ذهني شعور وڌندو رهيو، نون اوزارن جي زرعي پيداوار ۾ اضافو ٿيو ته ان سان گڏ جانورن سان همدردي به وڌندي رهي. يورپ ۾ جانورن سان، رويي ۾ تڏهن تبديلي آئي، جڏهن آتي سائنسي علمن ۾ ترقي ٿي ۽ جانورن جي مطالعي ڪا نئون اها ڳالهه ساڌهون آئي ته، انهن جا ۾ احساس ٿين ٿا، اهي به ڏک ۽ سک، درد ۽ خوشي جا جذبا رکن ٿا.

جڏهن يورپ ۾ 'انسانيت نواز' جي تحريڪ شروع ٿي ته ان رويي ۾ وڌيڪ اضافو ٿيو ۽ انسان کي اهو به احساس ٿيو ته بک جي ڪري انسان تروڙي جانور هڪجهڙي عمل سان گذرن ٿا. انهن خيالن جي ڪري، يورپ ۾ هيءَ تحريڪ هلي ته، جانورن جون ويڙهيون بند ڪرايو وڃن. نه ته هيل تائين هر تهذيب ۾ جانورن جو ساهه وڏندڙ جنگيون انسان کي مزو ۽ مسرت بخشينديون هيون. انهن جنگين ۾ اٺن، ڪتن، ڪڪڙن ۽ پين جانورن جون ويڙهيون قابل ذڪر آهن.

جانورن کي وڌيڪ عزت تڏهن ملي، جڏهن يورپ جو معاشرو، زراعتي دؤر مان ترقي ڪري صنعتي دؤر ۾ پهتو. مشينن جي ايجاد جي ڪري، جتي انسان محنت ۽ مشقت مان آزاد ٿيا آتي بار کڻندڙ جانورن تان پڻ اهو آزار لٿو. صنعتي دؤر ۾ جتيءَ وچئين طبقي، مالدارن جي پين سهولتن خلاف آواز اٿايو، آتي شڪار جي شوق خلاف پڻ آواز آٿاريو ۽ انهي شڪار جي عمل کي هڪ وحشي عمل قرار ڏنو.

اوڻيهين صدي ۾، يورپ ۾ جانورن کي پالڻ جو شوق پيدا ٿيو ۽ ان سان گڏ جانورن جي بچاءُ وارين تحريڪون پڻ هليون ۽ هاڻي ته ان ڳالهه تي زور ڏنو ٿو وڃي، ته گوشت جي استعمال کي ڇڏي سايون ڀاڄيون استعمال ڪيو وڃن.

جانور، انسان جي اڪيلائي جو ساٿي ۽ ڏک ونڊيندڙ آهي. ان لاءِ هاڻي پاليل جانور کي خاندان جو فرد سمجهيو وڃي ٿو. جانور سان محبت انسان جي دل ۾ نرم جاءِ پيدا ڪري ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن جي ڪري ڪاوڙ ۽ ظلم جو انت اچي ٿو ۽ اهو انسان ۽ فطرت جي رشتي کي مضبوط ڪري ٿو.

جڏهن انسان وڏا وڏا شهر جوڙيا ته هو فطرت کان بلڪل ڌار ٿي ويو ۽ ڳڏوگڏ جانورن کان به. هاڻي پنهنجي قديم رشتي کي جوڙڻ خاطر، هر شهر ۾ جانورن جا باغ بنايا ويا آهن، جيئن اهو واسطو ختم نه ٿي سگهي ۽ ٻئي هڪ ٻئي سان گڏ هجن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ ۾ سونهري دور

اهو تصور هر تهذيب ۽ تمدن ۾ رهيو آهي ته، قديم زماني ۾ هڪ اهڙو دؤر گذري چڪو آهي جنهن ۾ انسان کي مڪمل آزادي هئي ۽ کيس خوشين جا خزانا مليل هئا. جيڪڏهن مذهبي عقيدن جي لحاظ کان ڏٺو وڃي ته، اهو ڏسڻ ۾ ايندو ته، جڏهن آدم بهشت ۾ هو ته آني مزو ئي مزو لڳو پيو هو، پر پوءِ کيس گناه ڪرڻ جي ڪري بهشت مان ڪڍيو ويو، انهيءَ وقت کان مذهبي انسان وڃايل جنت جي ڳولا ۾ آهي.

مارڪسي نقطہ نظر کان، شروعاتي ڪميونسٽ معاشرو هڪ مثالي معاشرو هو، جنهن ۾ ڪابہ طبقاتي ورهاست نہ هئي ۽ ماڻهو گڏيل زندگي گذاري رهيا هئا، هڪ ٻئي جي ڏک سور ۾ شريڪ ٿيندا هئا. تاريخي عمل سان گڏ پيداوار جا ذريعا پڻ بدلبا رهيا. انسان غلامي، جاگيرداري ۽ سرمايہ داري دؤر ۾ داخل ٿيندا ويا. ايستائين جو وري ڪميونسٽ دؤر ايندو ۽ هو پنهنجي وڃايل جنت کي ٻيهر حاصل ڪري وٺندو.

ڇا واقعي اهڙي قسم جو ڪو سونهري دور هو بہ يا نہ؟ انهيءَ سوال جو جواب ڇڱو خاصو ڏکيو آهي، پر دنيا جي مختلف تمدنن ۽ مذهبي ڪتابن ۾ انهيءَ سونهري دور جو ذڪر ضرور اچي ٿو مثلاً: چين جي 'تاؤ' مذهب ۾ انهي ڳالهہ جو ذڪر ڏاڍي تفصيل سان ملي ٿو.

جڏهن عظيم تاؤ جو اثر هو تہ سڀ ماڻهو هڪ هئا. صلاحيت رکندڙ ۽ ذهين ماڻهن کي اڳواڻ بڻايو ويندو هو، ماڻهو پين جي مائٽن کي پنهنجو مائٽ ڪري سمجهندا هئا ۽ مائٽ پين جي اولاد کي پنهنجو اولاد ڪري سمجهندا هئا، پوڙهن لاءِ، سندن مرڻ تائين اهڙو بندوبست ڪيو ويندو هو جيئن کين ڪاڏي لئي جي تڪليف نہ ٿئي، جيڪي ڪم ڪرڻ جي سگهہ ساري سگهيا ٿي انهن کي ڪم ڏنو ويندو هو، نوجوانن کي تعليم جي سهوليت ڏني ويندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. معذورن يتيمن سان همدردي وارو رويو هوندو هو. هر ماڻهو کي ان جي صلاحيت مطابق ڪم ڏنو ويندو هو. قيمتي شين کي محفوظ ڪري رکيو ويندو هو. ڪوبه ماڻهو پنهنجي ذات لاءِ ڪم نه ڪندو هو. چور، ڌاڙيل ۽ غدار اصل نه هئا. ان لاءِ گهرن جا دروازا کليل هوندا هئا. اهو زمانو 'باهمي اشتراڪ ۽ اجتماعيت' جو زمانو هو. جڏهن اهو دور ختم ٿي ويو ته ان ۾ جيڪا به تبديلي اچي ٿي، انهي تبديلي متعلق جيڪي تحريرون ملن ٿيون، انهن مان اهو محسوس ٿئي ٿو ته، هيءَ دنيا ڄڻ خانداني ملڪيت بڻجي ويئي. هاڻي ماڻهو صرف پنهنجن مائٽن ۽ پيارن سان محبت ڪن ٿا. پنهنجي ذات لاءِ محنت ڪن ٿا. سگهه وارا ماڻهو پنهنجن ملڪيتن جي حفاظت لاءِ قلعا تعمير ڪري انهن کي خندقن ذريعي محفوظ ڪن ٿا ۽ پنهنجي ملڪيت ۽ مال جي تحفظ لاءِ فوجون رکن ٿا. هندوئن ۾ به اهو سونهري دور "ستيا يوگ" يا سچائي جو عهد سڏجي ٿو. انهي زماني ۾ نه بيماري هئي، نه خواهشون هيون، ماڻهو گهڻي محنت به نه ڪندا هئا، ڪپڙو به نه اٽندا هئا چوته، انهن کي سڀ ڪجهه ڏاڍي آرام سان حڪومت ڏيئي ڇڏيندي هئي. ان زماني جا ماڻهو صلح پسند، معصوم، سادا ۽ نيڪ هئا، هر ماڻهو جي عمر هزار ورهيه هئي. انهيءَ دور ڪانپوءِ جيڪو دور آيو، اهو "ڪالي يوگ" (اونداهي جو زمانو) سڏيو ويو. انهي دور ۾، ماڻهو ۾ لالچ گهر ڪري ويئي، زندهه رهڻ جو عرصو گهٽجي ويو، جنگ، بيماري، غربت ۽ بک انسان کي پنهنجي سگهه جي تابع ڪري ڇڏيو.

هندوئن ۾ "ستيا يوگ" ۽ "ڪالي يوگ"، واري واري سان ايندا رهن ٿا. هڪ اونداهو دور هڪ وڏي سيلاب جي اچڻ ڪانپوءِ ختم ٿيندو ۽ پوءِ سونهري دور (ستيا يوگ) شروع ٿيندو. اهو هڪ چڪر آهي جيڪو مسلسل جاري رهندو. هندوئن ۾ ان نظرئي جي ارتقا موسمن جي تبديلي ڪري ٿي. آڪٽوبر جي فصل ڪانپوءِ، سياري جي موسم جنهن ۾ اناج گهڻي انداز ۾ موجود

هوندو آهي ۽ ساڳهو صحت مند رهندا آهن. پوءِ آهستي آهستي اناج گهنجڻ شروع ٿئي ٿو، ۽ آخر ۾ سخت محنت ڪري، زمين جي سيني ۾ ٻج پوکڻو پوي ٿو. ايستائين جو ٿوڻ سون ۾ سيلاب اچن ٿا ۽ ان ڪانپوءِ هڪ ڏفعو پيهر نئون سلسلو شروع ٿي وڃي ٿو.

ارڙهين صديءَ ۾ جڏهن يورپ جا دانشور ان وقت جي حالتن کان سخت بيزار هئا ته انهي جي رد عمل ۾ 'رومانوي تحريڪ' شروع ٿي، جنهن ۾ حال جي گندگي کان ڪڪ ٿي ماضيءَ جو هڪ رومانوي تصور پيش ڪيو ويو. جنهن تحت قديم وقت جي سنهري دور جي تلاش ڪئي، جنهن ۾ انسان فطرت جي بلڪل ويجهو هو. سندس زندگي ۾ سادگي ۽ مسرت هئي، اهي دانشور حال جي مسئلن مان جان ڇڏائڻ خاطر اهو حل تلاش ڪندا هئا، جيئن انسان پيهر فطرت سان پنهنجو واسطو جوڙي سگهي ۽ پنهنجو پاڻ کي ان ۾ ٻوڙي ڇڏي جو ته ائين ڪرڻ سان خوشي نصيب ٿئي ٿي.

هندوستان جي مشهور مورخ ڪوسمبيءَ سنهري دور تي تبصرو ڪندي چيو آهي ته، هيلتائين جيڪي قديم جايون ڇونڊيون ويون آهن انهن مان ڪنهن هڪ ۾ به، اهڙي تذڪري جو نشان نٿو ملي. انسان جانورن جي زندگيءَ کان وٺي، اوزار ۽ هٿيار ٺاهڻ تائين جو سفر ڪيو. انهن ذريعي، هن فطرت ۽ زمين کي پنهنجي تابع ڪيو. انسان جي فطرت سان جدوجهد ايتري سخت هئي جو انسان جي عمر ننڍڙي ٿي ٿي ويئي، تاريخي شاهدين مان اها خبر پوي ٿي ته، پٿر واري دور جي انسان جي عمر چاليهه سالن کان وڌيڪ نه هوندي هئي، هاڻ البته اهو ضرور آهي ته ابتدائي زماني ۾ انسان گڏجي سڏجي 'اشتراڪ' واري زندگي جيئندو هو. ڪنهن وٽ ضرورت کان وڌيڪ هوندو هو ته هو ان ۾ ٻين کي شريڪ ڪندو هو، ڇو ته ٻي حالت ۾ کاڌي يا گوشت جي خراب ٿيڻ جو ڊپ هوندو هو. پر ان دور جي انسان ۾ لالچ نه هئي، ان لاءِ هو ضرورت کان وڌيڪ شڪار نه ڪندو هو. انهن گڏ اهين

ڪانسواءِ سونهري دور جي ڳالهه بي ڪا حقيقت ڪونهي.

بقول ڪوسمي: سونهري دور ماضي نه پر مستقبل ۾ آهي ۽ ان جي حاصل ڪرڻ لاءِ، انسان کي جدوجهد جي ضرورت آهي. ان لاءِ تاريخ جي خاتمي تي هڪ سونهري دور جي خوشخبري آهي، جنهن ۾ مڙئي برائين جو انت اچي ويندو ۽ انسان کي سڀني ڏکن، سورن ۽ عذابن مان آزادي ملي ويندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ، اقليتون ۽ معاشرو

ڪنهن به معاشري ۾ اقليت جي حيثيت ڏاڍي ڪمزور ۽ نازڪ ٿيندي آهي، ڇو ته جڏهن معاشرو ڪنهن بحران جو شڪار ٿيندو آهي، ته انهي سڄي عمل جي ذميداري اقليت تي وجهي ان جي خلاف فساد شروع ڪرائي پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ويندو آهي. انهيءَ جي ڪري رت ريلا ڪري وهندو آهي ۽ ڦرلٽ جي بازار گرم ٿي ويندي آهي ۽ اصل مسئلو پنهنجي جاءِ تي قائم رهندو آهي. اهڙين حالتن ۾ ضروري آهي ته، اقليت تاريخ مان سبق سکڻ جي ڪوشش ڪري. پنهنجن لاڙن ۽ عملن کي اهڙي نموني جوڙي جيئن اڪثريت سان، سک ۽ آرام سان رهي سگهي. ڇو ته، نندڙڪپڻي جو احساس هر اقليت ۾ هوندو آهي. ان لاءِ هر اقليت جي اها ڪوشش هوندي آهي ته، هوءَ پاڻ کي سياسي ۽ معاشي ديٻاءَ کان محفوظ رکي. انهي سلسلي ۾، هن کان جيڪا غلطي ٿيندي آهي، اها هيءَ ته، اهي ڪوشش ڪنديون آهن ته حڪومت جي اهم عهدن تي قبضو ڪجي. انهي سلسلي ۾ اهي گڏيل جوڙ ۽ سازش ذريعي رکيو پنهنجن ماڻهن کي اڳيان آڻڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن، اهي سڀ عمل، انهن کي اڪثريت جي نظرن ۾ شڪي ڏسا بنائين، جيڪي اهي سمجهن ٿا ته، اقليت اهڙي نموني ڪنهن سازش ذريعي اسانکي اختيارن کان محروم ڪري رهي آهي ۽ اهڙي اقليت خلاف هڪ ڇڙپڙ جنم وٺي ٿي ۽ آخر اهو مطالبو طاقت وٺندو ويندو آهي ته، اقليتن کي مڙني عهدن تان لاٿو وڃي. ڇو ته اقليتن جا ۽ اڪثريت ۾ رهڻ وارن جا مفاد ڌار ڌار آهن.

اهڙي ريت جڏهن اقليت، معاشي طور صنعت، زراعت ذريعي طاقتور ٿي وڃي ٿي ۽ مالي وسيلن تي سندس غلبو هوندو آهي ته، انهن جي معاشي خوشحالي، 'اڪثريت' وارن جي اکين ۾ ڪنڊو بنجي ڏنبجڻ لڳندي آهي، ڇو ته، اهڙي حالت ۾ اقليت وارا 'استحصالي'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورت ۾ نروار ٿيندا آهن ۽ اڪثريت رکڻ وارن جا محروم طبقا انهن جي خلاف ٿي پوندا آهن.

هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته، آهو ڪهڙو طريقو آهي، جنهن تي عمل ڪرڻ سان ٻئي ڌريون گڏ هليون سگهن ۽ پنهنجي لاءِ معاشري ۾ عزت ۽ احترام ماڻي سگهن؟ انهيءَ جو حل هي آهي ته، اقليت جنهن به معاشري ۾ رهي اتي پاڻ کي استحصالي طاقت ۾ تبديلي نه ڪري ۽ انهي ڳالهه جي ڪوشش ڪري ته، علم ۽ ادب، سائنس ۽ سياست، صنعت ۽ حرفت ۾ معاشري جي ترقي ۾ واڌارو ڪري. ان ڳالهه جو مثال، سنڌ ۾ پارسين جو ڏيئي سگهجي ٿو. جن عام پلي جي ڪمن ۾ دل کولي حصو ورتو. هنن اسڪول، اسپتالون، باغ، ڪتبخانا ۽ تفريحي جايون جوڙايون، جن مان فائدو هڪ عام طبقي ورتو ۽ انهيءَ سبب ڪري معاشري ۾ انهن لاءِ عزت ۽ وقار جو جذبو پيدا ٿيو.

انهيءَ جو ٻيو مثال يهودين جو آهي، جن بحيثيت اقليت تاريخ مان گهڻو ڪجهه پرايو ۽ ان تي عمل اهو ڪيائون ته، جنهن معاشري ۾ اهي رهيا، اتي هنن پنهنجي انفراديت کي به برقرار رکيو. معاشري جي ترقي ۾ هنن، سائنسدان، اديب، شاعر، دانشور، فلسفي ۽ ڪاروباري ٿي، سڄي تهذيب کي اڳيان وڌايو. اڄ به آمريڪا ۽ يورپ جي معاشرن ۾ سندن عزت ان لاءِ آهي ته هو معاشري جي ترقي ۾ پاڳي پائيوار آهن. جڏهن اهي معاشري کي ڪجهه ڏين ٿا ته معاشرو به مجبور آهي ته کين عزت ڏئي.

جيڪڏهن اقليت اهو چاهي ته، ماڻهن جو استحصال ڪري، پنهنجي معاشي حالتن کي بهتر بنائي يا سازش ذريعي حڪومت جي ادارن تي قبضو ڪري پاڻ کي مضبوط ڪري، ته اهو رجحان يقيناً فسادن طرف وٺي ويندو. نسلي، مذهبي ۽ فرقه وارين جا فسادات انهيءَ عمل جي پيداوار ٿين ٿا. پر جيڪڏهن اقليت عام ماڻهن جي ڀلي لاءِ ڪم ڪري، سماجي حالتن کي بهتر ڪري، پنهنجي علم ۽ شعور سان انهن جي ذهني سطح کي مٿي کڻي، اهڙي شڪل ۾ معاشري ۾

اِن جو وقار وڌندو.

ڪجهہ اقليتن جو رجحان ان طرف بہ هوندو آهي تہ، پاڻ کي سڄي معاشري کان ڌار ڪري ڇڏجي ۽ گڏيل طور سڄي معاشري بدران رڳو پنهنجي باري ۾ سوچجي انهي رجحان ڪري، اها پاڻ کي سوڙهو ڪري ڇڏيندي آهي ۽ ڌار پنهنجا ڳوٺ آباد ڪري، پنهنجا اسڪول، اسپتالون ۽ ٻيا فلاحي ادارا قائم ڪري وٺندي آهي، انهيءَ حالت ۾ معاشرو ٽڪرن ۾ ورهائجي ويندو آهي ۽ سوچ بہ ڪيترن خانن ۾ ورهائجي ويندي آهي. اهو ڌار رهڻ معاشري کي ڪمزور ڪري وجهندو آهي. ڇو تہ اڄ جي دنيا ۾ جتي هر شيءِ مختصر ٿي رهي آهي، ڪو پاڻ کي ڌار ڪري ترقي نٿو ڪري سگهي، ان جون حفاظتي ديوارون، بيمارين ۽ ڏوهن جي لهرن کي روڪڻ ۾ ناڪام ٿي وينديون آهن. انهي جو مثال ائين آهي تہ، ڪنهن گندي پاڻي جي گڏ ۾ پاڻ کي پاڪ صاف نٿو رکي سگهجي. اِن لاءِ ڌار رهڻ بدران معاشري ۾ گڏجي وڃجي، ان جي تعمير ۽ ترقي ۾ حصو وٺڻ گهرجي.

تاريخ ۽ هجرت

دنيا جي تاريخ ۾، قبيلن، قومن، جماعتن ۽ ڌار ڌار فردن جي هجرت اڪثر ٿيندي رهي آهي. هجرت ڪرڻ جا سبب معاشي، سماجي، سياسي ۽ مذهبي رهيا آهن. هڪ عام ماڻهو هجي، جماعت هجي يا قوم، انهن جي زندگي جو بنياد اهو رهيو آهي ته، ڪهڙي ريت حالتن کي سازگار ڪري انهن ۾ سڪون ۽ آرام سان رهي سگهجي ته جيئن بنيادي ضرورتون به آرام سان پوريون ٿينديون رهن. پر تاريخ جو عمل ايترو منجهيل آهي، جو انسان جون اهي خواهشون ڪڏهن به پوريون نه ٿيون. قدرتي حادثن کان وٺي جنگ، قتل، تباهي ۽ حملن انسان کي هڪ جاءِ تي آرام سان ٽڪڻ نه ڏنو آهي. انسان پنهنجي جان ۽ مال جي حفاظت ڪارڻ هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ ڏانهن دربدر ٿيندو رهيو آهي.

جيڪڏهن هجرت جي مذهبي سببن کي ڳوليو وڃي، ته تاريخ ۾ ائين ٿيندو آهي ته، جڏهن نئين مذهب جي تبليغ شروع ٿي يا نوان مذهبي فرقا پيدا ٿيا ته ماڻهن جو هڪ سان وڏي تعداد ۾ رهڻ ڏکيو ٿي پيو. ڇوته، نئين مذهب ۽ فرقي جي عقيدن ڪري گڏ رهڻ ناممڪن هو ۽ اهڙي ريت ڌار ٿي پنهنجي خيال واري سائين سان گڏجي هڪ جماعت جوڙي وٺندا هئا ۽ انهن عقيدن ۾ ٻڌجي پاڻ کي ايترو محدود ڪري ڇڏيندا هئا، جو شادي مرادي ۽ غم وخوشي ۾ به هڪٻئي سان شريڪ نه ٿيندا هئا. انهي ڪري اڪثريت انهن ٽولن کان نفرت ڪرڻ لڳندي هئي ۽ کين غدار تصور ڪرڻ لڳندا هئا. ڇوته، انهن، پنهنجن کي ڇڏي برادري مان ڌار ٿي ويا هئا ۽ پنهنجي واپسي جا سڀئي رستا بند ڪري ڇڏيا هئائون. هاڻي اڪثريت جو رويو جيترو جارحانه هوندو هو اوترو وڌيڪ هي پنهنجي ڏهيل خول ۾ لڪي ويندا هئا ۽ پنهنجن عقيدن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تـوڙي رسمن رواجن ۾ سخت ٿـي ويندا هئا. اڪثريت جو ظلم، مارڪُٽ ۽ برداشت نہ ڪرڻ جهڙو رويو انهن کي پاڻ ۾ متحد رکندو هو، ۽ جڏهن اهي حالتون حد کان مٿي ٿي وينديون هيون تہ، اهي لڏ پلاڻ (هجرت) ڪري هڪ اهڙي زمين طرف هليا ويندا هئا جتي هو پنهنجي عقيدن جي سلسلي ۾ بلڪل آزاد هجن. حضرت موسيٰ بني اسرائيل مصر مان هجرت ان ڪري ڪئي هئي تہ مٿن فرعون جو ظلم ۽ جبر وڌي ويو هو ۽ هو ٻئي هنڌ پاڻ کي محفوظ سمجهن، اهـڙو ئـي حال ابتدا ۾ عيسائين جو هو. جيڪي لڪي پنهنجون مذهبي عبادتون ڪندا هئا ۽ جڏهن کين خطرو محسوس ٿيندو هو تہ هڪ کان ٻي جاءِ تي هجرت ڪندا رهندا هئا. اسلام جي ابتدائي زماني ۾ حبش ۽ مديني جي هجرت جا سبب پڻ اهي هئا.

جڏهن آمريڪا دريافت ٿيو تہ، يهودين کان سواءِ عيسائين جا ڪيترا فرقا، جن جا اعتقاد، عيسائين جي اڪثريتي فرقن کان ڌار هئا، آهي هجرت ڪري آمريڪا هليا ويا جيئن اتي آزاد رهي سگهن ۽ پنهنجي مذهبي عقيدي تحت زندگي گهاري سگهن. اڄ بہ آمريڪا جي ڏورانهن علائقن ۾ اهڙا فرقا رهيل آهن جيڪي ترقي يافتہ دنيا کان ڪٽجي پنهنجين رسمن رواجـن هيٺ زنـدگي گـذاري رهيا آهن.

اڪثر هي ريت ٿيندو آهي تہ، مذهبي فرقا، اڪثريت جي ظلم ۽ جبر کان بچڻ لاءِ جبلن، رڻ پٽن، جهنگلن ۽ ويـران علائقن کي پسند ڪندا آهن. جتي ماڻهن جـو پهچڻ ڏاڍو ڏکيو هونـدو آهي. ان لاءِ حسن بن صباح، اسماعلين لاءِ 'قلعہ الموت' هڪ جبل تي تعمير ڪرايو هو ۽ اهوئي سبب آهي جو 'دروز' فرقي جي ماڻهن شام ۽ لبنان جي جبلن ۾ پناهہ ورتي هئي.

انهن ڏورانهن علائقن ۾ پهچي، اهي مذهبي فرقـا دنيا کان ڪٽجي ڌار ٿي ويندا هئا. مختصر ماحول ڪري سندن عقيدن ۽ رسمن ۽ رواجـن ۾ تيزي اچـي ويندي هئي. انهيءَ جـو نقصان هي ٿيندو هـو جو، هڪ پـاسي تـہ انهن جون صلاحيتون انهي بـسيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماحول ۾ آيري نه سگهنديون هيون ۽ ٻئي طرف، اڪثريتي لڏو انهن ماڻهن جي سگهه ۽ ڪم مان فائدو حاصل نه ڪري سگهندو هو ۽ اهڙي طرح اها هجرت ٻنهي طرفن لاءِ نقصان ڏيندڙ هئي.

تاريخ ۾ هجرت ڪرڻ جا ڪيترائي مثال آهن. ڪٿي ڪٿي اختلافن جي ڪري ان جا اثر به ڌار ڌار مرتب ٿيا، مثلاً جڏهن آمريڪا، آسٽريليا ۽ نيوزي لئنڊ ڳولهي لڌا ويا ته انهن علائقن ۾، يورپي قومن جو هڪ وڏو تعداد هجرت ڪري ويو. جيئن ته نوان آيل، مقامي ماڻهن کان وڌيڪ ترقي يافته هئا، ان لاءِ انهن اينديءَ شرط انهن جي زمينن تي قبضو ڪيو ۽ ويٺلن جو عام قتل ڪرڻ شروع ڪري ڏنائون، انهي قتلام مان جيڪي بچي ويا، انهن کي پري جي علائقن ۾ ڌڪي ڪڍيو ويو. اهو عمل مسلسل ٿيندو رهيو ۽ انهي عمل جي بار بار ٿيڻ جي ڪري مقامي آبادي ٿورائي ۾ تبديل ٿي ويئي ۽ گڏوگڏ سندن تهذيب ۽ ثقافت جو پڻ خاتمو ٿي ويو ۽ آخرڪار جڏهن انهن مان ويڙهه ڪرڻ جي سگهه به موڪلائي ويئي ته انهن کي محفوظ جاين تي منتقل ڪيو ويو.

اهڙي ريت آفريڪا طرف به يورپي ماڻهن هجرت ڪئي ۽ ستيون ساڳيو عمل اتي به دهرايو ويو. مقامي ماڻهن کي جنگ ۽ قتلام ذريعي پوريان ڌڪي انهن جي زمينن تي قبضو ڪندا رهيا، پر آمريڪا يا آسٽريليا جي ماڻهن وانگر، آفريقي ماڻهن مان ويڙهه جي سگهه ختم ٿي نه سگهي پر سندن سياسي شعور ۾ وڌيڪ اضافو ٿيو ۽ سفيد فام اقليت جي خلاف سندن ويڙهه ۾ وڏي سگهه آهي، جيئن ته آمريڪا، آسٽريليا ۽ نيوزي لينڊ ۾ يورپي مهاجرن کي وڏو علائقو ملي ويو، ان لاءِ هنن اتي نه رڳو پنهنجي تهذيب ۽ تمدن کي قائم ڪيو پر وڌايو ويجهايو پڻ. جيڪي يادون پنهنجي وطن مان کڻي هو آئي ويا هئا، انهن کي ڌيان نه ڏنائون بلڪ جڏهن ڪو نئون شهر آباد ٿي ٿيو ته، ان تي نالو پنهنجي ملڪ جي شهر جو ٿي رکيائون. ان لاءِ اڄ آمريڪا يا ڪئناڊا ۾ يورپ جو هر شهر ملي ٿو وڃي. پوءِ اهو لنڊن هجي يا ايٿنز يا پيرس. انهن ملڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ انهن مهاجرن يورپي ثقافت کي وڌائي ويچهائي ڏاڍو مشهور ڪيو، پر ان هوندي به اهي ماڻهو پنهنجون پاڙون، پنهنجن پراڻن ملڪن ۾ ڳوليندا ۽ انهن تي فخر ڪندا نظر اچن ٿا.

هجرت جو هڪ ٻيو مثال يهودين جو فلسطين اچڻ آهي. جيڪڏهن تاريخ ڏٺي وڃي ته يهودي سدائين هجرت جي عمل ۾ رهيا آهن، ڪين ڪڏهن اسپين مان ڪڍيو ويو ته ڪڏهن انگلينڊ مان، ڪڏهن روس ۾ سندن قتل عام ٿيو ته ڪڏهن فرانس ۾ مٿن ظلم ۽ جبر ٿيو. جڏهن انهن حالتن کان تنگ ٿي هي هجرت ڪري فلسطين اچڻ شروع ٿيا ته، ان وقت يورپي يهودي جيڪي علم توڙي فني ٽيڪنڪ ۾ عربن کان وڌيڪ ترقي وارا هئا، ان ڪري انهن طاقت ۽ ظلم ذريعي، عربن فلسطينين کي پنهنجي زمينن تان هڪالي ڪڍيو ۽ ملڪ تي قبضو ڪري ورتو. پر هتي به، آفريقا وانگر فلسطينين ويڙهه ڪئي ۽ ڪڏهن به مڪمل طور تي هٿيار هٿن مان نه ڪڍيا ۽ وقت گذرڻ سان گڏ منجهن ويڙهه جي طاقت وڌندي رهي آهي.

هجرت جو هڪ قسم هندوستان جي تامل ماڻهن جو آهي، جيڪي معاشي ضرورتن ڪري سري لنڪا ڏانهن لڏ پلاڻ ڪندا رهيا ۽ ايستائين جو سندن آبادي جو وڏو حصو اتي آباد ٿي ويو. جيستائين اهي ماڻهو معاشي ۽ سياسي لحاظ کان پوئتي پيل هئا، ان وقت تائين سنهالين ۽ انهن ۾ ڪي اختلاف نه هئا، پر جڏهن انهن جي سماجي حيثيت ۾ اضافو آيو ته لڪيل اختلاف ظاهر ٿي پيا ۽ آهستي آهستي اهي اختلاف وڏي جهيڙي جي شڪل وٺي ويا. انهي ويڙهه ۾ ڏکڻ هندوستان جي تامل باشندن جون همدرديون سري لنڪا جي تامل ماڻهن سان آهن.

هجرت جي شڪل هيءَ به هئي ته، ماڻهن کي زور زبردستيءَ سان غلام بنائي پين ملڪن نيو ويو، جتي هڪ مزدور جي حيثيت ۾ کين يورپ جي نين آبادين ۾ منتقل ڪيو ويو. انهن ۾ آفريقا جا ماڻهو آهن جيڪي آمريڪا ۽ عرب الهندي جزيرن ۾ سوڪليا

ويا. ۽ اهي اڄ به تهذيبي طور پنهنجين وڏيل پاڙن جي ڳولا ۾ آهن. اهڙيءَ ريت انگريزن هندوستانين جي هڪ وڏي تعداد کي آفريقا، عرب الهند جي جزيرن ۽ ڏکڻ مشرقي ايشيا جي ملڪن ۾ بطور مزدور موڪليو. هندوستانين جون اهي آباديون اڄ به انهن ملڪن ۾ پنهنجي زبان ۽ ثقافت کي ڌار رکيو اچن. انهيءَ سببن ڪري، مقامي ويڙهن ۽ انهن جا پاڻ ۾ اختلاف وڌي رهيا آهن.

جيڪڏهن مهاجرن جي خلاف ان قسم جا اختلاف وڌن ٿا ته، انهيءَ صورت ۾ اهي ماڻهو هڪ ڀيرو ٻيهر هجرت ڪري، يا ته ٻيهر پنهنجي ملڪ طرف وڃڻ جو سوچين ٿا. يا وري اهڙي ملڪ ۾ وڃڻ گهرن ٿا جتي محفوظ رهي سگهن. مثلاً: يوگنڊا مان ڪڍيل ڪيترا ماڻهو واپس هندوستان ۽ پاڪستان هليا آيا، يا وري ٻيهر هجرت ڪري، برطانيه يا ٻين يورپي ملڪن ۾ آباد ٿي آيا. اهڙي ريت، يورپ ۽ آمريڪا ۾ جيڪي هندوستاني يا پاڪستاني هجرت ڪري هليا ويا آهن، اهي آتان، پنهنجي سڃاڻپ جي ڳولها ۾ پنهنجن اباڻن ملڪن ۾ ايندا رهندا آهن.

هجرت جو عمل، سياسي سببن جي ڪري ٿيو هجي يا معاشي، مذهبي يا سماجي بنيادن تي، اهو عمل مهاجرن جي تخليقي صلاحيتن کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي. هڪ دفعو پنهنجي سر زمين ڇڏڻ سان پاڙ ٽٽيو پوي جنهن سان اڪيلائي جو احساس تمام گهڻو وڌيو وڃي، جنهن نئين علائقي ۾ وڃي اهي ماڻهو آباد ٿين ٿا، تن لاءِ آتي جي زبان ۽ ثقافت اختيار ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، ڇو ته پاڻ کي ختم ڪري يا ڏاهي ٻيو روپ اختيار ڪرڻ ڪو سولو ڪونهي، انهي عمل لاءِ ڪيترن نسلن کي قربان ڪرڻو ٿو پوي. جيئن آمريڪا ۾، جتي سڀ مهاجر آهن، اڄ به جيڪو هجرت ڪري وڃي ٿو ۽ کيس انگريزي زبان نٿي اچي ته ان لاءِ وڏا مسئلا پيدا ٿين ٿا. زبان نه ڄاڻڻ جي حالت ۾ اهي معاشري کان ڌار ٿي گهر جي چوديواري ۾ محدود ٿي وڃن ٿا ۽ جڏهن انهن جا ٻار انگريزي سکي ٿا وڃن ته، پنهنجي مائٽن کي جٽ سمجهي

پاڻ کان هيٺ سمجهڻ لڳن ٿا. اهڙي ريت پهريون نسل هجرت جي عمل تان قربان ٿي وڃي ٿو. ايستائين جو اچڻ وارا ڪيترا نسل آهستي آهستي انهي ڪلچر کي اختيار ڪن ٿا. هڪ ڊگهي عرصي تائين گهر جو ڪلچر ۽ معاشري جو ڪلچر انسان کي ٻن حصن ۾ ورهايل رکي ٿو.

اهو ملڪ جتان ماڻهو هجرت ڪري وڃن ٿا، آتي جو معاشرو به ان عمل کان متاثر ٿئي ٿو. جيئن: نازي جرمني مان دانشورن ۽ سائنسدانن جي هڪ وڏي تعداد آمريڪا ۽ يورپ طرف هجرت ڪئي. انهي هجرت جو اثر جرمني تي اهو ٿيو جو انهن جون يونيورسٽيون ذهين ماڻهن کان خالي ٿي ويون ۽ ٻئي طرف خود هجرت ڪرڻ وارا پڻ متاثر ٿيا. ڇوته، هنن فن ۽ شعبن بدران پيٽ کي پالڻ لاءِ ٻيا مختلف ڪم ڪيا، اهڙي ريت پنهنجي تخليقي صلاحيتن کي وڃائي ڇڏيائون. انهي نقصان کي پورو ڪرڻ لاءِ جرمني کي وڏو وقت لڳو.

هجرت جي انهي صورتحال ۾ ٽين دنيا جا ملڪ وڪوڙيل آهن، ڇوته انهن ملڪن جي سياسي ۽ معاشي حالتن ڪري صلاحيتون رکندڙ ماڻهو هجرت ڪري هليا ٿا وڃن ته، اهي اهڙا معاشرا ذهني ۽ فطري طور تي ڪمزور ٿيڻ لڳن ٿا. ۽ اهائي ڪمزوري انهن کي مجبور ڪري ٿي ته هو، هر شعبي ۾ هر منصوبه بندي ۾ غير ملڪي ماڻهن تي ڀروسو ڪن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڄي تاريخ هڪ عمرڪندڙ تاريخ آهي

مشهور اطالوي مفڪر ”ڪروچي“ تاريخ جي سلسلي ۾ هيءَ ڳالهه چئي آهي تہ: اسين قديم تاريخ کي حال جي آئيني ۾ ڏسون ٿا ۽ اسانجي دلچسپي تاريخ جي حصن سان هوندي آهي جن جو واسطو اسانجي حال ۽ اسانجي مسئلن سان هوندو آهي. چوتہ اهي حصا اسانکي حال جي ڏکاين کي حل ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿا. انهي ڪري اسانجي تاريخ جي مختلف دؤرن سان دلچسپي رهي آهي. تاريخ تي تحقيق ۽ ان جو مطالعو خاص شعبن ۽ پهلوئن سان ڪيو ويو آهي. مثلاً: 'عهد نشاة ثانيہ' ۾ يوناني ۽ روسي ڪلچر سان دلچسپي پيدا ٿي، انهيءَ جوسبب هي هو تہ انهيءَ زماني ۾، مصور، مجسما ٺاهيندڙ، موسيقار، شاعر ۽ اديب پنهنجي تخليقي صلاحيتن جو اظهار ڪري رهيا هئا ۽ يورپ ۾ ڪلچر جي انهن شاخن ۾ دلچسپي وڌي رهي هئي. ماڻهن ۾ ڪلچر متعلق هڪ ذوق پيدا ٿي رهيو هو. ان لاءِ ماڻهن کي ان ڳالهہ جي ضرورت محسوس ٿي تہ انهن جي اڳيان تاريخ جو ڪو اهڙو دؤر هجي جنهن جي ڪلچر مان ڪجهہ سکي سگهجي، ان کان متاثر ٿجي ۽ جيڪو ان ۾ موجود هجي ان ۾ وڌيڪ واڌارو ڪري سگهجي.

يوناني ۽ رومي ثقافت جو بنياد مذهبي نہ پر سيڪيولر هو، انهن جي موضوعن ۾ ڏاڍي وسعت هئي نشاة ثانيہ جا فنڪار ۽ دانشور پڻ مذهبي اثرن مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. البتہ انهن جيڪي موضوع چونڊيا تہ هي مذهبي هئا پر انهن کي سيڪيولر رنگ ۾ ڏاهيو ويو ۽ اها ڪوشش ڪئي وئي تہ، ان ذريعي فن جي خوبين ۽ باريڪين جو اظهار ڪيو وڃي.

ارڙهين صدي ۾ جڏهن رومانوي تحريڪ شروع ٿي تہ انهن حال جي ترقي مان سخت بيزاري جو اظهار ڪيو. سياسي نظامن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سازشن، بادشاهن ۽ وزيرن جون عياشيون، امير ۽ غريب ۾ فرق، انهن سڀني سببن ڪري انهي زماني ڪان نفرت ٿـي ۽ ردعمل طور انهن انسان جـي قديم دؤر ۾ دلچسپي وٺـڻ شروع ڪئي، جڏهن انسان ۽ فطرت گڏ هئا تڏهن فقط سادگي هئي، نه رياست، نه قانون نـه ڪنهن مطلب تحت رشتا. رومانوي تحريڪ وارن اڳيان اهـو قديم دؤر وارو انسان محبوب بنجي ويو. انهي دؤر ۾ جڏهن يورپ ۾ يونان ۽ روم جي تاريخ سان دلچسپي وڌي، ته ان جو سبب به يورپي قومن جون آهي سرگرميون هيون، جن جي ڪري هو آفريڪا ۽ ايشيا ۾ نيون آباديون قائم ڪري رهيا هئا ۽ يورپي ڪلچر جي برتري جا قائل ٿي، ان کي دنيا ۾ پکيڙڻ ٿي چاهيائون. انهي تحقيق جي ذريعي انهن يورپي ثقافت جـون پاڙون يوناني ۽ رومي ثقافت سان جوڙي ڇڏيون، انهن پنهي ۾ هڪ طرف يونانيت جـي فڪر، دانش ۽ فلسفي جي گهرائپ هئي، ته روميـن وٽ فوجي طاقت، عزت ۽ بهادري، فتحون ۽ وڏي سلطنت جو وجود هـو. يورپ وارا انهن پنهي جا مالڪ بنجي پاڻ کي انهن لائق ڪري رهيا هئا.

انهي تحقيق جو آثر يورپ تي اهو ٿيو جو يهودي دانشورن ۽ مفڪرن، انهي جـي ردعمل ۾ سامي تهذيبن تـي تحقيق شروع ڪئي، جيئن هو يورپ سان ذهني ۽ فڪري مقابلـو ڪري سگهن. انهي ۽ سلسلي ۾ ڪين اسلامي تاريخ ۽ تمدن سان دلچسپي پيدا ٿي ۽ ان تي تحقيق ڪرڻ شروع ڪيائون.

برطانيه واري عهد ۾، جڏهن حڪومت اهو پرچار ڪندي هئي ته، هندوستان جي سندن ئي دؤر ۾ ترقي ٿـي آهـي ۽ مذهبي آزادي ملي آهي، ته انهي جي جواب ۾ قومپرستي جي خيال هيٺ، مغل تاريخ تي ڪم ڪيو ويو، جيئن اهو ثابت ڪري سگهجي ته، هندوستان مغل عهد ۾ به هڪ خوشحال ۽ ترقي ڪندڙ ملڪ هـو ۽ ان وقت ڪابه مذهبي جهڳڙا پٽ نه هئي. بلڪ هندو مسلمان پاڻ ۾ گڏجي رهندا هئا.

ان لاءِ، جڏهن اهو چيو وڃي ٿو ته، سچي تاريخ زمان حال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تاريخ آهي ته ان ڳالهه جو مطلب هي هوندو آهي ته، زمان حال جا مسئلا، بحران ۽ ضرورتون اهم شيون آهن، جن جي ڪري گذريل دؤرن جي خاص پهلوئن ۾ دلچسپي پيدا ٿئي ٿي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته انهن گذريل واقعن مان نفسياتي طور تي سڪون پڻ ملي ٿو ۽ انهن کي بچاءُ طور استعمال ڪيو وڃي ٿو، ڪڏهن اِن مان پراڻو وڃي ٿو ته، آن دور ۾ ڪهڙيون غلطيون ٿيون هيون؟ ۽ انهن کي ڪهڙي ريت حل ڪيو ويو هو؟ جڏهن حالتون بدلجن ٿيون ته ان سان گڏ دلچسپيون ۽ ضرورتون به ڦري وڃن ٿيون ۽ انهي مناسبت سان ڪو به تاريخ جو دور جاءِ والاري ٿو، ان لاءِ معاشري ۾ سڄي گذريل تاريخ سان دلچسپي پيدا ڪانه ٿي ٿئي. اِها تاريخ ڪتابن، آثارن، ڪتبن ۽ ٻين ماخذن ۾ محفوظ هوندي آهي، وقت اچڻ تي ان کي پيدا ڪيو وڃي ٿو ۽ استعمال ڪجي ٿو.... اهوئي سبب آهي ته، هر عهد ۾ تاريخ جي مختلف دؤرن سان دلچسپي پيدا ٿيندي آهي ۽ زمان حال، قديم دور کي پنهنجن نظرين جي روشني ۾ بيان ڪندو آهي ۽ آن مان پرائيندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخي حقيقتون پاڻ ڳالهائينديون آهن؟

تاريخ، هڪ زماني تائين سياست ۽ مذهب لاءِ استعمال ٿيندي رهي، ان لاءِ ان تان اعتبار گهٽيو ڪجهي ويو، تاريخ ذريعي سچ کي ڳولهڻ يا ان کي صحيح ثابت ڪري ڏيکارڻ ممڪن ئي نہ رهيو. ان ڪري ارڙهين صدي ۾ ان ڳالهہ جي ڪوشش ڪئي ويئي تہ، تاريخ کي سائنس بڻائجي، ان جا قانون جوڙيا وڃن ۽ تاريخ کي هڪ اهڙو علم ٺاهيو وڃي، جو ان کي ڪو طبقو يا ڪا جماعت پنهنجن مفادن لاءِ استعمال نہ ڪري سگهي ۽ انهي ذريعي سچائيءَ تائين پهچي سگهجي. ان مقصد لاءِ انهي ڳالهہ تي زور ڏنو ويو تہ، مؤرخ جو اهو ڪم ناهي تہ هو ڪو فيصلو ڏئي، پر مورخ جو ڪم اِهو آهي تہ، هو حقيقتون گڏ ڪري، انهن کي ترتيب ڏي ۽ پوءِ حقيقتون پاڻ ڳالهائينديون ۽ سچائي جو خود اعلان ڪنديون.

تاريخ کي سٺين نموني جوڙڻ جو ڪم ان لاءِ ناڪام ٿيو تہ، حقيقتون پاڻ نہ ڳالهائينديون آهن، انهن جي حيثيت تہ هڪ ٿڌي برف جي ٽڪري وانگر ٿيندي آهي ۽ اصل ۾ آهو مورخ ئي آهي جيڪو انهن حقيقتن کي گرمي پهچائي ٿو، انهن کي زبان عطا ڪري ٿو ۽ کين اهڙي حالت ۾ وٺي اچي ٿو، جو انهن جون ڳالهيون ٻڌيون وڃن.... رڳو حقيقتن کي ميڙڻ يا واقعن کي گڏ ڪرڻ تاريخ ناهي، اهڙي ريت تہ، اِها اهڙي شيءِ هوندي جنهن ۾ نہ ڪو روح هجي ۽ نہ ڪو مفهوم. حقيقتون پنهنجو ماضي بيان نٿيون ڪري سگهن ۽ نہ ئي وري سببن، اثرن جو ڪو تجزيوئي ڪري سگهن ٿيون. مثلاً: هڪ سادي تاريخي حقيقت اِها آهي تہ: ”هندوستان تي محمود غزنوي حملو ڪيو“ جيڪڏهن ان واقعي کي صرف بيان ڪيو وڃي، تہ اهو اسانکي تاريخ سمجهڻ ۾ ڪابہ مدد نہ ڏيندو. ڇوتہ ان واقعي پويان ڪجهہ سبب هوندا. ڇوتہ محمود غزنوي اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حملو اڪيلي سر نه ڪيو ويندو، ان سان گڏ فوج هوندي، هٿيار هوندا، گهوڙا ۽ سامان ڍوئيندڙ جانور هوندا، رڳو فوج نه هئي پر ان سان گڏ عام ماڻهو به هوندا. انهن سڀني جي گڏيل ڪوشش سان هندستان تي حملو ٿي سگهيو. اِن کانپوءِ اهي سوال اچن ٿا ته، حملي جو هندستان ۾ ڪهڙو ردعمل ٿيو؟ انهيءَ ردعمل ۾ حڪمرانن کان وٺي زميندار ۽ عام ماڻهو به گڏ هئا؟. هاڻي جيستائين انهن جي جذبن، احساسن ۽ خيالن کي معلوم نه ڪبو تيستائين اهو واقعو هڪ سادو واقعو رهندو. پر جڏهن مورخ، انهي واقعي جي ذري ذري کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندو ته اِن واقعي جا ڪيترائي پهلو اڀيان اچڻ شروع ٿيندا. پر انهي واقعي متعلق اهي سوال اتي ئي ختم ٿي ڪونه ٿا وڃن، پر ذهن ۾ ٻيا سوال به جنم وٺڻ لڳندا. جيئن، محمود غزنوي هندستان تي حملو ڇو ڪيو؟ ۽ هندستاني حڪمرانن محمود تي حملو ڇو نه ڪيو؟. جڏهن انهن سوالن جو جواب ڳولهي لهڻو آهي ته انهي طرفن کان معاشي ۽ سياسي سببن جو تجزيو ڪرڻو پوندو ۽ انهن طاقتن جو پڻ مطالعو ڪرڻو پوندو جن تاريخي عمل کي انهيءَ حد تائين آندو. اهڙي ريت هڪ واقعي ۽ هڪ حقيقت جي چوطرف ڪيترن واقعن ۽ ڪيترين حقيقتن جو وجود هوندو آهي.... جيستائين انهن جي تشريح ڪري اِن کي ظاهر نه ڪيو وڃي، تيستائين تاريخي عمل کي سمجهي نٿو سگهجي.

انهي سلسلي ۾ مورخ کي جن ڏکاين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو، سي ڏاڍيون منجهائيندڙ آهن. جيئن ته واقعو ماضيءَ ۾ ٿيل هوندو آهي، هو ان واقعي متعلق رڳو بيان پڙهي ٿو ۽ پوءِ اهو تعين ڪري ٿو ته، اهو واقعو ڪٿي ۽ ڪهڙي زماني ۾ ٿيو؟ ان وقت جون حالتون ڪهڙيون هيون؟ انهن ڳالهين جي پس منظر ۾ هو واقعي جا سبب ۽ نتيجا ڪڍي ٿو ۽ انهن جو تجزيو ڪري ٿو.... جيئن ته هر مورخ جو پنهنجو نقطہ نظر هوندو آهي، ان لاءِ مورخ هڪ ئي واقعي جون ڌار ڌار معنائون ۽ نتيجا ڪڍن ٿا. جيئن هيءَ هڪ حقيقت آهي ته، رومي سلطنت جو زوال ٿيو. اهو زوال ڪيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيو؟ ان باري ۾ هر مورخ پنهنجو تجزيو بيان ڪيو آهي. ڪو ان زوال جو سبب مذهب ۽ بربريت کي قرار ڏئي ٿو، ڪو ان زوال جو سبب امير طبقي جي عروج ۽ عياشين کي ڏئي ٿو ته ڪو وري ان کي نسل جي خرابيءَ ڪري ڄاڻائي ٿو. ڪو مورخ انهي متعلق ائين چوي ٿو ته، روسي سلطنت جي تباهي آب و هوا ۽ ماحول جي تبديليءَ ڪري ٿي، زراعتي زمين جي ويران ٿيڻ ڪري حڪومت جي آمدني گهٽجي ويئي، هاري بيروزگار ٿي ويا هئا ۽ اهڙي ريت محروم ماڻهن جي تعداد ۾ تمام گهڻو اضافو ٿيو جنهن ڪري اها سلطنت تباهيءَ طرف وڌڻ لڳي. ڪجهه مورخ وري انهيءَ جي آبتڙ زوال جو سبب پڌائين ٿا. هنن موجب، غلامي جيا ادارا تباهه ٿيڻ لڳا، روسي حڪمرانن کي جيڪو وقت مليو هوتاهو ختم ٿيڻ لڳو هو ۽ ٻيو سبب اميرن ۽ غريبن جي وچ ۾ طبقاتي جهيڙو هو، جنهن روسي معاشري کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو ۽ جڏهن جرمن قبيلن حملو ڪيو ته انهن کي منهن ڏيڻ وارو ڪوبه ڪونه هو. ”ڊائن بي“ جي نظرئي موجب زوال جو هي سبب ڄاڻايو ويو ته، روسي سلطنت آڏو جيڪي چيلينج هئا، انهن جو هي مؤثر طور جواب نه ڏيئي سگهيا. اميرن سڀ سهوليتون پاڻ لاءِ رکيون ۽ غريبن کي نيوڙي اڌ مئو ڪري ڇڏيائون. ان لاءِ جڏهن سلطنت تي ڌاڪيا ڏينهن آيا ته عوام ماٺ ڪري ويهي رهڻ مناسب سمجهيو.

مٿي روسي سلطنت جي زوال متعلق ڌار ڌار خيال موجود آهن، هر مورخ پنهنجي ڳالهه کي سچو ڪرڻ لاءِ دليل به ڏنا آهن. انهيءَ مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته، حقيقتون پاڻ نه ڳالهائينديون آهن پر مورخ پنهنجي خيال جي مدد سان، انَ کان ڳالهرائيندو آهي ۽ اهڙي ريت هڪ مفهوم جنم وٺندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ ۽ فيصلو

هڪ مورخ تاريخ لکندي ڪنهن واقعي يا شخصيت جي باري ۾ تڏهن فيصلو ڏئي ٿو، جڏهن ته واقعو گذري چڪو هوندو آهي.... ۽ فيصلو تڏهن ڏيندو آهي جڏهن ان جو مقابلو تاريخ جي ٻئي واقعي سان ڪندو آهي ۽ ان جي اثرن جو تجزيو ڪري ويهندو آهي، ان لاءِ ان فيصلي جو دارومدار ان مواد تي هوندو آهي جيڪو مورخ کي دستياب ٿي سگهندو آهي ۽ انهي مواد ڪري ئي هو ڪنهن فيصلي ڏيڻ جي حالت ۾ هوندو آهي.

تاريخ نويسي ۾ هڪ سوال ڏاڍو اهم رهندو پئي آيو آهي ته: 'تاريخ لکڻ وقت مورخ کي پنهنجو فيصلو ڏيڻ گهرجي يا نه؟' انهي سوال جي مخالف هڪ برطانوي مورخ ڪندي چيو آهي ته: "مورخ جو ڪم اخلاقي فيصلو ڏيڻ نه آهي، ڇو ته اسان سان ڪو به ٻئي جي دل جو راز نٿو ڄاڻي ۽ عيسائي مذهب جي ته اها روايت رهي آهي ته پين متعلق فيصلو نه ڪريو، ائين نه ٿئي جو توهان متعلق فيصلو ڪيو وڃي."

'بٽرفيلڊ' هن ڳالهه تي زور ڏئي ٿو ته: 'مورخ جي حيثيت هڪ جاسوس وانگر هوندي آهي، جيڪو ڪيس جي ڏکاين ۽ مونجهارن کي سمجهائي، سچائي ۽ حقيقت کي ظاهر ڪري ٿو.... ان لاءِ مورخ جو اهو ڪم ڪونهي ته هو ڪنهن کي ڏوهاري قرار ڏئي. مورخ جو اهو به ڪم آهي ته هو، ماضي جي تاريخ جو سلسلو اهڙي ريت جوڙي جهڙو ماضيءَ ۾ رهيو هجي، ڪيس ماضيءَ متعلق گهڻي تحقيق ڪرڻي پوندي، ان لاءِ کيس پنهنجو ذهن بلڪل صاف رکڻ گهرجي، ڇو ته جيڪڏهن ذهن صاف نه رکيو ته فيصلي ڏيڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي ٿيندي.... جيڪڏهن وري تاريخ کي نيڪي ۽ بدي جي جهيڙي ۾ پئجي لکيو، ته ان سان يقيناً تاريخ متاثر ٿيندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ ڳالهه جو مثال، يورپ ۾ ڪيٿولڪ ۽ پروسٽنيٽ نقطه نظر کان ۽ اسان وٽ شيعه ۽ سني نقطه نظر کان لکيل تاريخ آهي. انهن ۾ مورخ فيصلن ۾ وچڙي وڃي ٿو ۽ اهڙي ريت تاريخ جي سچائي وڃائجي وڃي ٿي... ٿيندو ائين آهي جو، جيڪڏهن نظرياتي گروهه ڏوهه ڪري ٿو ته هو ان جا اخلاقي سبب پيش ڪري ٿو، پر جيڪڏهن اهو ساڳيو ڏوهه ٻيو گروهه ڪري ٿو ته مٿس اخلاقي فيصلو مڙهيو وڃي ٿو، ان لاءِ انهن فيصلن جي ڪا به حيثيت ۽ اهميت نٿي رهي.

مٿين نظرين جي خلاف، هڪ ٻيو مورخ 'اي زڪ برلن' جو چوڻ آهي ته، "... هڪ مورخ کي فيصلو هر حال ۾ ڏيڻ گهرجي، پوءِ ان کي ڪير پسند ڪري يا نه. چوته جيڪڏهن اسين نيرو، تيمورلنگ يا هٽلر متعلق ڪو فيصلو نه ڏيون ته اهو نهايت خطرناڪ ثابت ٿيندو. اخلاقي فيصلي ڏيڻ کان انڪار جو مطلب اهو ٿو ٿئي ته اسان، سماجي علمن ۽ سائنس کي گڏي کچڙي ڪا هي آهي. چوته تاريخ سائنس نه آهي، ان لاءِ واقعن متعلق، جيڪڏهن اسين پنهنجا خيال بيان نٿا ڪريون ته اها هڪ غيرفطري ڳالهه ٿيندي."

تاريخ ۾ هڪ مسئلو هي به آهي ته، ڇا انساني معاشري جي اخلاقيات ۽ تاريخ جي اخلاقيات هڪجهڙيون هونديون آهن؟ جيڪڏهن انهن ۾ واقعي فرق آهي ته تاريخي واقعن کي عام اخلاقي اصولن تي نه پرکيو وڃي، انهي سلسلي ۾ 'هيگل' جو چوڻ آهي ته، تاريخ ۾ جيڪڏهن شخصيتون پنهنجو مشن پورو ڪرڻ خاطر اخلاقي قدرن جي پرواهه نه ڪن، ته اهو انهن لاءِ جائز آهي، چوته هو جنهن اعليٰ مقصد جي تڪميل ڪري رهيون هونديون آهن، اهي مقصد انهن شين کان وڌيڪ اهم آهن، ان لاءِ اهي اهم اڳواڻ فرد جيڪڏهن پنهنجن مخالفن کي قتل ڪرائين ٿا، زهر ڏيئي مارائين ٿا يا انهن جي خلاف سازشون ڪن ٿا ته اهو سڀ ڪجهه جائز آهي.

جڏهن شاهجهان پنهنجي ڀاءُ شهزادي خسرو کي قتل ڪيو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ آن وقت جي مورخ صالح ڪنبوه انهي قتل کي جائز قرار ڏنو ۽ انهيءَ لاءِ اهو دليل ڏنو ويو تہ، اهڙي ريت بادشاهہ پنهنجن مخالفن کي رستي تان هٽائي، سلطنت کي خونريزي ۽ عام قتلام کان بچائي ٿو. جيڪڏهن اهو درست آهي تہ پوءِ اورنگزيب جهڙي ريت پنهنجن ڀائرن کي قتل ڪرايو آهو بہ جائز هو؟ جيڪڏهن تاريخ کي انهيءَ رخ کان ڏٺو ۽ پرکيو وڃي تہ پوءِ سڀني ظالمن، آمرن ۽ استحصال ڪندڙن کي بچاءَ جو سبب ملي ٿو وڃي ۽ اهي تاريخ جي عدالت مان آزاد ٿي ويندا. ان لاءِ مورخ کي، تاريخ لکڻ وقت اخلاقي بنيادن تي فيصلو ڏيڻ گهرجي، جيئن انهن ڏوهن جي سزا انهن فردن کي تاريخ جي عدالت ۾ ملي سگهي. سندن سڀ ڪيل ڏوهہ، دنيا آڏو پيش ٿين، جيئن انهن کي احساس ٿئي تہ، سڀ کان وڏو عذاب ڏيندڙ تاريخ جي سزا هوندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

همعصر تاريخ جو لکڻ

هر مورخ لاءِ همعصر تاريخ لکڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم هوندو آهي، ڇوته انهيءَ تاريخ ۾ جن ماڻهن جڙندي ڏٺو هوندو آهي، سي زنده هوندا آهن. انهن مان ڪجهه اهڙا ماڻهو به هوندا آهن جيڪي انهيءَ تاريخ جو هڪ حصو پڻ هوندا آهن، جنهن ڪري تاريخي شخصيتن ۽ واقعن سان سندن جذباتي وابستگي پڻ هوندي آهي. ۽ اهائي حالت مورخن جي هوندي آهي، جو هو پنهنجي پسند ۽ ناپسند کي اڳيان رکي فيصلو ڪندا آهن، جنهن ڪري ذاتي جذبن کان ڌار ٿي لکڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو آهي. اهڙي صورتحال ۾، جو تجزيو جرمن جي مشهور مورخ 'سومزن' ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته، "جيڪي ماڻهو تاريخي واقعن ۽ انهن جي جڙڻ جي عمل مان لنگهيا آهن، انهن کي ان ڳالهه جو احساس تمام جلد ٿي ويندو آهي ته، تاريخ کي بغير محبت ۽ نفرت جي نه تحرير ڪري سگهجي ٿو ۽ نه ئي وري جوڙي سگهجي ٿو." اهڙي صورتحال جو تجربو مشهور انگريز مورخ 'گبن' کي به ٿيو. شروع ۾ هن جو خيال هو ته، هو انگلستان جي مشهور ۽ تاريخي شخصيتن تي تحقيق ڪري، ان لاءِ هن، رچرڊ اول، بليڪ پرنس ۽ والٽر ريلي، متعلق سوچيو. پر ڪيس تمام جلد اهو احساس ٿيو ته، برطانوي معاشري ۾، انهن شخصيتن متعلق ايترا ته اختلاف آهن، جو يا ته هن کي پيار ڪرڻ وارا آهن يا رڳو نفرت ڪرڻ وارا. ان لاءِ تاريخ کي پڙهڻ لاءِ تعصب کان پاڪ ذهن ملي نه سگهندا. انهيءَ لاءِ هن سوچيو ته، هو هڪ اهڙي موضوع کي ڪٽندو، جنهن جو واسطو ماضيءَ جي هڪ اهڙي دؤر سان هجي، جنهن متعلق اِتي جا ماڻهو ڪا راءِ نه رکندا هجن. اهڙي موضوع تي هو بغير ڪنهن پريشاني جي ڪم ڪري سگهي ٿو. انهي ڳالهه کي اڳيان رکي هن رومي سلطنت جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زوال تي پنهنجو مشهور ڪتاب لکيو.

بلڪل اهڙي ئي صورتحال هندوستان جي ’جادوناٿ‘ کي پيش آئي، شروع ۾ هن جو خيال هو ته هو ١٨٥٧ع جي اهم واقعن تي تحقيق ڪري، پر هن ٻه ٽڪڙو اهو اندازو ڪري ورتو ته، اهو موضوع برطانوي حڪومت لاءِ ڏاڍو حساس آهي جنهن کي حڪومت ڪنهن به حال ۾ پسند نه ڪندي. ان لاءِ هن اهو موضوع ڇڏي اورنگزيب جي دور حڪومت تي تحقيق ڪئي، البته اهو ڪتاب فرقيوار نظرئي تحت لکيو ويو. پر ان تي حڪومت ناراض نه ٿي.

اهڙي صورتحال هر معاشري ۾ مورخ اڳيان اچي ٿي. همعصر تاريخ تي جتي اعتراض ٿين ٿا آتي ان کي پسند به ڪيو ويجي ٿو. پاڪستان جي مورخن (....جيڪڏهن اهڙان ڪجهه آهن ته) اڳيان به اهو مسئلو اچي ٿو جڏهن آهي، پاڪستاني تحريڪ تي تاريخ لکن ٿا. ان لاءِ، انهي تحريڪ ۾ جن ماڻهن حصو ورتو هو، آهي پنهنجي پسند ۽ مرضي خلاف ڪابه ڳالهه ٻڌڻ ۽ پڙهڻ لاءِ تيار نه آهن ۽ نه ئي وري پنهنجين غلطين کي ٻڌڻ لاءِ تيار آهن. انهن جو هن ڳالهه ۾ پڪو پختو يقين آهي ته: ’هن جيڪو به ڪيو آهي صحيح ڪيو‘. ان لاءِ اسان وٽ جيڪا همعصر تاريخ لکي ويئي، آها مسلم ليگ جي نقطه نظر سان لکي ويئي، انهيءَ ۾ هندو ۽ مسلم جي جهڳڙي جو آواز آهي، ۽ حڪومت کي به اهڙي تاريخ قبول هئي، جنهن ڪري نصابي ڪتابن ۽ سرڪاري دستاويزن ۾ انهيءَ تي تمام گهڻو زور ڏنو ويو. پر ايترو به ڪيو ويو جو سماجي ۽ قانوني دٻاءَ هيٺ انهيءَ جي خلاف لکڻ ۽ ڳالهائڻ کان به روڪيو ويو. انهيءَ عمل جو نتيجو اهو نڪتو جو اسانجو نئون نسل، تاريخ جي ٻئي رخ کان بلڪل اڻڄاڻ رهيو. ڪين نه ڪانگريس پارٽي جي باري ۾ گهٽي معلومات آهي ۽ نه هندوستان جي ٻين تحريڪن متعلق، جيئن غدر تحريڪ يا ١٩٤٦ع ۾ هندوستان بحريه جي بغاوت ۽ نه ئي هندوستان جي سياسي رهنمائن، انهن جي خيالن ۽ انهن جي تاريخي ڪردار جي باري ۾ ڄاڻ کان تمام پري رهيو. پيو ته پري

ٿيو پر نيشنلسٽ مسلمان رهنمائن کي به نظرانداز ڪيو ويو.

جڏهن پاڪستان ۾ سياسي حالتون ڦيرو کاڌو، سياسي، مذهبي ۽ سماجي جماعتون نروار ٿيون ته انهن سڀني جا نظريا ننڍي سوچ تحت ڦهليل هئا. جمهوري عمل جي ته هئڻ ڪري، ماڻهن ۾ سياسي شعور جهڙي ٿورائي رهي، تاريخ ۾ ماڻهن جي عمل کي مختصر ۽ ننڍو ڪري پيش ڪيو ويو ۽ زور انهي ڳالهه تي ڏنو ويو ته صرف وڏيون شخصيتون سندن مسئلا حل ڪري سگهن ٿيون. ان ڪري ماڻهو، حڪومتي ادارن جي خرابين کي وساري شخصيتن کي ڏوهاري سمجهڻ لڳا ۽ اها اميد ڪرڻ لڳا ته هڪ شخصيت وينديء ته ٻي سٺي شخصيت اچي سندن سڀ مسئلا حل ڪري ڇڏيندي. تاريخ به انهن شخصيتن تي لکي ويئي پر انهن جو ذڪر اصل نه ڪيو ويو جيڪي انهي ۽ شخصيت جي پويان طاقتن جي رنگ ۾ موجود هيون، مثلاً: سياسي، معاشي ۽ سماجي طاقتون.

همعصر تاريخ کي بيان ڪرڻ جو پيو عنصر هي هو ته هر سياسي ۽ مذهبي جماعت، پنهنجي سڃاڻپ ۽ واقاري لاءِ پنهنجي پنهنجي مطلب تحت تاريخ کي تحرير ڪرڻ شروع ڪيو جيئن هو پنهنجن نظرين جي سچائي کي ثابت ڪري سگهن. تاريخ ۾ جنهن جاءِ تي، سندن خلاف واقعا ۽ حقيقتون هيون، انهن ۾ ڦيرڦار ڪئي ويئي، انهي پهاڪي هيٺ ته ”جيڪڏهن توکي ماضي پسند نه اچي ته ان کي ڦيرائي ڇڏ.“ انهي ۽ جو نتيجو اهو نڪتو جو تاريخ انهن جماعتن جي هٿن ۾ سندن هٿيار بڻجي ويئي، انهي هٿيار ذريعي انهن پنهنجن پنهنجن پوئلڳن جي ذهنن کي ايترو زهري ڇڏيو جو هو پنهنجي هيري جي خلاف ڪجهه ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهن.... اهڙي حالت ۾ پاڪستان جي تاريخ لکڻ نهايت ئي ڏکيو ڪم آهي، ڇو ته هڪ طرف حڪمران طبقي جا پنهنجا مفاد آهن جن جي ڪري هو پنهنجي مرضي مطابق تاريخ لکرائڻ چاهين ٿا، ته ٻئي پاسي سياسي ۽ مذهبي جماعتون آهن. ان ڪري جيڪا به همعصر تاريخ لکي ويئي آن ۾ اهي به دباءُ چٽي طرح ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

همعصر تاريخ کي جيڪڏهن تجزياتي انداز ۾ تحرير ڪيو وڃي، ته انهي ذريعي موجوده مسئلن کي سمجهي سگهجي ٿو. جيئن هن وقت جيڪي اختلاف سامهون اچي رهيا آهن، جن ۾ لساني ۽ نسلي بنيادن تي گروهه بنديون، علائقائي قوم پرستي جو رجحان، اڪثريت ۽ اقليت وچ ۾ بدگمانيون، حڪمران طبقي جي سهوليتن ۾ اضافو، سياسي جماعتن جي بي عملي، سياست دانن جي ناڪامي، سياسي ڪارڪنن جي بيقدري، سياسي ڳالهين ۾ ذاتي هٺ ڌرمي، برداشت ڪرڻ جي طاقت ۾ گهٽتائي، رشوت ۽ بدعنوانين جو وڌڻ، ملڪ جي سياست ۾ بييقيني. انهن مسئلن جون پاڙون تحريڪ پاڪستان جي تاريخ ۾ لڪيل آهن.... مثلاً: تاريخ کي جنهن نظريي تحت لکيو ويو آهي ان ۾، مسلم قوميت جو نظريو سڀ کان وڌيڪ اهم آهي. انهي ۾ ان ڳالهه جي نشاندهي ٿيل آهي ته هندوستان ۾ رهندڙ مسلم اقليت هڪ قوم ٿي ۽ هڪ قوم تي هجڻ ڌار ملڪ جو مطالبو ڪيو. بلڪل انهي بنياد تي اڄ نسلي ۽ لساني اقليتون ڌار قوم هئڻ جو مطالبو ڪري رهيون آهن، جيڪڏهن انهن کي ڌار قوم مڃيو وڃي ته پوءِ انهن جي ڌار وطن جي مطالبي کي به مڃڻو پوندو.

تحريڪ پاڪستان جي تاريخ ۾، شمله وفد جي ڪاميابي کي ان لاءِ اهميت ڏني وڃي ٿي، جو ان وفد ڌار چونڊن ۽ نوڪرين ۾ ڪوٽا سسٽم بحال ڪرايو. انهن جي انهن مطالبن جو بنياد، انهي دليل تي هو ته، مسلمان جيئن ته پويان پيل ۽ گهٽ پڙهيل آهن ۽ هندوئن سان مقابلو نٿا ڪري سگهن، ان لاءِ انهن کي نوڪرين ۾ ڪوٽا ڏني وڃي. ۽ ڌار چونڊن ذريعي انهن کي نمائندگي ڏني وڃي، پر اڄ جڏهن انهن بنيادن تي ڪوٽا سسٽم کي متعارف ڪرايو ٿو وڃي ته انهي جي مخالفت ڪئي ٿي وڃي.

ملڪ کي ورهائڻ جا جيڪي فائدا ٻڌايا وڃن ٿا، تن ۾ هي چيو وڃي ٿو ته، ورهاڱي جي نتيجي ۾، مسلمانن کي حڪومت ۽ انتظاميه ۾ وڏا وڏا عهدا مليا، پر جي ملڪ نه ورهائجي ها ته

هندو ڪنهن مسلمان کي اڳيان نه وڌڻ ڏين ها. انهي بنياد تي اڄ عليحدگي وارين تحريڪن ۾ به اهو دليل ڏنو وڃي ٿو ته ڇاڪاڻ ته موجوده نظام ۾ اڳيان وڌڻ کان روڪيو ويو آهي ۽ هو ڏار ملڪ ٺاهي پنهنجي حڪومت ٺاهيندا ۽ انهي حڪومت ۾ وزير، سفير ۽ جنرل ٿي ويهندا.

تاريخ ۽ جنگ

تاريخ ۽ جنگ جو واسطو تمام گهڻو پراڻو آهي. ڇوته جنگ کي ابتدا کان ئي اهڙو واقعو سمجهيو ويندو هو، جنهن جي تفصيل سان نه رڳو مورخ کي دلچسپي هئي، پر پڙهندڙن جي به اها خواهش هئي ته انهي موضوع متعلق گهڻو ڄاڻي سگهجي. هندوئن جو مذهبي ڪتاب 'مهاڀارت' ڪو مستند تاريخي ڪتاب ناهي پر ان ۾ جنگ کي مرڪزي موضوع بڻايو ويو آهي. يونان جي ٻن مشهور مورخن به جنگ کي پنهنجو موضوع بڻايو. 'ٽروجن جنگيون'، 'ايرانين سان وڙهڻ' ۽ 'يونان جون ايشيا ۾ فتحون'- اهي انهن جا پسند وارا موضوع هئا. انهي کان پوءِ يورپ جي تاريخ ۾ 'صليبي جنگين' کي اهميت ملي. عربن، ايرانين ۽ ترڪن به تاريخون تحرير ڪرايون، انهن تاريخن ۾ جنگين ۽ فتحن جو تفصيل سينئي کان وڌيڪ آهي.

١٩- صدي ۾ جنگ جو موضوع نه رڳو مورخن لاءِ دلچسپي جو سبب بڻيو، پر مفڪرن به، جنگ جي اهميت تي نوان خيال پيش ڪيا ۽ جنگ کي معاشري لاءِ ضروري سمجهيو ويو، ان لاءِ جو جنگ سان معاشري جي ساک ٺهي ٿي. خطري کان بچڻ لاءِ ذهني صلاحيتون پيدا ٿين ٿيون ۽ نين ايجادن لاءِ ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. انهي ڳالهه جو مثال پهرين جنگ عظيم آهي، جنهن ۾ جرمن گيهه ۽ مکڻ جو نعم البدل بناسپتي گيهه ايجاد ڪيو، ڇوته جنگ ڪري گيهه جي تمام گهڻي کوٽ ٿي پيئي هئي. مفڪرن جي خيال ۾ جنگ ڊپ، بزدلي ۽ بي عملي جو خاتمو ڪري ٿي. جيڪڏهن ڪجهه ڪجهه عرصي کانپوءِ جنگ ٿيندي رهي ته معاشرو باعمل ۽ ڇڙواڇڙ واري عمل ۾ رهندو جنهن ڪري اندرين زندگي ۾ ترقي ٿيندي رهندي. انهن جنگين جي نتيجي ۾ واپار کي به فائدو ٿيندو. صنعت وارو، هٿ جي هنرن وارو، هنرمند ۽ ٻين

ڪي گهٽو ڪم ملندو ۽ جنگ جي نتيجي ۾ ان سان لاڳاپيل صنعتن کي به ترقي ملندي.

يورپ جي وچين عهد ۾، جنگ اميرن لاءِ هڪ ڪاروبار بڻجي ويئي. جنگ کي ڪاروبار طور اختيار ڪندي، انهن پنهنجون ڌار-ڌار ٽوليون ۽ جماعتون ٺاهيون. انهن مان گهڻا پاڻ کي مذهب خاطر وڙهندڙ چوندا هئا ۽ ڪجهه پاڻ کي مظلومن جي حمايت ڪندڙ ڏيکاريندا هئا. انهن جنگ ۽ وڙهڻ جو هڪ "اخلاقي ضابطو" جوڙيو جنهن ۾ دشمن سان ڪهڙي رِيت هلجي ۽ ٻيو ڪجهه شامل هو. جنگ انهيءَ طبقي لاءِ وڏو اعزاز بڻجي ويئي. جنگ جي ميدان ۾ عزت خاطر جان ڏيڻ هڪ قدر واري ڳالهه ٿي پيئي. ابتدا ۾ هنن صليبي جنگين ۾ حصو ورتو. جڏهن اهي جنگيون ختم ٿي ويون ته پاڻ ۾ وڙهندا رهيا.

جنگ کي جيڪو هڪ اهم ڌنڌو بڻايو ويو، ان لاءِ جيڪي خوبيون بيان ڪيون ويون، تن ۾ بهادري، بي خوفي، همت رکندڙ ۽ دشمن کي قتل ڪرڻ هڪ وڏي خوبي هئي. اُنهي ڪري جنگين ۾ رت جا درياءَ وهي اُٿي هليا، شهرن کي ڦريو ويو، ڳوٺ ساڙيا ويا، پر انهن ڪريل عملن تي شرمندو ٿيڻ بجاءِ سرڳو فخر ڪندا هئا. جنگ جو ٻيو پاسو ڏاڍو ڪنبائيندڙ آهي. انهيءَ ۾ نه رڳو فوجي ماريا ويندا هئا، پر ان سان گڏ معصوم ٻار، عورتون ۽ بيگناهه شهري به ماريا ويندا هئا. منگول جڏهن فتح حاصل ڪري وٺندا هئا ته جنگ ۾ مارجي ويلن جي کوپڙين جا مينار تعمير ڪرائيندا هئا. هندوستان ۾ انهي رسم کي بابر ڪٽي آيو جنهن پنهنجن دشمن جي کوپڙين مان مينار تعمير ڪرايا. راجپوت، جڏهن اهو سمجهندا هئا ته، جنگ ۾ کين هارائڻو پوندو، ته هو پنهنجن ٻارن ۽ زالن کي ماري ڇڏيندا هئا ۽ پاڻ جنگ ۾ آخري ساهه ڏيڻ تائين وڙهندا رهندا هئا. انهن جنگين نه رڳو شهر ۽ ڳوٺ تباهه ڪيا پر ترقي ڪندڙ تهذيبن ۽ تمدنن کي به برباد ڪري ڇڏيو. وقت بدلجندو رهيو پر نه بدليو ته انسان جو ذهن، انسان جي هٿان انسان جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قتل ٿيندو رهيو. پهريـن ۽ ٻـي جنگ عظيم جي تباهين مان بـہ انسانَ ڪو سبق نہ حاصل ڪيو.

ٻي جنگ عظيم ڪانپوءِ اتحادي طاقتن، جرمني ۽ جاپان کي ڏوهاري قرار ڏنو ۽ چيو تہ، انهن فتح ڪيل عـلائقن ۽ ملڪن ۾ ماڻهن جو عام قتل ڪيو آهي. انهي سلسلي ۾ پنهنجي ملڪن جي جنگي ڏوهارين تي ڪيس بہ هلايا ويا. جيئان انهي ڏوهہ سان ان لاءِ نڪري ويو، جو آمريڪا هيروشيما ۽ ناگاساڪي تي ايٽم بم ڪيرائي ٻنهي شهرن کي تباهہ ڪري ڇڏيو، انهي لاءِ جاپان جا ڪيل جنگي ڏوهہ انهي پس منظر ۾ لڪي ويا. پر جرمني جي ڏوهن کي ڪتابن، فلمن ۽ ٻين ذريعن سان مٿي آندو ويو، جو جرمني قوم پاڻ ڏوهہ جي شديد احساس هيٺ رهي. برلن ۾ جنگ جي زماني ۾ تباهہ ٿيل چرچ جو هڪ حصو يـادگار طور سانـڍي رکيو. پـر جڏهن ويٽنام جي جنگ ۾، آمريڪا ويٽنامين جو عام قتل ڪرڻ شروع ڪيو ۽ انهن جي هڪ فوجي جنهن ’مائـي لالـي‘ ۾ اهو قتل عام ڪرايو تہ واپسي تي آمريڪا ۾ ان جو استقبال هڪ هيرو وانگر ڪيو ويو. انهي عمل تي جرمنن ۾ انهيءَ جو شديد رد عمل ٿيو. (البٽ رسل جي ٽربيون ويٽ نام جي جنگي ڏوهارين تي ڪيس هلايا مگر انهن جي نوعيت اخلاقي هئي) ۽ جرمنن جي نئين نسل انهن ڏوهن ڪان پاڻ کي ڌار ڪري ورتو.

جرمني ۾ هن وقت ٻـن قسمن جون تـاريخون لکجي رهيون آهن. هڪ هيءَ تہ، هٽلر جي هٿان جرمنن تمام گهڻو نقصان برداشت ڪيو، ڇوتہ، هٽلر مخالفن کي نيست نابود ڪري ڇڏيو ان لاءِ هو مزاحمتي تحريڪن کـي اهميت ڏيئي رهيا آهن، جيڪي اُن وقت هٽلر جي خلاف هيون. انهي مان هي، اهو ثابت ڪرڻ پيا چاهين، تہ انهن ڏوهن ۾ سڄي جرمني قوم شامل نہ هئي. ٻيو رجحان اهو آهي تہ، ان ڪانپوءِ اينگلو آمرن ۽ ڊڪٽيٽرن جهڙي ريت پنهنجي عوام کي ڪچليو ۽ ٻين ملڪن ۾ جيڪا خونريـزي ٿي، اُن کي آخـر خراب ڇو نٿو چيو وڃي؟ ۽ انهن کـي هيرو ڪري ڇو ٿو پيش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو وڃي؟ جيڪڏهن اهي آمر هيرو آهن ته پوءِ هٽلر ۾ ڪهڙي خرابي هئي؟

جنهن قوم جو نئون نسل، انهي جرم جي احساس کان پاڻ بچائڻ چاهي ٿو جيڪا هنن پاڻ قبول ڪئي هئي. تاريخ جي ستم ظريفي اها آهي ته، جيڪي قومون جنگي ڏوهه ڪن ٿيون، سي پاڻ ڪڏهن به قبول نه ڪنديون آهن. پر ان تي فخر ڪنديون آهن. "جليانوالا باغ" ۾ ٿيل قتل عام جي ذميدار ڪرنل ڊائر جو انگلستان ۾ استقبال هڪ هيري وانگر ڪيو ويو ۽ کيس سلطنت برطانيه جو محافظ قرار ڏنو ويو. اهي ئي آهي خيال آهن، جيڪي جنگ ۽ عام قتلام کي زنده رکيو اچن.

قومن جو عروج ۽ زوال

تاريخ ۾ قومن جي ابتدا ۽ انتها جا قصا، مفڪرن لاءِ غور ۽ فڪر جا سبب رهيا آهن، ۽ انهن سوالن جا جواب ڳولهڻ ۾ مصروف رهيا ته، اهو عروج ۽ زوال ڪيئن ٿو ٿئي؟ ڇا ان جا به ڪجهه قانون آهن؟ جيڪڏهن ها ته پوءِ اهو ضروري آهي ڇا ته، انهن قانونن تحت هر قوم ۽ تمدن جو عروج ۽ زوال ٿيندو هجي؟ ڪجهه مفڪرن ته قومن جي عروج ۽ زوال کي بائيولوجيڪل عمل تحت ڏٺو، جهڙي ريت زندگي مختلف مرحلن مان گذري موت جو مزو چکي ٿي، قومون به انهي عمل هيٺ رهن ٿيون. اهو نظريو ابن خلدون ۽ اشپينگلر جو هو جن دليلن ذريعي انهي کي پيش ڪيو. البته ٽائن بي به انهي نظرئي جو قائل آهي پر هو قوم يا تمدن جي تباهي جو ذميدار تخليقي اقليت کي ڄاڻائي ٿو، جيڪو تمام وڏيون غلطيون ڪري قوم کي تباهي طرف وٺي وڃي ٿي. جيڪڏهن تخليقي اقليت، انهن غلطين جي شروعات به ڪري ۽ پاڻ کي وقت سان گڏ تبديل ڪندي رهي ته انهي حالت ۾ زوال جو عمل بيهي سگهي ٿو.

هڪ نظريو هي به آهي ته، قومن جو زوال انهيءَ ڪري ٿيندو آهي جو هو پنهنجين صلاحيتن ۽ طاقتن کي ڦهلائي ڇڏين ٿيون ۽ اهو پکڙجڻ سندن موت جو ڪارڻ بڻجي ٿو. موجوده دؤر ۾ ان جو مثال برطانيه جي وسيع سلطنت هئي ته هن ننڍڙي ملڪ پاڻ کي ايتري قدر پکيڙي ڇڏيو، جو سندس معاشري لاءِ ناممڪن هو جو انهي وڏي سلطنت جي سار سنڀال لهي سگهي. ڇو ته انهي شڪل ۾، ان جون صلاحيتون به پکڙي ويون جنهن ڪري هو پنهنجي طاقت کي برقرار نه رکي سگهيو. ايتري وڏي سلطنت لاءِ هزارن جي تعداد ۾ انتظاميه جا عهديدار، فوجي آفيسر ۽ ٻين ڪارڪنن جي ضرورت هئي، جيڪي برطانيه لاءِ تيار ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. جڏهن انهن پنهنجي مدد لاءِ مقامي ماڻهن کي ڪنيو ته انهن ۾ انهن ڏي ماڻهن ۾ قوميت جو جذبو پيدا ٿيو ۽ انهن ۾ برطانيه جي خلاف آزادي جي تحريڪ شروع ڪئي.

زوال جو سبب هي به هوندو آهي ته معاشري جي اقليت حڪمران، بدلجندڙ ضرورتن ۽ نون مسئلن کي، ماضيءَ جي طريقن ۽ تجربن سان حل ڪرڻ چاهيندا آهن. انهن کي ماضي جي علم ۽ ذهانت تي اعتماد هوندو آهي ۽ هي انهي خوشفهمي ۾ مبتلا هوندا آهن ته، هي قديم طريقن سان جديد دؤر جي مسئلن کي حل ڪري سگهن ٿا. انهن جو اهو غرور و فخر ۽ تبديلي کان بيخبري ڪين روز بروز نون مسئلن ۾ منجهائيندي ويندي آهي ۽ اهوئي عمل سندن زوال جو سبب بڻبو آهي.

آهي قومون، جن وٽ دنيا تياڳڻ جو فلسفو پيدا ٿيڻ لڳي ٿو ۽ ان کي مقبوليت به ملي وڃي ته ان معاشري ۾ بي عملي پيدا ٿي پوندي آهي چوته، اهي هن مادي دنيا جي ترقي ۾ ڪابه دلچسپي نه وٺندا آهن ۽ پنهنجون صلاحيتون روحاني ترقي ۾ لڳائي ڇڏيندا آهن، جنهن جي ڪري اهو معاشرو زوال طرف وڃڻ شروع ٿيندو آهي.

جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته قومن جو نه عروج ٿيندو آهي ۽ نه ئي وري زوال. اهي لاها ۽ چاڙها معاشري ۽ قوم جي اقليتي طبقن کي ڏسڻا پون ٿا ۽ اهي ئي سياسي طور اقتدار تي ويٺل هوندا آهن. انهن وٽ مادي وسيلا هوندا آهن ۽ انهن وسيلن جي ذريعي تهذيب ۽ ثقافت، نظريا ۽ سوچون پيدا ڪن ٿا. انهن جي قوم جي اڪثريت ان طبقي سان واسطو رکندڙ هوندي آهي جن وٽ رڳو محروميون رهيل هونديون آهن. اهي طبقا انهن سڀني ڳالهين کان هڪ طرف پنهنجي پيٽ جي دوزخ کي ڀرڻ لاءِ ڏينهن رات مزدوري ۽ پين محنت طلب ڪمن ۾ رڌل هوندا آهن. ان لاءِ اهي نه تهذيب ۽ ثقافت جي جوڙڻ ۾ حصو ڀتي وٺي سگهندا آهن ۽ نه ئي وري نظريا ۽ خيال تخليق ڪري سگهندا آهن. ان لاءِ جڏهن عروج

تي هونديون آهن ۽ وڏن پئسي جا ڍڳ لڳل هوندا آهن ته ان وقت به اڪثريت غربت ۽ جهالت واري زندگي گذاري رهي هوندي آهي. برطانيه جي سلطنت جڏهن پنهنجي عروج تي هئي ته ان وقت ان جي معاشري جا ماڻهو اڃا ۽ لئي لاءِ محتاج هئا، جو ته سڀئي فائدا حڪمران طبقي کي ملي رهيا هئا ۽ عوام انهن فائدن کان محروم هئي.

ان لاءِ جڏهن قومن جو زوال شروع ٿئي ٿو ته سڀ کان وڏو نقصان انهيءَ حڪمران طبقي کي ٿيندو آهي. انهن جي دولت گهٽجڻ لڳندي آهي، سندن سهوليتون ڦريون وينديون آهن، ملڪيت ختم ٿي ويندي آهي ۽ جڏهن هڪ نظام ٽٽي ٿو ته ان جي نتيجي ۾ سڀ ثقافتي سرگرميون به ختم ٿي ٿيون وڃن. پر انهيءَ حالت ۾ به عوام جي حالت ساڳي رهي ٿي، انهن جي روز وارين ڇرپر ۾ ڪوبه فرق نٿو اچي. ملڪ ۾ بد امني، قانون جي خلاف ورزي، چوريون، ڌاڙا وڌي وڃن ٿا پر اهو محروم طبقو انهن کان ان لاءِ متاثر ڪونه ٿو ٿئي، جو وٽن اهڙي ڪا شيءِ نه هوندي آهي جيڪا چوري ڪري سگهجي. باقي سندن حقن تي ته هر دؤر ۾ ڌاڙو لڳندو رهندو آهي. ان ڪري زوال به حڪمران طبقي کي متاثر ڪري ٿو ۽ جيئن ته حڪمران طبقو پاڻ کي قوم سمجهي ٿو، ان لاءِ پنهنجي عروج ۽ زوال کي قوم جو عروج ۽ زوال ۽ پنهنجي مفادن کي قوم جا مفاد ڪري سڏي ٿو.

اِهي حڪمران طبقا عروج ان لاءِ حاصل ڪري وٺندا آهن جو اهي پاڻ ۾ گڏجي قوم جي دولت تي قبضو ڪري وٺندا آهن ۽ پوءِ ملڪ جي وسيلن کي پنهنجي اقتدار کي مضبوط ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن. پر جڏهن وسيلا وڌي وڃن ٿا، دولت ۾ اضافو ٿئي ٿو ته انهن جي ورهاست ۾، هڪٻئي سان وڙهي پون ٿا. جنهن جي نتيجي ۾ سازشون ٿين ٿيون، اختلاف وڌي ٿا وڃن، هڪٻئي کي ختم ڪرڻ لاءِ سڀ حيلا هلايا ٿا وڃن. اهڙي ريت سندن اتحاد ختم ٿي ٿو وڃي ۽ سندن صلاحيتون يا ته سهوليتن جي تحفظ

لاءِ استعمال ٿين ٿيون يا وري سازشن ۾ ڪنهن جوڙ ڪرڻ ۾.

جيئن ته انهي عمل ۾ عوام جي اڪثريت ڪي شامل نٿو ڪيو ويچي، ان لاءِ عوام جون همدرديون به ساڻن گڏ نه هونديون آهن. اهو حڪمران طبقو عوام کي ڊار ڪري قوم ۾ معاشري جون صلاحيتون ۽ طاقتون وڌائي ڇڏي ٿو. انهن سان اهو فائدو حاصل ڪونه ٿو ڪري. جيڪڏهن عوام کي اقتدار ۾ ملڪ جي وسيلن ۾ شريڪ ڪيو وڃي ته اهو معاشرو پوري سگهه سان اڳيان وڌندو، ڇوته ذهانت ۽ صلاحيت ڪنهن خاص طبقي لاءِ مخصوص نه هوندي آهي. ان لاءِ جيڪڏهن سڀني کي موقعو ڏنو وڃي ته انهي شڪل ۾ نه رڳو قومن جي زوال کي روڪي سگهجي ٿو پر ترقيءَ سان اڳيان وڌيو رهبو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ جو تسلسل

دنيا جي تاريخ کي جيڪڏهن ڏگهي نظر سان ڏٺو وڃي ته اهو احساس ٿيندو ته، قومن جو عروج ۽ زوال ٿيندو رهندو آهي. نيون تهذيبون ۽ تمدنون تخليق ٿين ٿيون ۽ فنا ٿيو وڃن. پر مجموعي طور تي عالمي تهذيب ۽ تمدن ۾ هڪ تاريخي سلسلو جڙيل آهي. هڪ قوم يا تهذيب جيڪو ڪجهه پويان ڇڏي وڃي ٿي، ان جي بنيادن تي ٻيون قومون ترقي ڪن ٿيون. ڪنهن قوم يا تهذيب جي زوال کي ان وقت محسوس ڪيو ٿو وڃي جڏهن تخليقي صلاحيتن جي سگهه ختم ٿي وڃي. جڏهن ڪا تمدن ڪجهه تخليق ڪري ٿي ته اهو رڳو پنهنجي لاءِ نه. پر ان مان سڀئي انسانذات فائدو حاصل ڪري ٿي. شيڪسپيئر جي شاعريءَ مان رڳو انگريز لطف وٺڻ جو حق نٿا رکن بلڪ ان مان هر قوم ۽ هر فرد فائدو حاصل ڪري ٿو. اهڙي ريت جيڪڏهن ڪنهن بيماريءَ جي دوا آمريڪا ۾ ايجاد ٿي آهي ته ان مان فائدو حاصل ڪرڻ ايشيا ۽ آفريڪا جي سڀني ماڻهن جو حق آهي. بلڪل اهڙي ريت ڪنهن به قوم جي تمدن ۽ تهذيبي ملڪيت تي انسانيت جو حق ٿهي ٿو پوي. اهوئي سبب رهيو آهي جو، مصرين، يونانين ۽ ميسوپوٽاميه جيڪو ڪجهه ڇڏيو، ايندڙ قومن انهن مان فائدو ورتو. يوناني علم ۽ فن جي ڪتابن جا ترجما عربي زبان ۾ ٿيا ته انهن ڪتابن جي ڪري عربن جي تهذيب ۾ معلومات جا دروازا کلي پيا. انهن عربن چين مان ڪاغذ، ريشم، بارود ۽ ٻين شين جو علم سکيو ۽ ان کي اڳيان وڌايائون.

تاريخ ۾ ڪا به قوم يا تهذيب اڪيلي نٿي رهي سگهي، ان جو ٻين قومن ۽ تهذيبن سان ڳانڍاپو هوندو آهي، انهي واسطي کي مضبوط ڪرڻ ۾ قومن جي هجرت، جنگيون، سفارتي واسطا، تجارت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ مذهبي مشن مدد ڏيـن ٿـا. انهن واسطن سان تهذيبي ۽ ثقافتي واسطا پيدا ٿين ٿا ۽ اجنبيت جي پيت پچيو پوي.

آهي قوم يا تمدن، جيڪا نظريا ۽ خيال تخليق ڪري ٿي، اهـي بدلجندڙ زماني ڪري ختم ۽ بيڪار ٿيو پـون، سندن عملي حيثيت ختم ٿي وڃي ٿي، پر انهن جي تاريخي حيثيت پنهنجي جاءِ تي رهندي آهي. مثلاً: اڄ به ارسطو، افلاطون ۽ سقراط جي نظرين کي ان لاءِ پڙهيو وڃي ٿو تـه جيئن انهن نظرين جي بنياد تـي، زماني جي نين ضرورتن تحت نوان خيال ۽ نظريا تخليق ڪيا وڃن. قديم تهذيبن ۾، ميسوپوٽاميا ۽ مصر ۾ جيڪو رياض، طب ۽ تارن متعلق ڪم ٿيو هـو، ان کـي سمجهڻ کانسواءِ اڄوڪيون تحقيقون اڌوريون آهن ۽ خود اسين به جيستائين انهن قديم علمن جي ڄاڻ نٿا رکون تيستائين موجوده علمن جي ترقي کي چڱي ريت سمجهي نٿا سگهون.

قديم تهذيبن ۽ تمدن جي تخليق ڪيل شين مان اسانکي اهو فائدو ٿيو آهي تہ اسين اڳتي وڌي سگهيا آهيون. جڏهن تعمير جي ماهرن اڳيان يونان ۽ مصر جي تعميرات جا نمونا آيا، تڏهن اهو ممڪن ٿي سگهيو تہ، انهن کي هڪ پاسي رکي نون رستن کي ڳولهيو وڃي. اهو ان لاءِ جو جڏهن هڪ شيءِ مڪمل ٿـي وڃي ٿي تہ ذهن ان جي ٻئي پهلوءَ کان سوچڻ شروع ڪري ٿو. جيئن ڪئميرا جي ايجاد مصوري ۾ حقيقت جـو رنگ ڀرڻ شروع ڪيو تـہ پوءِ تجريدي آرٽ پيدا ٿيو. اهـڙي ريت فنا ٿيندڙ تهذيبن جـي ورثـي اڳيان وڌڻ جـو رستو جوڙيو ۽ اهڙي نموني اهو تاريخي تسلسل باقي رهيو.

قديم تهذيبن مان انسان ان وقت ٿي ڪجهہ سکي سگهي ٿو، جڏهن ڪجهہ علم پويان پاڇي پيل هجي، پـر جيڪڏهن اُن ايجاد جي ڪا معلومات ئي نہ هجي تہ اُها ايجاد انسان جي ذهن لاءِ هڪ منجهيل معمو بڻجي ويندي آهي. بلڪل ائين جيئن مصر جا اهرام تہ رهجي ويا پر اُنهن کي تعمير ڪرڻ جو فن ملي نہ سگهيو جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪري ذهن ان کي سمجهڻ کان قاصر آهي، اهڙي ساڳي صورتحال مصر جي سمين ۽ موهن جي دڙي جي مُهرن سان بہ آهي. اهڙي حالت ۾ قديم آثار، اوزار ۽ ٻيون شيون پنهنجي اهميت ۽ افاديت وڃائي ڇڪيون آهن ۽ علم کان اڻڄاڻائي تاريخي سلسلي کي ٽوڙي ٿي ڇڏي.

انهن ڏکاين هوندي بہ انسان جي اها ڪوشش آهي تہ هو انساني تاريخ کي جوڙي ۽ هڪ اهڙي انسانيت واري تمدن کي تخليق ڪري جنهن ۾ هر نسل ۽ هر قوم جو ورثو شامل هجي. ڇوتہ دنيا جي ڪابہ هڪ قوم يا تهذيب انسانيت جي علمبردار نٿي ٿي سگهي. پر انهيءَ جي ترقي ۽ تعمير ۾ هر قوم جو برابر حصو پٽي آهي. قومون اڀرنديون ۽ وڌنديون رهنديون، تهذيبون ٺهنديون ۽ ڦٽنديون رهنديون پر گڏيل نموني انساني تهذيب ترقي ڪندي رهندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مذهب ڇو ٿا تبديل ٿين؟

هڪ ڊگهي عرصي تائين فقط تاريخ ۾ سياست جي حصي تي زور ڏنو ويندو هو. جنهن ڪري تاريخ محض ماضي جي سياست بنجي ويئي. هاڻي تاريخ جو موضوع ان لاءِ وسيع ٿيندو ٿو وڃي جو هن وقت معاشري جي ٻين پهلوئن تهذيبي ۽ ثقافتي شاخن تي به تحقيق ٿي رهي آهي. انهيءَ تحقيق ۾ ان ڳالهه تي زور ڏنو ٿو وڃي ته، معاشري ۾ روايتن، ريتن رسمن ۽ عقيدن جو ظهور ڪيئن ٿيو؟ ڪهڙين ضرورتن هيٺ انهن ادارن جي تخليق ٿئي ٿي ۽ پوءِ ڪيئن انهن ۾ تبديليون اچن ٿيون؟ تاريخ ۾ تبديلي جو سبب، معاشري ۾ ٿيندڙ تبديليون ۽ ضرورتون آهن، جيڪي ڪنهن روايت يا اداري کي هڪڙي حالت ۾ رهڻ نٿيون ڏين. جڏهن معاشري ۾ روايتن ۽ ادارن جو ابتدائي مطالعو ڪيو وڃي ته، ڪهڙن مرحلن تي، ڪهڙن مفادن ۽ ضرورتن هيٺ تبديليون آيون. ته اهو مطالعو ذهن کي هڪ نئون شعور ۽ روشني بخشي ٿو ۽ انهيءَ روشني جي مدد سان تاريخ جي ڏکاين کي چڱي ريت سمجهي سگهجي ٿو.

انهي بنياد تي جيڪڏهن مذهب جي ارتقا جو مطالعو ڪيو وڃي ته، مذهب ۾ ٿيندڙ تبديلين طرف اشارو ڪري سگهجي ٿو ته هيءَ تبديلي هن مرحلي تي ٿي. ڇوته ان سوال جو جواب اسانکي معاشري جي تبديلي مان ئي ملي سگهندو. ڇوته جيئن جيئن ضرورتون بدلبيون رهيون ته مذهبي عقيدا ۽ روايتون به ڦرنديون رهيون. انهي سوال جو جواب شروعاتي عيسائيت مان ملي ٿو. هي مذهب روم جي سگهاري سلطنت جي ڇانو ۾ آيريو، رومي معاشري جي مظلوم ۽ غريب انسانن کي هن مذهب ۾ ان لاءِ وڏيڪ ڪشش پيدا ٿي جو انهيءَ موجب ته، ظلم کي برداشت ڪريو، ان جو اجر اڳيئن جهان ۾ ڏاڍي ڀرپور نموني سان توهانکي ڏنو ويندو. پاڻ ۾ محبت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڀائيچارو قائم ڪريو- ظلم کان پاسو ڪريو. پر جيئن ئي اهو مذهب حڪمرانن اختيار ڪيو ته ونن سياسي طاقت اچي ويئي، انهن حڪمرانن انسانيت جي سبق کي هڪ پاسي رکي جنگيون ڪيون ۽ قتلام ذريعي پنهنجي سياسي خيالن جي تڪميل ڪئي.

اهڙي تبديلي اسانکي اسلام ۾ نظر اچي ٿي. اسلام جو ابتدائي زمانو سادگي، جمهوري ۽ حريت جي قدرن سان ڀريل هو. پر جڏهن شام ۽ ايران جي فتح ٿي ته بادشاهت قائم ٿي ته دين جي عالمن ان کي اسلامي قرار ڏنو. سندن خيال هو ته بادشاهت ڪانسواءِ معاشرو انتشار ۽ گهرو ويڙهه ۾ وڪوڙجي ويندو. جڏهن عباسي خاندان ۽ سندس سلطنت جو زوال ٿيو ته ننڍيون ننڍيون سلطنتون وجود ۾ اچڻ لڳيون. ته انهيءَ موقعي تي اها فتويٰ ڏني ويئي ته، جيڪڏهن ڪو پنهنجي غلط طاقت ذريعي سلطنت تي قبضو ڪري وٺي ته ان کي مڃڻ گهرجي ڇوته ان وٽ طاقت آهي. اهڙي ريت سياسي نظامن جي تبديلي ٿيڻ سان گڏ فتوائون به بدلبيون رهيون، ايستائين جو اڄ آمر طرز جي حڪومت ۽ جمهوري طرز حڪومت پنهي لاءِ مذهبي جواز موجود آهن.

اهڙي ريت مذهبي رويي ۾ تبديلي فقط سياست ۾ نه آئي پر زندگي جي ٻين پهلوئن ۾ به ضرورت تحت مذهب کي بدلايو ويو. انهي سان گڏ اهو به ٿيو جو، جيڪڏهن مذهبي تعليم يا عقيدا ڪنهن گروهه يا جماعت لاءِ ڏکيا ثابت ٿيا ۽ انهن اهو محسوس ڪيو ته انهن رنڊڪن ڪري هو اڳيان نٿا وڌي سگهن ۽ نه ئي ترقي ڪري سگهن ته هو پنهنجو نئون فرقو ٺاهي ٿا ونن ۽ پنهنجين ضرورتن هيٺ مذهبي تعليم ۽ عقيدن کي تبديل ڪري وٺن ٿا، اهڙن فرقن کي ترقي پسند فرقا چيو ويندو آهي. فرقن ٺهڻ جو ٻيو سبب هي به هوندو آهي ته، جڏهن ڪا جماعت اهو ڏسي ٿي ته ٻي جماعت جيڪا اڪثريت ۾ آهي اها پنهنجي مفاد خاطر مذهب کي پنهنجي مرضي سان ڦيري رهي ته ٻي جماعت انهيءَ کان ڌار ٿي اصلي مذهب جو پرچار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، انهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري 'قدامت پسند فرقا' ڇيو ويندو آهي. اڄ به آمريڪا جي ڏورانهن علائقن ۾ اهڙا عيسائي فرقا آهن جيڪي ريڊيو، ٽي- وي ۽ بجلي جو استعمال قطعي ڪونه ڪن ۽ نه ئي وري موٽر گاڏين يا ٻين تيل ايجادن مان ڪو فائدو ٿا حاصل ڪن، سندن اها ڪوشش هوندي آهي ته، قديم زماني جي زندگي جيڪا هو گهاري رهيا آهن، سا جديد ترقين کان پري هجي.

اهي ٻئي فرقا يعني 'ترقي پسند' ۽ 'قدامت پسند'، مذهب سان بغاوت نه ڪندا آهن، بلڪ جيڪي اڪثريتي فرقا هوندا آهن انهن کان الڳ هوندا آهن. ترقي پسند فرقي وارا، مادي لحاظ کان ترقي ڪن ٿا ۽ دنيا جي ڏنلي ۾ پرپور حصو وٺن ٿا. پر قدامت پسند فرقي وارا، پنهنجن عقيدن ۽ روايتن کي تحفظ ڏيڻ لاءِ شهرن کان ٻاهر، ڏورانهن علائقن ۾ وڃي رهندا آهن ڪين دنيا ۾ ترقي ڪرڻ جي ڪا خواهش نه هوندي آهي. وٽن نجي ملڪيت جو ڪو تصور نه هوندو آهي، ۽ بغير اشتراڪ (گڏيل) جي هو پنهنجي وجود کي برقرار رکي نه سگهندا آهن! هي مادي ترقي کان وڌيڪ روحانيت تي زور ڏيندا آهن.

اهڙي ريت هر مذهب ۾ به ڌار ڌار خيال رکندڙ ماڻهو هوندا آهن. هڪ آهي جيڪي مذهب کي اصلي رنگ ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن انهيءَ ۾ وچولي طبقي جا پڙهيل لکيل ماڻهو هوندا آهن. انهن جي مقابلي ۾ وري غريب عوام هوندي آهي، جن جي زندگي مسئلن ۽ محرومين سان پريل هوندي آهي. آهي انهي حالت ۾ نه هوندا آهن جو مذهبي تعليم جي پوئواري ڪري سگهن، جيئن امير پنهنجين عورتن کي پردي ۾ ويهاري سگهن ٿا ۽ نوڪرين کان پري رکي مردن کان ڌار ڪري سگهن ٿا. پر ان جي برعڪس غريبن جون عورتون پردي جي پابندي ۾ نٿيون رهي سگهن، ڇوته کين گهر کان ٻاهر نڪري محنت مزدوري ڪرڻي ٿي پوي. غريب ماڻهو عبادت جي فرضن جي پابندي ان لاءِ نٿو ڪري سگهي جو وٽس محنت مزدوري جي ڪري وقت نه هوندو آهي. زڪوات، صدقو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ خيرات ان لاءِ نئو ڏيئي سگهي جو ونس ايترا وسيلا نہ هوندا آهن. ان لاءِ غريبن جو مذهب انهن جي ضرورت مطابق ٿيو ٿو، جنهن ۾ پيرن فقيرن جي درگاهن تي وڃڻ، باسون باسڻ، نذرانا ڏيڻ، پڙ وجهڻ ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه شامل هوندو آهي.

اسانکي هر مذهبي فرقي جي سچڻ وارن جي خبر انهن جي طرز زندگي سان پوي ٿي. واپاري طبقو جيڪو پنهنجي سڄي عمر ۾ بي ايمانيون ڪري ٿو، سو ۾ اهڙي فرقي ۾ وڃي ٿو، جتي پير فقير هجن، جيئن انهن جي خدمت چاڪري ڪري پنهنجا گناهه ڌوئي پاڪ ٿي وڃي.

هڪ شخص ڪهڙي ريت، مذهب کي پنهنجين ضرورتن تحت تبديل ڪري ٿو. ان جو مثال 'فتاوي' جي ڪتاب 'باب الحيل' سان ڏيئي سگهجي ٿو. هن موجب، ڄهڙي ريت ڪنهن مذهبي حڪم کي بهاني ذريعي پورو ڪيو وڃي. مثلاً: اڪبر بادشاهه جي صدر-الصدور، زڪوات کان بچڻ لاءِ هي بهانو ڳوليو هو تہ، هو سال جي ختم ٿيڻ کان اڳ پنهنجي سڄي ملڪيت، پنهنجي زال جي نالي ڪري ڇڏيندو هو ۽ سال ختم ٿيڻ کانپوءِ واپس وٺي ڇڏيندو هنو. اهڙي قسم جون ڳالهيون گهڻو ڪري سيٺين متعلق ڇيون وينديون آهن. هو زڪوات جي رقم، اناج جي ٻورين ۾ لڪائي ڪنهن غريب کي ڏيئي ڇڏيندا آهن ۽ پوءِ اها ٻوري ان غريب کان خريد ڪري وٺندا آهن ۽ اهو عمل اهڙي ريت ڪندا آهن جيئن غريب کي ان متعلق ڪا خبر نہ پوي.

وقت سان گڏ بهانن جو تعداد ۽ طريقو بدلجندو رهي ٿو، جيڪڏهن مذهب پاڻ نہ بدلجي تہ ماڻهو بدلائي وٺندا آهن ۽ پنهنجين ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن.

اسلامي تاريخ ڇا آهي؟

اسلامي تاريخ جي اصطلاح کي، موجوده دؤر ۾ يورپي محققن استعمال ڪرڻ شروع ڪيو، انهن ۾ اها دلچسپي تڏهن بيدار ٿي، جڏهن هنن ايشيا آفريڪا جي مسلمانن کي پنهنجين نين آبادين ۾ آباد ڪيو. اسلامي تاريخ، زبان، مذهب ۽ ثقافت کي گڏ ڪرڻ وقت، هنن وٽ ٻه رجحان هئا، جن مان هڪ سياسي مانُهن متعلق هو، جيڪي پنهنجي سياسي سمجهه کي وڌائڻ خاطر انهي جو مطالعو ڪرڻ پيا چاهين، جيئن ان مطالعي جي مدد سان انتظامي ضرورتن کي پورو ڪري سگهجي..... ٻيو رجحان مذهبي هو..... انهي رجحان تحت، عيسائي مشينري انهن ملڪن جي تاريخ، زبان ۽ ثقافت متعلق معلومات گڏ ڪري عيسائيت جو پرچار ڪرڻ پيا گهرن. انهي سلسلي ۾ تاريخ سندن مددگار ٿي سگهي ٿي. ڇوته انهي ذريعي هو مذهب جي ڪمزورين جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهيا ٿي ۽ پوءِ انهن ڪمزورين تي طاقتور حملا ڪري سگهيا ٿي.

يورپ جي يونيورسٽين ۾ شروعاتي محققن جو واسطو عيسائي مشينري سان هو. ان لاءِ آهي مذهبي خيال ڪ ان اسلام جي ڪمزورين جو مطالعو ڪري رهيا هئا. ان ڪري انهن رسول الله جي شخصيت تي اعتراض ڪيا ۽ اسلام ۾ عورتن جو درجو، غلامي جا ادارا ۽ ٻين اهڙن قسمن جي موضوع تي ڪتاب تحرير ڪيا. جيئن ته انهن مسلمانن جي ابتدائي کي شروع ۾ ”محمڊن ازم“، ”محمڊن پيوپلز“ ۽ ”محمڊن اسٽيٽز“ جو نالو ڏنو، ڇوته هيل تائين وڏا مذهب پنهنجي بانين جي نالي سان مشهور آهن. جيئن عيساعيت، ٻڌ مت، جين مت وغيره. پر جڏهن اڳيان هلي ان نالي تي اعتراض ٿيا ته پوءِ انهن ”اسلامي تاريخ“ يا ”مسلمانن جي تاريخ“ جي اصطلاح کي استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. پوءِ انهي ۽ اصطلاح کي مسلمانن جي جديد تعليم واري طبقي استعمال ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شروع ڪيو ۽ جڏهن جلال الدين افغاني جهڙن اسلام ازم يا مسلم قوميت واريون تحريڪون هليون ته انهن لاءِ اها اصطلاح فائدي واري ثابت ٿي.

جيڪڏهن ڏسجي ته، تاريخ نويسي ۾، مسلمان مورخن ڪٿي به اسلامي تاريخ جي اصطلاح ڪي استعمال نه ڪيو آهي، پر هر مورخ پنهنجي دؤر جي تاريخ کي حڪمران خاندان جي نالي سان منسوب ڪيو آهي. انهي ۾، يعقوبي، الطبري، المسعودي، ابن اثير، ابن ڪثير ۽ ابن خلدون آهي نالا آهن جن جي تاريخ حاڪمن جي نالن سان منسوب آهن. انهن مسلمانن خاندانن جي زماني ۾، انهن جي سلطنت ۾ رڳو مسلمان ئي سندن رعيت نه هئا، بلڪ عيسائي، يهودي ۽ پارسي به شامل هوندا هئا. ۽ جيڪي به تهذيبي ۽ ثقافتي سرگرميون ٿينديون هيون انهن ۾ سڀ گڏ هوندا هئا. عباسي دؤر حڪومت ۾ جيڪي يونان کان ترجما ٿيا، انهن کي ترجمي ڪرڻ وارا عيسائي هئا. انهي دؤر يا پين حڪومتي دورن ۾ اسپين دربار ۾ يهودي عالمن ۽ منتظمين جي وڏي هلندي پڄندي هئي.

دنيا جي جنهن جنهن حصي ۾ مسلمان حڪمران خاندان پنهنجون حڪومتون قائم ڪيون، اتي مقامي تهذيب و ثقافت انهن تي گهرا اثر مرتب ڪيا جيئن شام ۽ ايران ۾ بازنطيني، ايران ۾ قديم ايراني ۽ چين و انڊونيشيا ۾ چيني، انهن علائقن جي لباس، رسمن ۽ رواجن توڙي کاڌي پيتي ۾ به ڏاڍيون تبديليون آنديون. انهي ڪري، انهي دؤر ۾، عرب قوميت جي اثر هيٺ جيڪا تاريخ لکي ويئي، جنهن کي "اسلامي" بجاءِ "عرب دؤر" چيو ويو ۽ انهي دؤر ۾ فتحون ۽ ڪاميابيون حاصل ٿيون هيون اُن کي عرب تمدن ۾ شامل ڪيو ويو

جڏهن عراق، شام ۽ مصر جي قديم تهذيبن جا آثار کوليا ويا ته انهن کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ، انهن ۾ قوم‌پرستي جا جذبا اڀريا ۽ اُن وقت جيڪا تاريخ لکي ويئي، اها پنهنجي قوم جي سڃاڻپ لاءِ هئي، اِن لاءِ مصر وارا فراعنه جي تهذيب، عراقي ميسوپوٽاميه جي تهذيب ۽ ايراني وارا قديم ڪياني ۽ ساساني دور

۾ ذڪر ڪن ٿا. تاريخ جي انهيءَ نئين تشڪيل ۾ عربن جي فتحن کي تاريخ جي سلسلي طور پيش ڪيو ويو آهي ۽ ان کانپوءِ انهن جيڪي تاريخ ۾ ڪارناما ڪيا، انهن کي به پنهنجي قوم جي نالي سان ياد ڪن ٿا. جيئن سلطنت عثمانيه ۽ سلطنت صفويه کي ترڪ ۽ ايراني، قومي ۽ نسلي نگاهه سان ڏسن ٿا ۽ انهن واقعن لاءِ هو اسلامي لفظ استعمال ڪونه ٿا ڪن.... بلڪل اهڙي قسم جي صورتحال هندوستان جي تاريخ جي به آهي. هن ۾ به مسلمان حڪمران خاندانن جي عهد کي 'مسلم دؤر حڪومت' چيو ويو. خود ان دور جي مورخن به انهن دورن کي ڪٿي به اسلامي يا مسلمانن جي دور جي نالي سان نه سڏيو آهي بلڪ، غزنوي، غوري، خلجي يا تغلق خاندانن جي نالي سان تحرير ڪيو آهي، هونئن به هندوستان ۾، مسلمانن جي اڪثريت ڪڏهن به نه رهي آهي ۽ نه ئي وري مسلمانن ڪڏهن سڄي هندوستان تي حڪومت به ڪئي آهي.

انهي وانگر ”مغل دؤر حڪومت“ جي اصطلاح کي غلط نموني مشهور ڪيو ويو. ڇو ته انهن جو واسطو 'مغلن' سان نه هو بلڪ اهي نسلي طور تي ”ترڪ“ هئا. امير تيمور جو تعلق 'برلاس' قبيلي سان هو. ها اهو ضرور هو جو هنن چنگيزي خاندان سان شاديون ضرور ڪيون هيون، پر رهيا ترڪ. اصل ۾ 'فرشته' پهريون دفعو انهي خاندان کي 'مغل' چيو، پر ان جي برعڪس خود مغل مورخن، ڪڏهن به انهيءَ لفظ جو استعمال نه ڪيو، بلڪ انهن ”شاهان تيمور“ جو اصطلاح ڪم آندو ۽ ان کانپوءِ جي مورخن ”شاهانه چغتائي“ جو اصطلاح پڻ ڪم آندو جيڪو غلط هو. دراصل مغل لفظ کي مشهور ڪرڻ ۾، يورپي سياحن جو وڏو هٿ هو، ڇو ته هنن مغلن ۽ ترڪن ۾ ڪو خاص فرق محسوس ڪين ڪيو پر هنن، انهن کي ”گريٽ مغول“ جو لقب ڏنيئي، انهن جي دولت ۽ شان و شوڪت جا اهڙا قصا جوڙيا جو اصل اهو لفظ مغلن لاءِ علامت بڻجي ويو. ظلم ته اهو ٿيو جو، بابر، انهن مغلن کان سخت

بيزار هو جيڪي سنڌس فوج ۾ هئا. بابر پنهنجي تزڪ ۾ ڪين جاهل ۽ غير مهذب چيو آهي، ۽ اهوئي نالو انهي خاندان جي لاءِ عزت جو سبب بڻجي ويو آهي. انهيءَ ڪري ’صلاطين‘ يا ’مغل عهد‘ کي ’اسلامي دؤر‘ چوڻ هڪ تاريخي غلطي آهي، چو ته پنهي دؤرن جي تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت ڌار ڌار رهي ۽ انهن ڪڏهن به اها دعويٰ نه ڪئي ته سنڌن دور اسلامي آهي.

انهي خيال کان، اسلامي فن تعمير، اسلامي مصوري، اسلامي موسيقي وغيره جا اصطلاح تاريخي لحاظ کان غلط آهن. چو ته هر ملڪ جي تهذيب و تمدن، آب و هوا، جاگرافيائي ماحول ۽ سياسي توڙي معاشي حالتن ڪري ڌار ڌار ٿيندو آهي، اِن ڪري انهن مختلف دؤرن کي، ائين گڏي ڇڏڻ، تاريخ جي عمل کي سمجهڻ ۾ فاشق (بد ذات....) غلطي ڪرڻ آهي. ان لاءِ ضروري آهي ته، هر علائقي جي تهذيب ۽ ثقافت جو مطالعو اڪائي جي صورت ۾ ڪرڻ گهرجي ۽ ائين ڪرڻ سان ارتقا ۽ ترقي جي صحيح خبر پوي ٿي.

تاريخ ۾ قومن جو ميلاپ

تاريخ ۾ قومون، قبيلا ۽ گروهه هڪ علائقي کان ٻئي علائقي تائين هجرت ڪندا آباد ٿيندا رهيا آهن... هڪ اهڙو وقت هو جڏهن زمين گهٽ هوندي هئي ۽ ذريعا گهٽا هئا تہ انهن گروهن ۽ جماعتن ۾ ٽڪر تمام گهڻو ٿيندو هو، پر جڏهن ڪنهن هڪ قبيلي جهنگل وڍي، پٽ ڪري صاف ڪري ان کي آبادي لائق بڻايو، هاڻي جيڪڏهن ڪو ٻيو قبيلو يا گروهه ان زمين تي قبضو ڪرڻ چاهيندو هو تہ پوءِ مقابلو ڏاڍي زورن جو ٿيندو هو... اهڙي ساڳئي صورتحال اڳيان هلي قومن، ملڪن ۽ سلطنتن کي پيش آئي، ظاهر آهي، اها ملڪيت جيڪا ڪنهن جي قبضي ۾ هجي تہ اهو ڪنهن بہ شڪل ۾ اهو نہ چاهيندو تہ ڪو ٻيو ان تي قبضو ڪري. پر ٻئي پاسي قطري، سماجي ۽ معاشي مجبوريون بہ هيون جيڪي نون علائقن طرف هجرت ڪرڻ لاءِ مجبور ڪنديون هيون، اهڙي صورتحال ۾ مقامي ۽ آيل ماڻهن ۾ ٽڪر ٿيندو هو.

جيڪڏهن مقامي ماڻهو ڪمزور هوندا هئا تہ آيل انهن جو قتلام ڪري زمين تي قبضو ڪري وٺندا هئا. آمريڪا، آسٽريليا ۽ نيوزي لينڊ ۾ بہ ائين ٿيو. اصل مالڪن کي ساري سندن آبادي کي گهٽايو ويو جيئن سفيد قاتن سان مزاحمت نہ ڪري سگهن. انهيءَ جي نتيجي ۾ رت وهائيندڙ جنگيون ٿيون جنهن جي ڪري آيلن کي مقامي ماڻهن جو حصو قبول ڪرڻو پيو.

جڏهن قتلام ۽ جنگين جو دؤر ختم ٿو ٿئي تہ پوءِ جيڪو ٻيو دؤر اچي ٿو تہ ان ۾، آيل ۽ مقامي ماڻهن وچ ۾ ميل ميلاپ شروع ٿئي ٿو. گڏيل ڪاروبار، نظرين ۽ خيالن جي ڏي وٺ ٿئي ٿي ۽ فضا ۾ ڀائيچاري جي خوشبو ڦهلجي ويندي آهي.

هندوستان ۾ جڏهن آريا آيا، تہ سندن مقابلو هتي جي قديم

قوم دراوڙن سان ٿيو. اهو مقابلو ڏاڍو سخت هو ۽ آريہ مسلسل دراوڙن کي پوئتي ڌڪيندا رهيا، پر جڏهن جنگ ۽ جدل جو دؤر ختم ٿيو، روايتن هڪ ٻئي کي متاثر ڪيو. مذهبي ۽ فلسفيانہ هم آهنگي کي ڦهلايو ويو. مثلاً: جڏهن آريا هندوستان ۾ آيا تہ سندن معاشرو پدري هو جنهن ۾ مرد کي عورت تي فوقيت هئي ۽ سندن سڀ ديوتا مرد هئا پر دراوڙن تي عورتائي معاشري جو اثر غالب هو جنهن ڪري سندن مذهب ۾ ديوين جو مرتبو وڏو هو. جڏهن ميل ميلاپ جو عمل شروع ٿيو تہ، آريا ديوتائن جون شاديون، دراوڙ ديوين سان ٿيڻ لڳيون. لڪشمي، درگا، ڪالي ۽ پاروتي کي وڏو درجو ملي ويو ايستائين جو ڪاروڪرشن، هندو معاشري جو عظيم ۽ محبوب ديوتا بڻجي ويو. 'ڪرشن جي مهاراج' جي حيثيت اُن پل وانگر آهي جنهن ڪاري ۽ اڇي رنگ کي پاڻ ۾ ملائي ڇڏيو. ڏکڻ هندوستان وارو علائقو اڳيان هلي ٻڌ مت جو مضبوط قلعو بڻجي ويو، جتي ويد جي روايتن جو تحفظ ڪيو ويو ۽ انهي مان شنڪرآچاريہ جو ويدانت فلسفو ۽ ڀڳتي تحريڪ جي شروعات ٿي.

ميلاپ جي انهي عمل ۾ هڪ ڊگهو عرصو لڳي ٿو چوتہ ٻن مخالف ثقافتن کي پاڻ ۾ گڏجڻ لاءِ ڊگهي وقت جي ضرورت هئي، هڪ ٻئي کي سمجهڻ لاءِ ذهن کي تبديل ڪرڻو پوي ٿو. انهيءَ عمل ۾ ٻنهي ثقافتن کي پنهنجو هڪ وڏو حصو قربان ڪرڻو پوي ٿو، چوتہ آهي سڀ روايتون ۽ ادارا، جيڪي انهيءَ ميلاپ جي رستي ۾ رنڊڪ وجهن ٿا انهن کي ختم ڪرڻو هوندو آهي؛ انهيءَ جي نتيجي ۾ عقيدا، روايتون ۽ رسم و رواج تبديل ٿين ٿا ۽ انسان گڏ هڪ نئون مزاج جڙي ٿو جيڪو هڪ ارتقائي عمل جي روپ ۾ هوندو آهي جيڪو تمام آهستي آهستي اڳيان وڌندو آهي.... شروع ۾ انهيءَ عمل ۾ انهيءَ لاءِ ڏيو ٿيندي هئي جو آمدورفت جي ڏورائي هئي، نظريا، زباني ۽ سينہ بہ سينہ پکڙجندا هئا، پر انهن سڀني ڏکاين جي باوجود هڪ گڏيل هندوستاني ثقافت جي تشڪيل ٿي.

هندوستان ۾ آرين کانپوءِ بہ گهڻيون قومون آيون. جن ۾

شاڪا، ڪشن، پارٿي، اسڪائي، يوناني ۽ منگول هئا، پر انهن جو دائرو فقط اُتر-اولهه جي سرحدن ۽ اُتر هندوستان تائين محدود هو ۽ اتي ئي جنگين ڪانپوءِ ختم ٿي ويا، انهيءَ ڪري اُتر-اولهه واري سرحدي علائقي ۾ ذات پات جو نظام ايترو سخت نه رهيو جنهن جي ڪري عورت کي وڌيڪ آزادي نصيب ٿي.

جڏهن ترڪ ۽ افغان هندوستان ۾ آيا ته اِهي ان معاشري لاءِ ڪو حادثو نه هو ڇو جو انهن کان پهرين به پيون ڌاريون قومون اتي اينديون رهيون هيون ۽ محمود غزنوي جي حملن کان وٺي، اُتر هندوستان ۾ انهن جي آباد ٿيڻ تائين جو عرصو ٻن سالن تي ڦهليل آهي، جنهن ڪري هندوستانين لاءِ اهي ماڻهو اوپرا نه هئا. البته انهن کي سياسي سگهه نه ڏيڻ جي ڳالهه اڳيان رکي راجپوتن انهن سان خوني مقابلا ڪيا. انهن مقابلن ۾ ڪامياب ٿيڻ ڪانپوءِ، ترڪ ۽ افغان هتي پنهنجون بستيون ٺاهي آباد ٿي سگهيا. انهيءَ ڪانپوءِ جڏهن مغل هڪ ڌار نسلي جماعت جي حيثيت سان هندوستان ۾ آيا، ته انهن کي روڪڻ لاءِ راجپوت ۽ افغان ٻئي گڏجي ويا. 'پاڻي پت' ۽ 'ڪنواهه' جي جنگين ۾، ٻئي گڏجي مغلن خلاف وڙهيا. ڇوته مغلن انهن ٻنهي جي مفادن کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو هو. ان لاءِ تاريخ ۾ ائين به ٿيندو آهي.

مغلن جي ڪاميابي ڪانپوءِ، راجپوتن ۽ افغانن کي، انهن لاءِ جاءِ ڇڏڻي پيئي ۽ اهڙي طرح وري اِهوئي عمل دهرايو ويو، خوني جنگيون ۽ پوءِ وري ثقافتي ميل ميلاپ، جنهن جي نتيجي ۾ اهڙيون تحريڪون نروار ٿيون، جن هندوستان جي ماڻهن کي مذهب، رنگ ۽ نسل، ذات پات کان مٿي ٿي گڏيل ۽ ميل ميلاپ جو سوچيو. اُتر هندوستان جي ڀڳتي تحريڪ ۽ صوفيت جو 'وحدت الوجود' جو فلسفو انهي جي هڪ ڪڙي آهي.

هندوستان ۾ سڀني کان پڇاڙي ۾ جيڪي قومون آيون آهي يورپي هيون، جيئن ته اهي واپارين جي حيثيت سان آيا هئا ۽ سندن تعداد تمام ٿورو هو ان لاءِ اهي به هندوستان جي ثقافت ۾ گڏجي

وياءِ پر جيئن جيئن سندن سگهه وڌندي ويئي تہ هي هندستان جي معاشري کان بہ ڌار ٿيندا ويا ۽ جڏهن پوري طرح سياسي اقتدار حاصل ڪري ورتائون، تہ هنن مغربي تهذيب ٿاڦڻ جي ڪوشش ڪئي پر پاڻ کي هندستانين کان ڌار رکيائون. ڪنٽونمنٽ ۽ سول لائنز جهڙا علائقا ٺاهي اتي رهڻ لڳا، پنهنجو ڪاڏو، زبان ۽ لباس ڌار رکيائون ۽ ٻين قومن جي شادين مرادين ۾ پڻ شرڪت نہ ڪيائون.

جيئن تہ مسلمانن کي پنهنجي ڌار سڃاڻپ رکڻ جو خيال هو ان لاءِ هو هندو معاشري ۾ جذب ٿي نہ سگهيا. جيئن تہ هي اقليت ۾ هوندا هئا ان لاءِ پاڻ کي غيرمحفوظ سمجهندا هئا ان لاءِ پاڻ ۾ گڏجي رهڻ ضروري سمجهندا هئا جيئن سندن تحفظ ٿي سگهي. مسلمانن جي انهيءَ سڃاڻپ کي برقرار رکڻ لاءِ عالمن عملي طور تي وڏو ڪم ڪيو، جنهن ڪري معاشري ۾ سندن عزت وڌي، انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو مسلمان معاشري ۾ قدامت پسندي جي روايت سگهاري ٿيندي ويئي. هر نئين شيءِ جي مخالف ان لاءِ ڪئي ويئي تہ، جيئن پراڻي سڃاڻپ برقرار رهي ۽ ڪا تبديلي نہ اچي، ان لاءِ عالم مسلسل هندو رسمن جي خلاف وعظ ڪندا رهيا. اها حالت تڏهن بہ هئي جڏهن يورپي تعليم ۽ ثقافت کي روڪيو ويو محض ان لاءِ تہ مسلمان پنهنجي سڃاڻپ وڃائي ويهندا. جڏهن ڪنهن قوم ۾ پنهنجي تشخص کي قائم رکڻ جو مسئلو ايتري سختي سان موجود هجي تہ پوءِ قومن ۾ گڏجڻ جو عمل بيهي رهي ٿو ۽ تعصب ذهنن ۾ آيرڻ لڳي ٿو. جڏهن تہ تشخص هڪ بيٺل شيءِ جو نالو ناهي پر قومن ۾ اهو هڪ تبديل ٿيندڙ عمل آهي، جيڪي روايتون اڄ سڃاڻپ جي نشاني بڻيل آهن آهي سياڻي تبديل ٿي وينديون ۽ انهن جي جاءِ ٻيون روايتون ولارينديون آهن. جيڪڏهن انهي عمل کي روڪيو وڃي تہ معاشرو هڪ هنڌ ڄمي ويندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ جو خاتمو

اڄڪلهہ اهو سوال اٿاريو وڃي ٿو تہ، ”ڇا ڪو اهڙو وقت ايندو جڏهن تاريخ جو خاتمو ٿي ويندو؟“ مذهبي خيال کان ان سوال جو جواب هن ريت ڏيئي سگهجي ٿو تہ، ’ڪائنات‘ جنهن ۾ انسان رُلل آهي، ان جي ابتدا ۽ انتها آهي. هڪ وقت ايندو جڏهن هيءَ ڪائنات ۽ انسان پڻ ختم ٿي ويندا؛ ۽ اهڙي ريت تاريخ جو بہ خاتمو ٿي ويندو. ۽ ان کانپوءِ جيڪا بہ زندگي هوندي اها تضادن کان خالي هوندي. اُن ۾ اهو سڀ ڪجهہ ملندو جيڪا انسان جي خواهش هوندي، ان لاءِ دنيا ۾ تاريخ جي ڪا ضرورت نہ رهندي، ڇوتہ اهي سڀ طاقتون جيڪي تاريخ ساز آهن، انهن جو اُتي وجود ئي نہ هوندو.“

انهيءَ کانسواءِ مذهب ۾ تاريخ جي خاتمي جو هڪ ٻيو تصور بہ آهي، اهو هي تہ: هر مذهب پنهنجي ابتدائي زماني ۾، مذهب جي تعليم ۽ عقيدن تحت هڪ مثالي معاشرو قائم ڪيو هو، پر پوءِ اهو معاشرو خراب ٿيڻ لڳو ۽ سندس شرافت تي ڪارا داغ ٿيڻ لڳا، انهيءَ تاريخ جي تڪين عمل معاشري کي خراب ڪري ڇڏيو. ان ڪري اهي پوءِ جي تاريخ کي خراب ۽ خطرناڪ سمجهن ٿا ۽ تاريخ جو خاتمو، مثالي تاريخ کان پوءِ ٿيندڙ عمل کي سمجهن ٿا. اهوئي سبب آهي جو انهن مذهبن کي مڃيندڙن وٽ احياء جو نظريو ڏاڍو مقبول آهي، ان لاءِ هو واپس ٿي، انهيءَ گذريل مثالي معاشري کي ٻيهر اڏڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ لڳن ٿا ۽ ان تاريخي عرصي کي ڊاهڻ گهرن ٿا، جيڪو انهيءَ مثالي معاشري کانپوءِ سندن اڳيان هوندو آهي.

هڪ ٻئي نظريي کان، تاريخ، انسان ۽ فطرت جي وچ ۾ ٿيل ٽڪرن ۽ ڪشمڪش جو نالو آهي، جڏهن کان اها ڇڪتاڻ شروع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي آهي، تڏهن کان انسان انهيءَ فطرت کي ڪنٽرول ڪندو ۽ ڪندو آيو آهي ۽ هڪ ڏينهن اهڙو ايندو جڏهن انسان انهيءَ فطرت کي پنهنجي قبضي ۾ ڪري ويندو، جڏهن ويڙهه جو اهو ڊرامو ختم ٿيندو ته، تاريخ وٽ پڙهائڻ لاءِ ڪجهه به نه رهندو ۽ انهيءَ وقت تاريخ پنهنجي انتها تي پهچندي.

مارڪسي نظرئي کان- تاريخ طبقاتي جدوجهد جي تاريخ آهي، جنهن ۾ انسان، سماج جي مختلف حصن مان لنگهي ٿو ۽ ڪميونزم جي عهد ۾ داخل ٿيندو ۽ ان وقت انساني سماج جا سڀ تضاد ختم ٿي ويندا ۽ اهڙي ريت تاريخ جو خاتمو ٿي ويندو، پر اهو تڏهن ٿيندو جڏهن سڄي دنيا ۾ ڪميونزم اچي ويندو، نه ته ٻي حالت ۾ ڪميونسٽ ۽ غير ڪميونسٽ معاشرن ۾ جدوجهد جاري رهندي.

انساني تاريخ ۾، تاريخ جي خاتمي جا نظريا، دنيا جي هر قوم ۽ هر تمدن ۾ ڏار ڏار آهن. تاريخ ۾ ڪا قوم يا تمدن، انهي حالت ۾ زنده رهي سگهي ٿي، جيستائين هوءَ ڇرپر ۾ هجي، تخليقي صلاحيتن ذريعي انسانيت جي ڀلي خاطر ڪم ڪندي رهي. پر جڏهن ڪا به تمدن پنهنجون تخليقي صلاحيتون وڃائي ويهي ته آها يقيناً ان نقطي تي پهچي وڃي ٿي جتي سندس موت يقيني هوندو آهي ۽ انهيءَ موت سان تاريخ جو به خاتمو ٿي وڃي ٿو. مثلاً: يونانين پنهنجي دور ۾ علم و ادب توڙي فلسفي، سائنس ۽ فن ۾ جيڪي ڪارناما انجام ڏنا، اهي هڪ خاص مرحلي تي اچي ختم ٿي ويا جنهن ڪري يوناني تاريخ به پنهنجي انتها تي پهچي ويئي. هونئن يوناني قوم ته اڄ به زنده آهي پر سندس تمدن جي تاريخ جو موت ٿي چڪو آهي. اهڙو ڪجهه رومين ۽ عربن سان به ٿيو ۽ اهڙي تاريخ قديم تمدنن جي به آهي، جن ۾ هندوستان، مصر، عراق ۽ ايران شامل آهن.

تاريخ جي ابتدا ۽ انتها هر قوم جي ڏار ڏار هوندي آهي. اڄوڪي دنيا ۾ ڪيترين ئي اهڙين قومن آهن، جيڪي تاريخ ۾ عزت واري جاءِ حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن ۾ فلسطين وارا، ڏکڻ آفريڪا جا ڪارا رهاڪو، ڪرد ۽ آرمينيا وارا آهن جيڪي پنهنجي وطن ۽ حقن لاءِ وڙهي رهيا آهن.... اهي ماڻهو تاريخ جوڙي رهيا آهن ۽ جڏهن اهي پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي ويندا ته شايد انهن لاءِ تاريخ جي انتها ٿي وڃي. پر ان عمل ڪانپوءِ انهن جي تاريخ جو هڪ نئون دور شروع ٿيندو جنهن ۾ اهي پنهنجي وطن جي تاريخ تخليق ڪندا.

تاريخ جي خاتمي جو اهو نعرو مغربي تهذيب ۽ تمدن وارن طرفان لڳايو پيو وڃي، انهن جو خيال آهي ته، هو مڪمل ٿيڻ جي مرحلي تي پهچي چڪا آهن ۽ هو ان هنڌ پهتل آهن جتي کين فطرت تي به برتري حاصل آهي، هو پنهنجي ذهانت سان سائنس ۽ سماجي علمن جي چوٽين کي به ڇهي ورتو آهي، ان لاءِ انهن جي مقابلي ۾ ڪابه تهذيب ۽ تمدن نه رهي آهي، ان لاءِ هو اها هام هڻن ٿا ته، تاريخ جو خاتمو ٿي چڪو آهي. پر اهو نعرو دنيا جي غريب ۽ پوئتي پيل قومن ۽ طبقن لاءِ موت جو نعرو آهي. ڇو ته ان نعري جو مطلب اهو ٿيو ته، هر ڳالهه کي برداشت ڪرڻ گهرجي، ڇو جو تاريخ ته ختم ٿي چڪي آهي. پر دراصل انهن پوئتي پيل مسڪين قومن جي تاريخ ختم نه ٿي آهي بلڪ انهن جي تاريخ انهن جي جدوجهد سان گڏ هلي رهي آهي.

.... ٿي سگهي ٿو ته تاريخ جي ڪڏهن به پڄاڻي نه ٿئي، ڇو ته تاريخ جو واسطو انسان سان آهي ۽ انسان جي فطرت ۾ جيڪا ڳولها جي سوچ آهي. بهتر کان بهتر جي، اها انسان کي سدائين چرپر ۾ رکندي. نوان مسئلا ۽ اختلاف جنم وٺندا رهندا ۽ انسان انهن کي حل ڪرڻ ۾ لڳو رهندو. انهيءَ عمل ڪري تاريخ ٺهندي رهندي ۽ اڳيان وڌندي رهندي ۽ جيئن جيئن انسان ۽ سندس معاشرو بدلبو رهبو، تيئن تاريخ به نون روپن ۾ تبديل ٿيندي رهندي.

مزدورن جي تاريخ ڪهڙي نموني لکي وڃي؟

ڪلاسيڪي سوشل ازم ۾ مزدور ’انقلاب‘ جي علامت آهي، پر ان ۾، هن ڳالهه کي به سمجهيو ٿو وڃي ته، مزدور جن حالتن ۽ روايتن ۾ وڪوڙيل آهي، انهيءَ حالت ۾ ان لاءِ استحصالي قوتن کي سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. مزدورن ۾ سياسي شعور پيدا ڪرڻ جو ڪم دانشورن ۽ مفڪرن جو هوندو آهي، جيڪي هڪ سياسي انقلابي پارٽي ٺاهي اهو ڪم ڪندا آهن. ڇوته انهيءَ نظرئي هيٺ ٽريڊ يونين اڪيلي سر، سوشل ازم لاءِ ويڙهه نٿي ڪري سگهي، ان لاءِ جو ان جو دائرو ڏاڍو ننڍو ۽ مختصر هوندو آهي. اها مزدورن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري انهن کي متحد ڪري ٿي، انهن ۾ نظم و ضبط پيدا ڪري ٿي ۽ هڪ ڌار طبقي جي سڃاڻپ کين ڏئي ٿي. انهن ۾ هڪ اهڙو انقلابي ذهن پيدا ڪري ٿي جيڪو سرمائيدار نظام خلاف ڪم ڪري ٿو. پر اهي اڪيلا انقلاب نٿا آڻي سگهن.

انهيءَ ڪلاسيڪي سوچ ڪان، مزدورن جي جيڪا تاريخ لکي ويئي، آها به تمام گهڻي مختصر ۽ محدود هئي. ڇوته انهيءَ ۾ مزدورن جي سرگرمين کي فقط ٽريڊ يونين جي دائري اندر تحرير ڪيو ويو ۽ زور رڳو ان ڳالهه تي ڏنو ويو ته، ٽريڊ يونين ڪهڙن مرحلن تي هڙتالون ڪرايون، ڪهڙا مطالبا ڪيا ۽ مڃرايا. يونين ۾ ڪيترا ٽڪرا هئا، انهن ۾ اختلاف ڪهڙا هئا؟ ڪهڙا ڪهڙا ليڊر انهن جي اڳواڻي ڪري رهيا هئا ۽ انهن جا نظريا ڪهڙا هئا؟ انهن ڪهڙين ڏکين حالتن ۾ مزدورن جي اڳواڻي ڪئي وغيره. اهڙي قسم جي تاريخ مزدورن کي فقط ٽريڊ يونين تائين محدود ڪري ڇڏيو. اها تاريخ پڙهندي ائين ٿو محسوس ٿئي، ڄڻ مزدورن جي مخلوق دنيا ڪان هڪ ڌار شيءِ آهي، سندن اسانجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معاشري سان ڪو واسطو ئي ڪونهي، انهيءَ تاريخ مزدور جي انقلابي ڇهري کي رهڙي ڇڏيو آهي. جڏهن مزدورن جي تاريخ کي انهيءَ انداز سان لکيو ويو ته، معاشري جي ٻين طبقن کي ان سان ڪا دلچسپي نه رهي ڇو ته ان ۾ انهن جو ڪو ڪردار ئي نه هو ان لاءِ ان تاريخ جا اثر به محدود حد تائين رهيا.

جن ماڻهن مزدور تحريڪن ۾ حصو ورتو ۽ جن مزدور تحريڪ کي عوامي تحريڪ سان گڏ ڳنڍي هلائڻ ٿي چاهيو، انهن هن ڳالهه تي زور ڏنو ته مزدور تاريخ کي هڪ نئين انداز سان لکڻ گهرجي، جيئن ان ۾ هڪ طبقي بجاءِ سڄو معاشرو نظر اچي. ان لاءِ ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته، مزدورن جي تاريخ لکڻ وقت ضروري آهي ته، مزدور جي روزانه جي زندگي ۽ ان جي ٽريڊ يونين جي ميمبرشپ سان ڪهڙو تعلق آهي. معاشري ۾ جيڪي تبديليون اچن ٿيون، انهن جو سندس زندگي ۽ ٽريڊ يونين تي ڪهڙو اثر پوي ٿو. مطلب ته مزدور کي معاشري مان ڌار نه ڪرڻ گهرجي.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته، مورخ پنهنجي اک سان انهن کي نه ڏسي، پر هڪ مزدور وانگر ڪيس ڏسڻ گهرجي ته مزدور ڪيئن ٿا سوچين، مٿن جيڪي ظلم ٿين ٿا انهن خلاف انهن جو ردعمل ڪهڙو آهي، هو پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڪهڙي ريت ڪن ٿا ۽ آهي ڪهڙيون حالتون هونديون آهن جن ۾ انهن کي پنهنجي سگهه جو احساس ٿئي ٿو. جيڪڏهن تاريخ انهن ڳالهين کي اڳيان رکي، لکي وڃي ته مزدور تحريڪ جو تفصيل ۽ ڀرپور نموني سان تجزيو ڪري سگهبو ۽ ان تاريخ مان عملي طور تي ڪجهه سکي سگهبو.

ڪجهه سياسي رهنما، جن مزدورن جي تحريڪ ۾ حصو ورتو، انهن پنهنجن تجربن ۽ مشاهدن کان پوءِ، انهيءَ ڳالهه جي نشاندهي ڪئي ته، مزدورن ۾ پنهنجي مفادن جو شديد احساس ٿئي ٿو، هو انهن مفادن جي حاصل ڪرڻ ۽ انهن جو تحفظ ڪرڻ لاءِ سخت

جدوجهد ڪن ٿا. انهيءَ جدوجهد ڪري منجهن جيڪو شعور پيدا ٿئي ٿو، آها نه ٽريڊ يونين ۾ نه ورِي ڪا سياسي جماعت ئي پيدا ڪري سگهي ٿي. مثلاً: جڏهن ڀي (Mass) اسٽرائيڪ ٿئي ٿي ته انهي ذريعي مزدور هڪ انقلابي صورتحال پيدا ڪن ٿا. انهن جي روزاني جي زندگي ۾ جيڪا ساٽ هوندي آهي، انهيءَ ساٽ ۾ لڪيل طاقت جو اظهار انهيءَ اسٽرائيڪ ذريعي ٿيندو آهي. جيڪڏهن ڪا ٽريڊ يونين ۽ سياسي جماعت نه به هجي، تڏهن به اهي پنهنجي جدوجهد جاري رکي سگهن ٿا. ان لاءِ انقلابي دانشورن ۽ مفڪرن جو اهو ڪم ناهي ته هو انهن جي تربيت ڪن يا باشعور بڻائين. پر انهن جو ڪم اهو آهي ته، اهي پاڻ انهن کان پرائين ۽ پنهنجن نظرين کي انهن جي ضرورت مطابق جوڙين، ڇوته مزدورن ۾ شعور ٻاهر جي قوتن سان پيدا ڪونه ٿو ٿئي پر اهو شعور انهن جي اندر هوندو آهي.

مزدور کي معاشري سان ڏار ڪري ڏسڻ جي ضرورت ناهي، ڇوته اهي به معاشري جو هڪ حصو آهن. انهن جي حيثيت جي لحاظ کان، سندن شعور جي رسٽي ۾ آهي رنڊڪون هونديون آهن، جيڪي ٻين طبقن ۽ گروهن کي پيش اينديون آهن. انهيءَ ۾ آهي سڀ ادارا، روايتون ۽ قدر اچي وڃن ٿا جن جي وڪڙ ۾ سڄو معاشرو آهي. انهن ۾ قانون جو احترام، ملڪ سان محبت، خانداني ماحول وغيره شامل آهي. جڏهن به ڪو هڪ انسان انفراديت حاصل ڪرڻ چاهيندو آهي ته اهي سڀئي ادارا ۽ روايتون سندس راهه ۾ روڙا اٽڪائينديون آهن، ڇوته ماڻهن ۾ اهو احساس پيدا ڪيو ويندو آهي ته، جيڪڏهن اهي انهن روايتن ۽ قدرن جي پابندي ڪندا ته کين ان جو صلو ضرور ملندو، ٻار جيڪڏهن ماءُ پيءُ جي اطاعت ڪندو ته ان جي بدلي ۾ کيس تحفظ ملندو، زال جيڪڏهن مڙس جي وفادار هوندي ته کيس معاشي سڪون مهيا ٿيندو، انهن ڳالهين جو نتيجو اهو ٿو نڪري ته ذهن انهن روايتن کي قبول ڪري وٺي ٿو ۽ کيس انهن ڳالهين ۾ لڪيل استحصالي

طاقتن جو احساس ڪونہ ٿو ٿئي، ان لاءِ انهن خلاف ردعمل بجاءِ ظاهري ڇيزن جي خلاف ٿي وڃي ٿو ۽ انهن تي ڪاوڙ جو اظهار ڪري ٿو.... ان لاءِ مزدورن جي شروعاتي جدوجهد مشينن جي خلاف هئي، ڇوتہ سندن خيال ۾، مشينون سندن جاءِ وٺي رهيون آهن ۽ کين بيروزگار ڪري رهيون آهن. ۽ انهي ذهنيت جو مظاهرو اڄڪلهہ ٽيڪنالوجي جي مخالف ڪري ڪيو وڃي ٿو. پر جي ڏسجي تہ، ڏوهہ نہ مشين جو هو ۽ نہ ٽيڪنالوجي جو آهي، پر ان معاشري جو آهي جنهن مشين کي پنهنجي لاءِ استعمال ڪيو ۽ اڄ ٽيڪنالوجي کي استعمال ڪري رهيو آهي.

مشين ۽ ٽيڪنالوجي، مزدورن کي واندڪائي ۽ آرام ڏيڻ بجاءِ، سندن ڏکن ۾ واڌارو ان لاءِ ڪيو جو آهي هن نظام ۾ ڪم ڪري رهيون آهن، جتي پيداوار تي ڪنٽرول مزدور جي هٿ ۾ ناهي. ان لاءِ اصل ڪاوڙ مشين يا ٽيڪنالوجي تي نہ اچڻ گهرجي، پر ان جي پويان لڪيل استحصالي قوتن تي اچڻ گهرجي.

معاشري کي تبديل ڪرڻ جي ذميداري رڳو مزدور تي ناهي، پر ان ۾ ٻين محروم طبقن جي شرڪت بہ لازمي آهي، ۽ جيستائين انهن سڀني جي جدوجهد کي گڏيو نہ ويندو تيستائين سگهہ ورهايل رهندي. ان لاءِ جڏهن بہ مزدورن جي تاريخ لکي وڃي تہ کين معاشري مان ڪوري ڌار نہ ڪيو وڃي.

تاريخ کي سمجھڻ

ماضي جي علم مان انسان جي حال تي ڪهڙا اثر پيا ۽ ان ڪري فڪر ۽ ثقافت ڪيتري تائين متاثر ٿيا؟ هي هڪ اهڙو سوال آهي جنهن ارڙهين ۽ اوڻيهين صدي ۾، يورپ ۾ تاريخي انقلاب برپا ڪيو. انهي انقلاب، انساني ذهن ۾ جيڪي تبديليون آنديون، فڪر ۽ سوچ جا جيڪي نوان رستا کليا، انهن انساني تاريخ ۽ انساني تهذيب و تمدن جي ارتقا کي سمجھڻ ۾ وڏي مدد ڪئي، ڇو ته ان کان پهرين تاريخ جو مضمون بنيادي حيثيت رکندڙ نه هو بلڪ تاريخ کي مذهب جي تابع سمجھيو ويندو هو يا وري انهي ذريعي نسلي ۽ قومي جذبن کي ڀڙڪايو ويندو هو. پر هاڻي، جڏهن تاريخ کي هڪ ڌار جاءِ ۽ حيثيت ملي ته اهو سمجھڻ تي سگھيو ته، انهي ذريعي انساني تاريخ کي صحيح طور تي سمجھيو وڃي.

انسان جي ذهن کي اُن وقت تائين نئو سمجھي سگھجي، جيستائين انساني تهذيب جي ارتقا کي مرحلي وار نه سمجھيو وڃي ۽ وري جيستائين انساني ترقي جي وکريل ڪڙين کي جوڙيو نه وڃي، تيستائين انهي ترقي جي سلسلي کي مڪمل نئو ڪري سگھجي.

انسان جا ڪيل سڀ ڪارناما، ان جا خيال ۽ نظريا، انهن سڀني کي وري تيستائين نئو سمجھي سگھجي جيستائين انهن جي تاريخ جي ڄاڻ نه هجي. ماضيءَ ۾ ڪهڙن مرحلن، رستن ۽ ڏکاين مان لنگهي ڪو نظريو يا ڪا ايجاد تڪميل جي مرحلن تائين پهچي ٿي ۽ تاريخ جو اهو ڪم آهي ته، هوءَ ان شيءِ جي بنياد تائين وڃي ۽ ان جي ابتدا ڳولهي لهي، ۽ جڏهن تاريخ اهو سفر ڪري ٿي ته هڪ ڊرامو بڻجيو پوي ۽ قديم زماني کان حال تائين جيڪي تبديليون آيون آهن انهن تان پردا کڻندي ٿي وڃي. تاريخ وقت جي تهن کي صاف ڪندي ويندي آهي ۽ جنهن وقت ڪنهن راز تان پردو کڄي ٿو ته ان سان گڏوگڏ انساني ذهن به روشن ٿيندو ويندو آهي

اهائي اها شيءِ آهي جنهن کي تاريخي شعور چئبو آهي ۽ انهي

تاريخي شعور جي نتيجي ۾، دلين مان نفرت، تعصب ۽ تنگ نظري ٽڪجي ٻاهر نڪرندي آهي. ذهن کي سوچ ۽ نئين فڪر جي روشني ملندي آهي ۽ انسان ۾ اهو فهم پيدا ٿيندو آهي ته، هو تاريخ ۾ ان مختلف قومن، معاشري جي روايتن ۽ ادارن کي سمجهي سگهي.

اسانجي اڄ جي دور ۾، تهذيب جي اهميت جو احساس تڏهن ٿيندو جڏهن اسان وٽ ماضيءَ جي باري ۾ مڪمل معلومات هوندي ۽ اها تاريخ ئي آهي جنهن کي سمجهڻ سان ماضي ۽ حال ۾ فرق کي ڏسي سگهجي ٿو.

اسانجي تاريخي شعور جي گهٽتائي ۽ ناپختگي جي علامت اها آهي ته، اسين جڏهن پراڻن سائنسدانن، مفڪرن ۽ فلسفين جي ايجادن، نظرين ۽ سوچن کي جديد دور جي علم ۽ روشني ۾ ڏسون ٿا ته، اهي اسانکي ٻاراڻيون ۽ بيوقوفانه لڳن ٿيون پر جيڪڏهن اسين انهن کي تاريخ جي روشني ۾ ڏسون ته، انهن جي اهميت ظاهر ٿي پوندي، ان لاءِ قديم ايجادن، خيالن ۽ ادارن کي سمجهڻ لاءِ اسان وٽ تاريخي شعور جو هجڻ لازمي آهي ۽ جيڪڏهن اسان وٽ اهو ذهن نه هوندو ته اسان انهن جي اهميت کي پرکي نه سگهنداسين. ۽ انهن جي ماضي جي شين جي اهميت ختم ٿي ويچي ٿي ۽ اهي شيون محض هڪ راز بڻجي ٿيون وڃن. جيئن اڄ مصر جا اهرام ته موجود آهن پر انهن جي حال موجود ناهي. مصر جون ممييون ته باقي آهن پر انهن کي ٺاهڻ جو فن ختم ٿي چڪو آهي. انهي جو اهو نتيجو نڪتو جو انهن شين ۾ پراسراريت اچي ويئي آهي. انهن کي سمجهڻ جو احساس ته جنم وٺي ٿو پر انهن جي حقيقت سمجهڻ ۾ نٿي اچي. انهي ڪري جو اسين ان وقت جي عهد، انساني ذهن، ان جي ترقي ۽ انهن جي تخليقي قوتن کان اڻ ڄاڻ آهيون. جيڪڏهن ماضيءَ جو سمورو علم ۽ ڄاڻ محفوظ هجي ها ته انسان کي ترقي ڪرڻ ۾ ڏاڍي سهوليت ٿئي ها. جڏهن وقت جي هٿن سان علم فنا ٿي ٿو وڃي ته انسان کي پيهر پنهنجين ضرورتن مطابق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان کي ڳولهڻو ٿو پوي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته ائين به ٿيندو آهي جو اهو علم ختم ٿي وڃڻ ڪانپوءِ پيهر جنم وٺي نه سگهندو آهي.

انهيءَ ڳالهه جو مثال هن ريت ڏيئي سگهجي ٿو ته، ڪجهه وقت اڳ اخبارن ۾ هڪ خبر آئي ته، ٽيونس ۾ هڪ پاڻيءَ جي گهڙي لڌي جيڪا وقت سان گڏ بيڪار ٿي وئي هئي ۽ هاڻي ٽيونس ۾ ڪوبه اهڙو ماڻهو ناهي جيڪو انهيءَ گهڙي جي ٽيڪنڪ کان واقف هجي. اهڙي ريت مختلف واقعا ۽ حادثا تهذيب جي ترقي کي روڪي ڇڏين ٿا ۽ معاشرا اڳيان وڌڻ بجاءِ پوئيان ڌڪبا رهن ٿا ۽ ختم ٿي وڃن ٿا.

اهو ڪم تاريخ جو آهي ته، هوءَ تاريخي تسلسل کي قائم رکي ۽ لڌل علم کي محفوظ رکي ۽ انهيءَ ئي شڪل ۾ انساني تهذيب ۽ ثقافت زنده ۽ مضبوط رهي سگهندا ۽ تاريخ انهن جي رفتار کي برابر رکي سگهندي.

تاريخ قومن جي ذهن جي عڪاسي ڪندي آهي، ڇو ته تاريخ ۾ قوم جون خواهشون، تمنائون لڪيل هونديون آهن، ان ۾ ضرورتون، ناڪاميون، منصوبا ۽ خيال پوشيدا هوندا آهن. تاريخ نه رڳو ماضيءَ جي رازن تان پردا کڻي ٿي پر قومن جي مستقبل کي به روشن ڪري ٿي، ڇو ته تاريخ ذهن جي تعمير ۾ تمدد ڏئي ٿي. ان لاءِ تاريخ جو علم خطرناڪ به ٿيندو آهي ته فائدي وارو به.... انهيءَ علم ذريعي قومپرستي، مذهبي جنونيت، فاشزم، امپيريل ازم، نسل پرستيءَ هيرو پرستي ذريعي قومن ۾ نفرت پيدا ڪئي ٿي وڃي، جنگ ۽ ويڙهه جي جذبن کي هوا ڏني ٿي وڃي ته ٻئي طرف وري تاريخ ذريعي، انسان دوستي، لبرل ازم، جمهوريت ۽ انساني حقن جي جنگ وڙهي ٿي وڃي.

حڪمران طبقا تاريخ کي پنهنجي مفاد لاءِ استعمال ڪن ٿا ۽ انهيءَ ذريعي پنهنجي عزت، وقار ۽ احترام جا جذبا اڀاري، تاريخ ۾ پنهنجو اعليٰ مقام حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪن ٿا، پر ٻئي پاسي اهڙا ادارا ۽ طبقا ٿين ٿا جيڪي تاريخ جا دشمن هوندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، انهن جي ڪوشش اها هوندي آهي ته، تاريخ کي ڪهڙي ريت لڪايو وڃي يا ختم ڪيو وڃي، اهو ان لاءِ جو، انهن جو ماضي ڏاڍو گندو هوندو آهي،آهي نه چاهيندا آهن ته، سندن ڪيل ڪرتوت عوام اڳيان اچن، اهي ته تاريخ کي پنهنجي عظمت لاءِ استعمال ڪرڻ چاهيندا آهن.... اهي اهو به چاهيندا آهن ته، ماڻهن اڳيان تاريخ کي تمام ننڍڙو ڪري پيش ڪيو وڃي. ان لاءِ انقلابن ۽ سونجهارن وقت اهي تاريخ کي پنهنجي خيال مطابق پيش ڪندا آهن. انقلاب وقت اهي ماڻهن کي ڊيڄاريندا آهن ۽ انقلاب کي روڪڻ جون ڏسون ڏسيندا آهن.

....پر ٻئي طرف ترقي پسند طاقتون به تاريخ کان مدد وٺنديون آهن ۽ تاريخ ۾ عوامي جدوجهد کي اڳين پيش ڪنديون آهن جيئن ماڻهن کي حوصلو ملي ۽ مايوس ٿيڻ بجاءِ منجهن اميد ۽ عزم جا جزا پيدا ٿين.

مشهور جرمن فلسفي ’نتشي‘ جو تاريخ جي باري ۾ منفي رويو هو. هن جو چوڻ هو ته، ”اسين ماضيءَ جي باري ۾ تمام گهڻو ڪجهه چاڻون ٿا، ان لاءِ اسانکي ڪجهه وسارڻ به گهرجي....“. ان جي جواب ۾ هڪ ٻئي مورخ چيو ته، ”....اسانکي گهڻو ڪجهه ياد رکڻ گهرجي ۽ تاريخ کي اهڙي طريقي سان لکڻ گهرجي، جنهن سان زندگي جي تازگي محسوس ٿئي“. ....ان لاءِ تاريخ لکڻ واسطي ترتيب يافته مورخن جي ضرورت هوندي آهي. ڇو ته ان علم ۾ ماهر مورخ ئي ان جي اهميت کي سمجهي سگهي ٿو. هڪ اڻ ڄاڻ مورخ اڳيان ڪيترائي واقعا غيرضروري هوندا آهن. پر هڪ ماهر مورخ ئي انهن کي سمجهي ۽ انهن جو تجزيو ڪري سگهي ٿو. ’بٽر فيلڊ‘ ان جو مثال ڏيندي چيو آهي ته: ”هڪ عام ماڻهو لاءِ هڪ مشين مڪمل راز هوندي آهي. پر مشين جي مستري لاءِ اها هڪ کليل ڪتاب وانگر هوندي آهي.“ مورخ جو مثال به اهڙو ئي آهي. ڇو ته ماهر مورخ انهن واقعن جي سچ ۽ ڪوڙ کي سمجهي سگهي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يونيورسل تاريخ

ابتدا ۾ هر قوم پنهنجي تاريخ ۾ دلچسپي وٺي ٿي ۽ اُن کي محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي؛ پر جڏهن واپار، سياست، هجرت، جنگ ۽ سفارتي واسطن قومن کي هڪٻئي جي ويجهو آندو ته، هڪٻئي کي ڄاڻڻ جو شوق پيدا ٿيو. البته هر قوم جي تاريخ ڌار ڌار هوندي آهي پر تنهن هوندي به ڪجهه شيون اهڙيون هونديون آهن جيڪي هڪ ٻي دلچسپي وٺرائين ٿيون. ان لاءِ ٻاهرين ٻي ان ڳالهه تي زور ڏنو ته، جيستائين انسان (مورخ) سڀني انساني تهذيبن جو مطالعو نه ڪندو ۽ نه انهن جو پاڻ ۾ مقابلو ڪندو، تنهن وقت تائين اهو ناممڪن نه آهي ته هو، تاريخ ۾ ڪو منصوبو ڳولهي سگهي يا تاريخي عمل کي ڪو مفهوم ڏيئي سگهي ۽ اهو به نٿو ٿي سگهي ته هو ڪو فيصلو ڪري.

جڏهن ڪا قوم، پنهنجي ڌار تاريخ تحرير ڪري ٿي، تـه ان جي اهـا پرپور ڪوشش هوندي آهـي تـه، هوءَ پنهنجي ڪيل ڪارنامن ۽ اهميت کي ظاهر ڪري پيش ڪري، اهـا قـوم ٻين قومن جي تاريخ جو مطالعو ان لاءِ ٿي ڪري جيئن، ٻين قومن کان وڌيڪ پنهنجي تاريخ کـي عظيم ڪري پيش ڪري، ان لاءِ ٻين جي خوبين ۽ ڪارنامن کي يا ته گهٽ ڪري پيش ڪري يا مور ڳو نظرانداز ڪري ڇـڏي. انهـيءَ خيال هيٺ تاريخ مختصر ٿيندي ويندي آهي. تاريخ کي انهيءَ مختصر ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ، آثارقديمه جي دريافتن وڏو ڪم ڪيو، انهن دريافتن، دنيا کي قديم تهذيبن متعلق حيرت انگيز ڳالهيون ٻڌايون جن جي ڪري نه رڳو قديم تهذيبن جي عظمت قائم ٿـي بلڪ ان وقت جي انسان جي ذهني پختگي جي به ڄاڻ ملي. انهن آثارقديمه جي ليکڻ ڪري، انساني ذهن ۾ هڪ تجسس پيدا ٿيو ته، هو تهذيب ۽ تمدن جي ارتقا کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهي ۽ ان جي پس منظر ۾ جيڪي قانون آهن انهن کي ڳولهي لڌو ويو، ان لاءِ تهذيبن کي ڏار ڏار ڏسڻ بجاءِ، ان کي هڪ گڏيل انساني تهذيبي ترقي تحت ڏٺو ۽ ان ڪانپوءِ ان نتيجي تي پهتو ته، جيڪڏهن انساني تاريخ کي ڪا معني ڏيڻي آهي ته يونيورسل تاريخ تحرير ڪئي وڃي.... چوته يونيورسل تاريخ ۾ مڙني قومن جون سرگرميون، ڪارناما ۽ انهن جا ڪيل عمل هوندا، انهيءَ گڏيل ترقي مان انساني تاريخ، تهذيب ۽ تمدن جو تجزيو ڪري سگهجي ٿو. ۽ انهيءَ ڪانپوءِ تاريخ جي عمل کي سمجهڻ ممڪن ٿي سگهندو. جيڪڏهن قومون انفرادي طور تي پنهنجي تاريخ جو مطالعو ڪن، ته پوءِ اهڙيون تاريخون تاريخ جي عمل کي ڇيهون ڇيهون ڪري ڇڏينديون ۽ تاريخ کي گڏيل طور نه سمجهي سگهبو.

يونيورسل تاريخ جي نظرئي کي عيسائيت ۽ اسلام جي مذهبي عقيدن پڻ تقويت ڏني، چوته اهي ٻئي مذهب آفاقي هئڻ جي دعوي ڪن ٿا ۽ سڀني نظر ۾ سڀ قومون برابر ۽ خدا جي مخلوق آهن ۽ اهي سڀ گڏجي خدا جي منصوبي جي تڪميل ڪري رهيون آهن، انهيءَ خيال ڪان هر قوم جي پنهنجي هڪ ڌار اهميت آهي. هونئن يونيورسل تاريخ جو بنيادي مقصد اهوئي هو، جيئن انهيءَ ذريعي انساني ڪارنامن، تهذيب ۽ تمدن جي ارتقاءَ کي بيان ڪيو وڃي. پر ٿيو ائين جو جن مورخن اها تاريخ لکي انهن پنهنجي سوچ کي پهرين آندو. عربن يونيورسل تاريخ لکڻ وقت، انساني تهذيب و تمدن ۾ عربن جي ڪردار کي وڌو ڪري پيش ڪيو ۽ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ته، عربن کان پهرين جاهليت جو دؤر هو، هنن بازنطيني ۽ ايراني سلطنتن کي ان لاءِ فتح ڪيو ته اهي بدعنوانين ۽ خرابين ڪري پراڻيون ۽ بيڪار ٿي ويون هيون، عربن انهن فتحن ذريعي، خراب نظام کي ختم ڪري اهڙو نظام قائم ڪيو جنهن ۾ انسانيت جي ڀلائي هئي، پنهنجي انهيءَ خيال کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ، هنن انهن ملڪن ۽ قومن جون تاريخون لکيون جن کي هنن فتح ڪيو هو ۽ خاص

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري انهن جي، انهن پهلوئن کي آڏاريو ويو جن مان انهن جي خرابي ظاهر ٿي سگهي.

جڏهن ارڙهين ۽ اوڻيهين صدي ۾ يورپ ۾ يونيورسل تاريخ لکڻ جو رواج پيو، تہ مورخن انهيءَ جي پس منظر ۾ پنهنجين قومن کي گهڻو وڌائي پيش ڪيو ۽ يونيورسل تاريخ کي قومي جذبي هيٺ لکي انهيءَ جو دائرو مختصر ڪري ڇڏيو. مثلاً:

جرمني جي مشهور مورخ 'رانڪي' جيڪا يونيورسل تاريخ لکي، ان ۾ هن جرمن ٽيوٽانڪ ۽ رومن کي انهيءَ تاريخ جو مرڪز بڻايو ۽ ٻين قومن کي ڪا اهميت نہ ڏنائين ايستائين جو يونانين کي بہ گهڻو حصو ڪونہ ڏنائين.

اهڙي قسم جي تاريخ نويسي جو نتيجو هي نڪتو جو يورپي مورخن، يونيورسل تاريخ جي پس منظر ۾، پنهنجي قومن جي ڪارنامن کي اهڙي ريت بيان ڪيو جڻ، انهن جي قومن جا ڪارناما، رڳو هڪ قوم لاءِ نہ پر سڄي انسانيت لاءِ هئا. فرانسيسي مورخ 'مشلي'، يونيورسل تاريخ ۾، فرانسيسي قوم جي سرگرمين ۽ تاريخ کي اهڙي ريت بيان ڪيو، جڻ اها سڄي دنيا ۽ قومن جي تاريخ هجي. هن جو چوڻ هو تہ، فرانس ذريعي، دنيا جي قومن جي آسيدن ۽ خواهشن جو اظهار ٿيئي ٿو. فرانس انقلاب جي وقت جيڪي قربانيون ڏنيون، انهن جي نتيجي ۾ نہ رڳو سڄي دنيا ۾ انقلاب آيا پر انهن ۾ ذهني ۽ فڪري تبديليون پڻ آيون.... ان لاءِ سڀني قومن کي فرانس جو شڪرگذار ٿيڻ گهرجي.

هڪ ٻئي فرانسيسي مورخ 'گزو' انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏنو تہ، يونيورسل تاريخ جي مطالعي مان خبر پوي ٿي تہ، انهيءَ ذريعي خدا پنهنجي منصوبي کي مڪمل ڪري رهيو آهي ۽ انهيءَ منصوبي جي تڪميل فرانسيسي تهذيب ۾ آهي. 'هيگل' انهيءَ خيال کي ڏورو وڌائي پيش ڪيو تہ، خدا تاريخ جي هر عهد ۾ ڪنهن قوم کان، پنهنجي منصوبي جي تڪميل لاءِ ڪم وٺندو آهي ۽ جڏهن ڪا قوم خدا جي انهيءَ منصوبي جو پورائو ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڌندي آهي ته پوءِ آهستي آهستي ختم ٿي ويندي آهي، ان لاءِ ان منصوبي جي تڪميل جو ڪردار سڀ قومون ادا ڪن ٿيون.

يونيورسل تاريخ لکڻ وقت رڳو واقعن کي بيان نه ڪرڻ گهرجي، بلڪ ان عمل جي پس منظر ۾، جيڪي دليل يا عقل ڪم ڪري رهيو آهي ان جو تجزيو ڪرڻ گهرجي، ڇو ته يونيورسل تاريخ ۾ واقعن کان وڌيڪ دليلن ۽ عقل جي ارتقا جي اهميت آهي. جڏهن يونيورسل تاريخ کي انهيءَ انداز سان لکيو ويندو ته انهيءَ سان اميد جا پهلو نڪرندا، ڇو ته انهيءَ خيال کان انساني ترقي جو احساس ٿيندو.

ويهين صدي ۾، يونيورسل تاريخ لکڻ جي بنيادن ۾ تبديلي آئي، جنهن ڪري ان کي رياست ۽ قوم بجاءِ تهذيب ۽ تمدن جي پس منظر ۾ تحرير ڪيو ويو. انهيءَ ۾ خصوصيت سان 'اشپنگلر' ۽ 'ٽائن بي' قابل ذڪر آهن، جن دنيا جي مختلف تهذيبن جي مطالعي کان پوءِ، انهن جي ارتقا ۽ تڪميل جا قانون ڳولهي لڌا ۽ تاريخ کي واقعن بجاءِ قانونن جي روشني ۾ تحرير ڪيو.

يونيورسل تاريخ کي وسيع نقطہ نظر سان لکڻ ۽ مطالعي جي نتيجي ۾ آهي نفرتون ۽ دشمنيون دور ٿي وينديون جيڪي قومن ۾ آهن ۽ اهو احساس جنم وٺندو ته، دنيا ۾ ڪيل ڪارناما خاص قومن جا نه پر گڏيل طور انسانن جا هئا.

سيڪيولرازم ڇا آهي

سيڪيولرازم جو مقصد هي آهي ته، اهو سماجي عمل جنهن جي ڪري، مذهبي اثر جيڪو معاشري تـي هوندو آهي، ان کان معاشري کي آزاد ڪرايو وڃي ۽ مذهب کي انسان جي زندگي ۾ نجي حيثيت ڏني وڃي. انهي ڪري 'سيڪيولرازم' ۽ 'مذهب' ٻه متضاد نظريا ٿي بيهن ٿا، ڇوته مذهب انهيءَ ڳالهه جـي هام ڏو هڻي ته، ڪيس انسان جي جسم ۽ روح تـي حڪومت آهي ۽ رڳو انهيءَ ذريعي ئي، انسان جـي مادي ۽ روحاني نجات ممڪن آهي، انهيءَ سبب ڪري انسان پيدا ٿيڻ کان وٺـي مرڻ تائين، مذهبي رسمن ۽ روايتن ۾ ٻڌل رهي ٿو. جنهن ڪري ڪيس اها آزادي ئي نه ملندي آهي تـه، هو پنهنجي سماج جي مسئلن کي عقل ۽ زماني جـي گهرجن هيٺ حل ڪري سگهي. مذهب پنهنجي بقا لاءِ اهـو ضروري سمجهي ٿـو تـه، هـو هر ان ڪوشش کي ناڪام ڪري وجهي، جنهن جي ڪري ان کي ڪڏهن به خطرو پيدا ٿئي. ان لاءِ مذهب سڀ کان پهرين ان ڳالهه تي ڌيان ڏيندو آهي ته، تعليم جو نظام سندس قبضي ۾ هجي ۽ تعليم جو هڪ اهڙو نظام ترتيب ڏنـو وڃي، جنهن جـي ذريعي، مذهبي عقيدا نوجوان نسل جي ذهن ۾ مضبوط ٿي وڃن.

جڏهن معاشري ۾، مذهبي عقيدا ۽ روايتون مضبوط ٿي وڃن ٿيون ته انهن جو بنيادي اثر هي ٿئي ٿو تـه، معاشري جون مڙيئي سرگرميون ۽ تخليقي صلاحيتون انهن ديوارن اندر رهي ڪم ڪرڻ لڳن ٿيون ته ڪهڙي ريت مذهبي قدرن کـي مضبوط ڪيو وڃي. فلسفو پنهنجن سوچن ۽ نظرين ذريعي انهن جـي سچائي کـي ثابت ڪري، سائنس فقط ان حـد تائين تجربا ڪري، جنهن حـد تائين کيس مذهب اجازت ڏئي. آرٽ، موسيقي ۽ فـن تعمير فقط مذهبي

مقصدن لاءِ ڪم ڪن. اهڙي ريت ائين ڪرڻ سان مٽڻي علمن ۽ فن جو واسطو معاشري ڪيان ٽٽي وڃي ٿو. انهن جو معاشري جي فلاح و بهبود سان ڪو ڳانڍاپو نه هوندو آهي ۽ نه ئي اهي وري انساني ضرورتن ۽ تسڪين لاءِ ڪم ڪندا آهن. مشهور مفڪر 'سوروڪي ڪن' انهيءَ ڳالهه طرف اشارو ڪندي هيءَ ڳالهه چئي ته، عقيدتي واري زماني ۾ يا ان زماني ۾ جنهن ۾ مذهب جي حڪمراني هجي، ته ان زماني ۾ جيڪو ادب تخليق ٿئي ٿو ان جا موضوع مذهبي هوندا آهن جيئن 'مها ڀارت' ۽ 'گيتا' يا يورپ ۾ قرون وسطيٰ ۾ 'ڊوائن ڪاميڊي' وغيره. اسانجي معاشري ۾ اڄ ڏينهن تائين نعت، مرثيو ۽ قصيدن ۾ مذهبي جذبن کي بيان ڪيو وڃي ٿو. اهڙي ريت هن دؤر ۾، موسيقي ديوي، ديوتائن کي خوش ڪرڻ يا مذهبي خوشي ۽ عقيدت جي اظهار لاءِ استعمال ٿئي ٿي. اسان وٽ قوالي ۽ نعتن کي ڳائي پيش ڪرڻ، يا مزارن تي جيڪا موسيقي پيش ڪئي ٿي وڃي آها هن ڳالهه جو مثال آهي ته هن دؤر ۾ جيڪي عمارتون تعمير ٿين ٿيون انهن ۾ سڀ کان وڏي عمارت يورپ ۾، ڪيٿڊرل يا چرچ جي هوندي هئي ۽ سيڪيولر مقصدن جون عمارتون ايتريون شاندار نه هونديون هيون. اسان وٽ اسلام آباد ۾ فيصل مسجد ان ڳالهه جو ثبوت آهي.

تاريخ ۾، معاشري کي سيڪيولر ڏاهڻ جو عمل جيڪو يورپ ۾ ٿيو، انهيءَ سان انهيءَ جي عمل جي تجزيي جو موقعو ملي ٿو ته آهي ڪهڙا سبب هئا، جن يورپ جي معاشري کي انهيءَ ڳالهه تي مجبور ڪيو ته، مذهبي تسلط کي ختم ڪري ان جي جاءِ تي فرد جي آزادي ۽ معاشري جي مفادن خاطر هڪ اهڙو نظام قائم ڪري جنهن ۾ مادي ترقي جون راهون کلي پون. سيڪيولرازم جو مطلب فقط اهو ناهي ته رڳو سياسي نظام سان مذهبي تسلط کي ختم ڪجي پر ان جو اهو به مقصد آهي ته زندگي جو هر پهلو آزاد هجي ۽ پنهنجين ضرورتن ۽ گهرجن مطابق روايتون، قدر ۽ قانون جوڙي سگهن.

يورپ جي معاشري ۾ اُن وقت تبديليون اچڻ شروع ٿيون، جڏهن شهرن ۾ بورزوا طبقو پيدا ٿيو ۽ هن طبقي تجارت ذريعي پئسو ڪمائڻ شروع ڪيو ۽ انهيءَ دولت ذريعي هن، شهرن ۾ سياسي سهوليتون ۽ اقتدار حاصل ڪرڻ شروع ڪيو. انهيءَ عمل سان جاگيرداري نظام کي سخت نقصان پهتو، ڇوته جيڪي هاري ۽ پورهيت انهن جي اثر هيٺ هئا اُهي هنن جي هٿ مان نڪري سٺي روزگار جي تلاش ۾ شهرن طرف اچڻ لڳا ۽ فيڪٽرين ۾ ڪم ڪرڻ لڳا. انهيءَ تبديلي انهن جي زندگيءَ تي تمام گهڻو اثر وڌو، ڇوته شهرن ۾ آباد ٿيڻ ڪري، پهرين ته هو فطرت کان ڏار ٿي ويا ۽ ٻيو ته انهن جون مصروفيتون وڌي ويون ۽ انهن وٽ ايترو وقت نه رهيو جو هو مذهبي رسمون ۽ عبادتون ڪري سگهن، پر مڪمل طور تي مذهب کان ڏار ٿي نه سگهيا ۽ ڄمڻ، شادي ۽ موت جي موقعي تي چرچ ۾ مذهبي رسمون ادا ڪندا رهيا. البته اهو ضرور ٿيو ته مٿن اڳوڻي جهڙو مذهب جو گهرو اثر نه رهيو.

مذهب جي اصلاحي تحريڪ، پوپ جي روحاني راڄ کي ٽوڙيو ۽ چرچ جي اثر ۾ گهٽتائي ٿي، ڇوته مذهبي جنگين ڪاڻ پوءِ اهو اصول ٺهيو ته، جيڪو مذهب جو بادشاهه هوندو اُهوئي رعيت جو به بادشاهه هوندو، ان ڪرڻ سان نه رڳو بادشاهه کي مذهبي طاقت ملي پر سياسي طور تي به هو وڌيڪ طاقتور ٿي ويو. هن پنهنجي مفادن خاطر، مذهبي اثرن کان آزاد ٿيڻ لاءِ سيڪيولر نظام جي نظرين کي ڦهلائڻ شروع ڪيو، ڇوته سيڪيولر ازم ذريعي هو پوپ ۽ چرچ سان پاڻ کي آزاد ڪري ٿي سگهيا.

مذهب جي اصلاحي تحريڪ ڪري لاطيني زبان جو زوال ٿيو ۽ ان جي جاءِ مقامي زبانن وٺڻ شروع ڪئي. انهن مقامي زبانن جي ترقي لاءِ سياستدانن، وڪيلن، شاعرن، اديبن ۽ مفڪرن جا ڪوڙ ڪئي، جنهن ڪري مقامي ثقافت ۽ ان جا رسم و رواج جيڪي اڃان تائين مذهبي اثرن هيٺ هئا، انهن کي وڌڻ ويجهڻ جو موقعو مليو. عيسائيت جي ڪري، اڃان تائين عالمي رياست ۽ عالمي

چرچ جو نظريو مقبول هـو، جنهن ۾ قومي رياست ۾ قومي تشخص جي ڪا بہ گنجائش نہ هئي. جڏهن اِهي نظريا ٽٽا تہ يورپ جي قومن ۾ انهن جي ڳولها شروع ٿي تہ، هو پنهنجون پاڙون ڳولين ۽ انهن جي بنياد تي پنهنجي قوم جي تشڪيل ڪن. انهيءَ خيال هيٺ، انهن تاريخ، آثارقديمہ، لوڪ ڪهاڻين ۽ گيتن جي ڳولها ۽ تحقيق ڪرڻ شروع ڪئي. يورپ ۾ انهيءَ عمل جي ڪري، هڪ پاسي يونان ۽ روم جي تهذيبن ۾ پنهنجون پاڙون ڳولهيون تہ ٻئي پاسي عيسائيت کان اڳ جي تاريخ تي تحقيق ڪري پنهنجي تاريخ کي مڪمل ڪرڻ چاهيائون. جرمن ۾ گرم برادرز، قديم جرمن لوڪ ڪهاڻين کي ڳولهي گڏ ڪيو تہ، مورخن، آثارقديمہ جي ماهرن ۽ علم بشريات جي ماهرن جرمن قبيلن جي نئين تاريخ جي تشڪيل ڪئي، جنهن ڪري جرمن قوم جي هيئت ئي بدلجي ويئي ۽ منجهن قوم پرستي جو اهڙو جذبو اڀريو جنهن سندن تهذيب کي هڪ نئين طاقت ڏني.

هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ آساني سان پهچڻ جا بهترين ذريعا، ڇاپخانن جي ايجاد، نون رستن کي ڳولهي لهڻ ۽ سير و سياحت ڪري دنيا متعلق معلومات ۾ واڌارو ٿيو ۽ يورپ وارن کي ٻين تهذيبن جي خبر پيئي، جنهن مان کين اندازو ٿيو تہ، سچائي تي رڳو سندن ئي حق ڪونهي پر ٻين تمدن ۾ بہ ماڻهو انهن کان سٺي زندگي گذاري رهيا آهن. انهيءَ ڪري منجهن قوت برداشت پيدا ٿي.

جڏهن يورپ ۾ رياستون قائم ٿي ويون تہ هر ڪنهن کي پنهنجي رياست مضبوط ڪرڻ جي لڳي، مقابلي جي جذبي کي مضبوط ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪيو ۽ اها ڳالهہ پيدا ٿي تہ هو پنهنجي تعليم ۽ تربيت کي وڌيڪ بهتر بنائين. انهي ڪري سائنسي، فني ۽ سماجي علمن جي ترقي طرف توجہ ڏنو ويو ۽ علم جي چاڙهوئن کي پهريون دفعو اها آزادي ملي تہ هو پنهنجين تخليقن کي کُلي ماحول ۾ سرجي سگهن، ان لاءِ سائنس سان گڏوگڏ ادب، موسيقي، تعميرن ۽ آرٽ ۾ وڏو انقلاب آيو ۽ انهن معاشري جي ترقي لاءِ ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. مثلاً: انهيءَ نظريي هيٺ تہ، انسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فطري طور تي نيڪ آهي. ان جي ذهن کي سيڪيولر بڻائڻ ۾ خصوصي ڪردار ادا ڪيو. ان جي ذهن کي سيڪيولر بڻائڻ ۾ خصوصو ورتو، ڇو ته انهيءَ اصول هيٺ انسان مذهبي جنونيت ۽ رجعت پسندي خلاف وڙهيو، ڇو ته جيڪڏهن انسان فطري طور تي نيڪ آهي ته پوءِ مذهبي عقيدن جي ڪهڙي ضرورت آهي. ته هو انسان کي نيڪ بڻائين، آزادي جي ڪهڙي ضرورت آهي ته ان کي پنهنجي دائري ۾ آڻي ۽ پنهنجي رستي تي هلائي، انهيءَ جي ابتڙ هن کي آزادي سان کيڙجي جيئن هو بغير پابندين جي آزادي سان وڌي ويجهي.

انهيءَ فڪر ماڻهن ۾ لبرل ازم پيدا ڪيو. قدامت پسند معاشري ۾ جيڪي ماڻهو انهن جي روايتن کان انڪار ڪن ٿا، تن کي آزاد خيال چيو وڃي ٿو جيڪو انڪاري معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو، ان جو مطلب اهو ورتو وڃي ٿو ته، آهو اخلاق ۽ قانون جي حدن کان ٻاهر هليو ويو آهي، اسانجي معاشري ۾ اڄ به آزاد خيال جو تصور انهيءَ معنيٰ ۾ ورتو وڃي ٿو ۽ اهو طنز طور انهن ماڻهن لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو جيڪي رجعت پرست روايتن جي خلاف هوندا آهن.

آزاد خيال ۽ لبرل ماڻهن يورپ ۾ نه رڳو اخلاقي، قانوني ۽ سماجي روايتن کان انڪار ڪيو پر انهن انساني ضمير جي آزادي ۽ انهيءَ ڳالهه جي آزادي تي، انسان پنهنجي عقيدن ڪارڻ پاڻ جي اڳيان جوابدار ناهي، تي زور ڏنو ۽ ان ڳالهه تي به زور ڏنو ته، رياست جو اهو ڪو حق ڪونهي ته، هوءَ فرد جي مذهبي هئڻ متعلق احتساب ڪري، جڏهن هڪ فرد کي اهو حق ملي وڃي ٿو ته ان ڪانپوءِ، رياست ۽ معاشري جون سڀ روايتون، رسم ۽ رواج ختم ٿي وڃن ٿا، جيڪي فرد جي مرضي خلاف مذهبي بڻائڻ تي مجبور ڪن ٿا. اهڙيءَ ريت آزاد خيال نظرين سيڪيولرازم کي وڌيڪ مضبوط ڪيو.

معاشري کي سيڪيولر ڏاهڻ ۽ مذهبي اثرن کي ختم ڪرڻ لاءِ، جنهن عمل جي ضرورت هوندي آهي، ان ڏانهن اشارو ڪندي مارڪس چوي ٿو ته مذهب انسان جا تخليق ڪيل آهن، اهي

انسان ان لاءِ پيدا ڪيا ته، ان ڪانسواءِ انسان زنده رهي نٿو سگهي. ڇو جو هو هڪ اهڙي ماحول ۾ رهي ٿو، جيڪو انتشار پيدا ڪندڙ ۽ خوف بخشيندڙ ماحول ۾ رهي ٿو، اهڙي طرح مذهب سماجي بيمارين جي علامت آهي ۽ بيمار کي حوصلو بخشي ٿو ته هو ان کي برداشت ڪري، اهو مرض کي برداشت لائق بڻائي ٿو پر ان جو علاج ڳولهي نٿو لهي ۽ نه ئي وري ان مان مريض کي صحت مند ٿيڻ جو جذبو ملي ٿو. ان لاءِ مذهب استحصال ٿيل ماڻهن لاءِ هڪ ڏکويل سڏڪو آهي، ٽٽل دلين جي ڌڙڪندڙ دل آهي. هي بي روح ماڻهن لاءِ جاندار روح آهي ۽ اهڙي ريت هي آها آفيم آهي جيڪا انهن کي سڪون ۽ فرحت بخشي ٿي. ان لاءِ جيستائين انسان کي خيال بدلائڻا هجن ته پوءِ قالتو ڳالهين کي ڏوڙڻو پوندو، رڳو مذهب خلاف تبليغ ڪرڻ يا عقيدن کي فلسفيانه طريقي واسطي ڪمزور ڪرڻ سان ڪجهه به نه ٿيندو. ان لاءِ ماڻهن جي زندگي ۽ ماحول کي تبديل ڪرڻو پوندو، مذهب کي ختم ڪرڻ لاءِ سائنس جي نه، سماجي انقلاب جي ضرورت آهي...

هندوستان ۾ مسلمان حڪمرانن جيڪو نظام قائم ڪيو اهو مذهبي ۽ سيڪيولر ٻنهي قسمن جو هو. مسلمان حڪمران هڪ پاسي ته شريعت جي نفاذ جو اعلان ڪندا هئا، پر جتي سندن مفاد شريعت سان ٽڪرائبا هئا آتي انهن کان ڪنڌ ڦيري پنهنجا قانون جوڙيندا هئا ۽ انهن تي عمل ڪندا هئا، ان لاءِ شريعت سان گڏوگڏ، آئين جهانداري ۽ جهان باني به هئا، پر جيستائين ٿي سگهندو هو ته، هو انهن قانونن کي به مذهبي بڻائڻ لاءِ عالمن کان فتوائون وٺندا رهندا هئا، انهن حڪمرانن ۾ فقط علاؤالدين خلجي اهڙو هو، جنهن قاضي مغيث کي جواب ڏيندي چيو هو ته، کيس خبر ناهي ته انهن اصلاحن ۽ ڪنيل قدم شريعت مطابق آهن. پر هو فقط اهو ڏسي ٿو ته عوام جو ڀلو ڪهڙين ڳالهين ۾ آهي.... پر ان سڄي دؤر ۾، تعليم جي نظام تي عالمن جو ڪنٽرول هو ۽ تعليمي نصاب مذهبي بنيادن تي جوڙيل هو، عالمن آنهن سيني علمن جي مخالفت

ڪئي، جيڪي مذهبي عقيدن ۾ تعليم سان ٽڪرجي رهيا هئا. اُصول هي هو ته، هر اهو علم بيڪار آهي، جيڪو مذهب جي ترقي ۾ حصو نٿو وٺي. فلسفي جي مخالفت ڏاڍي زور سان ڪئي ويئي ۽ چيو ويو ته، اهو شڪ ۽ دليل جي جذبي کي پيدا ڪري ٿو جيڪو اعتقادن لاءِ نهايت ئي خطرناڪ آهي. اهڙي ريت ادب ۽ شاعري، موسيقي، مصوري ۽ مجسما جوڙڻ جي به مخالفت ڪئي ويئي ۽ سائنس ته سچي دؤر ۾ اڀري ئي نه سگهي.

هندوستان ۾ انگريزن جي اچڻ کانپوءِ، مسلمانن مغربي علمن جي مخالفت ان لاءِ ڪئي ته، ڪين پنهنجن عقيدن جي ڪمزور ٿيڻ جو ڪٽڪو هو، انهيءَ سبب ڪري اهي نه رڳو تعليمي ميدان ۾ پويان رهجي ويا پر سياست ۽ معشيت ۾ به ترقي نه ڪري سگهيا.

انهيءَ ڪري برصغير جي ورهاست کان پوءِ، هندوستان ۽ پاڪستان ۾ اهي به رجحان صاف طور تي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هندوستان جي سياست جو بنياد سيڪيولرازم تي کڙو ڪيو ويو، جنهن ڪري معاشري جون مؤثر تخليقي صلاحيتون مؤثر مذهبي بندشن کان آزاد ٿي، پنهنجي پوري سگهه سان اڀريون. هڪ سيڪيولر رياست جي حيثيت سان هندوستان جو سڀ کان وڏو مسئلو فرقه وارانيت، بنياد پرستي ۽ مذهبي جنونيت کي روڪڻ ۽ ختم ڪرڻ آهي، ان ڪري ان جا دانشور ۽ مفڪر انهن مسئلن جي پس منظر ۾، جيڪي معاشي ۽ سماجي توڙي مذهبي سبب آهن، انهن جو تجزيو ڪري رهيا آهن.

هڪ سيڪيولر رياست جي حيثيت سان، انهن تعليم کي مذهب کان ڌار ۽ آزاد ڪري ڇڏيو، جنهن جي ڪري هائي سائنسي ۽ سماجي علم، مذهب کي سچو ثابت ڪرڻ بجاءِ انسان ۽ معاشري جي مسئلن کي سمجهڻ ۽ انهن کي حل ڪرڻ ۾ رُڌل آهن. انهن اڳيان، آبادي جو وڌڻ، ماحوليات جي بهتري، غربت جو خاتمو ۽ توهم پرستي کي روڪڻ، وڏا مسئلا آهن. هندوستان کي مڪمل طور سيڪيولر ٿيڻ ۾ شايد اڃان ڊگهو عرصو لڳي، پر ان

عمل جي شروعات انهن وٽ ٿي چڪي آهي ۽ انهيءَ جا نتيجا به ظاهر ٿيڻ لڳا آهن.

انهيءَ جي مقابلي ۾ پاڪستان جون مڙيئي تخليقي صلاحيتن کي، مذهبي عقيدن، رسمن ۽ روايتن پنهنجي مضبوط ٻڪ ۾ قابو ڪري رکيو آهي. ادب، شاعري، مصوري، موسيقي ۽ مجسما سازي ٿي فحاشي، عرياني ۽ اخلاق کي بيگاڙڻ واري جهڙيون فتوائون ملنديون رهن ٿيون. ان لاءِ اديب جو قلم، مصور جو برش، ٻن ڏاهيندڙ جو هٿوڙو ۽ موسيقار جون آ ڱريون، انهن سختين ڪري، رُڪجي وڃن ٿيون، انهن وٽ آهو جوش ناهي رهڻ ڏنو ويو جنهن جي هڪ فنڪار کي ضرورت هوندي آهي، ڇوته انهن جون مڙيئي صلاحيتون انهن پابندين ۾ ڪومائجي چڪيون آهن.

انهي عرصي دوران سڀ کان گهڻو نقصان تعليم جي نظام کي پهتو آهي، ڇوته سڄو نظام مذهبي بنيادن تي بدل آهي، ان لاءِ شاگرد نه علم جي باريڪ بينين کان واقف آهن ۽ نه ئي انهن سائنسي تجربن کان جيڪي ڪائنات جي رازن تان پردو کڻن ٿا. انهيءَ جو نتيجو اهو ٿو نڪري ته اسانجو هڪ تعليمي چاڻ رکندڙ شخص، نه ته تبديل ٿيندڙ دنيا کي سمجهي سگهي ٿو ۽ نه ئي وري موجوده دور جي چئلينجن کي منهن ڏيئي سگهي ٿو. ڇوته هو مذهب جي دائري ۾ قيد رهي، پاڻ کي هر خطري کان محفوظ سمجهڻ لڳي ٿو. حالانڪ تعليمي نظام جو بنيادي مقصد اهو هوندو آهي ته، معاشري جي بدلجندڙ ضرورتن کي پورو ڪجي ۽ انهن مسئلن کي حل ڪجي جيڪي تبديلين جي نتيجي ۾ پيدا ٿين ٿا.

جيئن ته پاڪستان ۾ سني عقيدي جي اڪثريت آهي، ان لاءِ هتي جو مذهبي نظام سني عقيدي تي آهي ۽ اهي تشدد ذريعي پنهنجي عقيدي کي معاشري ۾ نافذ ڪرڻ چاهين ٿا، ان لاءِ ٻيا مذهبي فرقا، پنهنجي عقيدن ۾ پاڻ کي آزاد نٿا محسوس ڪن ۽ رد عمل جي طور تي، هو پنهنجن عقيدن هيٺ رياست جي قانونن کي بدلائڻ چاهين ٿا، ڇوته ڪوبه مذهبي ان ڳالهه تي تيار ناهي ته،

پڻ ڪنهن فرقي جي بالادستي قائم ٿئي. انهيءَ ڪري شيعه بريلوي، اهل حديث ۽ ديوبندي آهي اهم فرقا آهن جيڪي پنهنجي مذهبي بالادستي لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن. پنهنجي مقصد لاءِ انهن جون سياسي تنظيمون آهن جيڪي سياسي اقتدار تي قبضو ڪري پنهنجي عقيدن جو نفاذ چاهين ٿيون. انهن سڀني معاشري کي ڌار ڌار فرقن ۾ ورهائي، مذهبي تنگ نظري ۽ فرقه واريت واري تعصب کي هوا ڏني آهي.

جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته، مذهب کي سڀ کان وڌيڪ آزادي سيڪيولر نظام ۾ هوندي آهي، ڇو ته سيڪيولر رياست ۾، ڪنهن هڪ مذهب جي حڪومت نه هوندي آهي ۽ نه وري رياست ڪنهن هڪ مذهبي فرقي جي سرپرستي ڪري ٿي، ان لاءِ مڙيئي مذهب ۽ فرقه بلڪل آزاد هوندا آهن ته هو پنهنجي اعتقادن جي ترقي ۾ ڀرپور حصو وٺن ۽ جيڪڏهن چاهين ته دليلن ۽ عقل جي بنيادن تي پين ماڻهن کي متاثر ڪن. انهيءَ ڪري هڪ مغربي مورخ ”ڪينٽول اسمٿ“ جو چوڻ آهي ته: هندوستان جي مسلمانن کي سيڪيولر رياست ۾ رهندي اسلام تي وڌيڪ آزادي ۽ کليل ماحول ۾ تحقيق ڪرڻ جو موقعو مليل آهي، جيڪو انهن کي پاڪستان ۾ ميسر ناهي، ان لاءِ هندوستان ۾ ان ڳالهه جو موقعو آهي ته اتي اسلام هڪ سگهه سان نروار ٿي سگهي ٿو.

سيڪيولر رياست جي حيثيت مذهبي معاملن ۾ بلڪل غير جانبدار هوندي آهي، اهي مذهب، رياست جي طاقت ۾ مداخلت ڪرڻ کانسواءِ پنهنجون سرگرميون جاري رکي سگهندا آهن، پر انهن کي اها اجازت نه هوندي آهي ته، اهي رياست تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ۽ سياسي اقتدار حاصل ڪري پنهنجي مرضي قائم ڪري سگهن.

سيڪيولر معاشري ۾، جيئن ته راءِ جي اظهار جي آزادي هوندي آهي ان ۾ قوت برداشت جو اصول هوندو آهي، ان لاءِ مذهبي عقيدن سان گڏوگڏ غيرمذهبي ۽ ٻين ماڻهن کي به اهو حق هوندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ته هو پنهنجون پنهنجون ڳالهيون ڪن. سينسر شپ ڪي اهو حق نه هوندو آهي ته اهي ڪتابن کي باهه ڏين يا پابنديون لڳائين.

سيڪيولر نظام جو اهم بنياد اهو آهي ته، هن ۾ عوام جي بالادستي قائم ٿيندي آهي ۽ عوام جا چونڊيل نمائندا، معاشري جي بدلجندڙ ضرورتن هيٺ قانون جوڙيندا آهن، انهن ۾ قانون جي ابدي ۽ آفاقي هئڻ جو تصور نه هوندو آهي، پر اهو قانون معاشري جي پاڻ سان جنم وٺندو آهي، جيڪو انهن جي ضرورتن ڪري پيدا ٿيندو آهي، ۽ جڏهن گهرجون پوريون ٿي وڃن ٿيون ته هڪ پيو نئون قانون جو نظام وجود ۾ اچي ٿو ۽ اهڙي ريت سيڪيولر نظام ۽ جمهوريت هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم ٿي پون ٿا.

قوم پرستي ڇا آهي؟

جڏهن انسان گڏجي، زندگي گذارڻ شروع ڪئي ته، هو قوم، نسل، قبيلي ۽ برادري ۾ ورهائجي ويو، جيئن هو گڏجي سڏجي رهي سگهي ۽ پنهنجو بچاءُ ڪري سگهي. انهن گروهن ۽ جماعتن ۾، اتفاق ۽ يڪجهتي لاءِ طرفداري جو جذبو پيدا ٿيو، جنهن انهن کي پاڻ ۾ ڳنڍي رکيو. انهي طرفداري جي جذبي قبيلن ۽ قومن ۾ برتري جو جذبو پيدا ڪيو. انهي جذبي مان خاص طور تي فاتح قومن فائدو ورتو ۽ مفتوح قومن کي، پاڻ کان نيچ قرار ڏيئي، انهن تي حڪومت ڪئي، ۽ انهن جو استحصال ڪيو. عرب ۽ عجم، اڇي ۽ ڪاري قومن وارو تصور انهن ئي نظرين ڪري پيدا ٿيو. شايد انهن مفتوح قومن 'نسل انساني' ۽ 'برابري' جي نظرين جي تبليغ ڪئي، جنهن ۾ سڀ قومون رنگ ۽ نسل جي حساب هڪ ٿي پيهن، جنهن وٽ سگهه نه هوندي آهي، آهي فڪري ۽ ذهني طور تي تبديلي جا خواهشمند هوندا آهن جيئن سندن مفادن جو بچاءُ ٿي سگهي. پر جن وٽ طاقت هوندي آهي، آهي نسلي برتري جي ڳالهه ڪندا آهن، جيئن انهي ذريعي هو پنهنجين مفادن کي قائم ڪري سگهن.

'نسل انساني' جو تصور انهن مذهبن ڏنو، جيڪي پنهنجي شروعاتي دور ۾ مظلوم طبقن جي نمائندگي ڪري رهيا هئا ۽ اهڙي ريت معاشري ۾ برابري ۽ عزت وارو مقام حاصل ڪرڻ چاهيائون ٿي، پر جڏهن اهي ئي مذهب، سياسي طور تي سگهارا ٿي ويا، ته انهن 'مومن' ۽ 'ڪافر' جي فرق کي قائم ڪري خود 'نسل انساني' جي تصور کي رد ڪيو ۽ سلطنت کي وڌائڻ خاطر، قومن جو استحصال ڪري، انهن کي سياسي ۽ معاشي طور پاڻ کان هيٺ ڪيو.

ارڙهين صدي کان اڳ، يورپ جي سڀني ملڪن تي چرچ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اثرتمام گھرو هو. ان لاءِ يورپ سڄي عيسائين جو روحاني اڳواڻ هو ۽ 'هولي رومن ايمپائر' سياسي طور تي سڳهاري هئي، ان لاءِ يورپ جي سڀني قومن تي تسلط قائم رکڻ لاءِ عالمي برادري جو تصور انهن جي مفاد وٽان هو. ذاتي جنگين ۽ قومن جي پاڻ ۾ ٽڪرجڻ جي باوجود به يورپ، هڪ ثقافتي ۽ هم آهنگي رکيو پئي آيو، اهڙي ريت سياسي طور تي وڏيون وڏيون سلطنتون هيون جن ۾ ڪيترئيون ئي قومون هيون.

انهي زماني ۾ قوم جو تصور به ننڍي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو هو. سترهين صديءَ ۾ فرانس ۽ جرمني ۾، انهي اصطلاح جو استعمال سياسي ماڻهن لاءِ هو، ۽ پوءِ 'روسو' ان کي رد ڪيو ۽ چيو ته، بادشاهه ۽ امراءِ قوم ناهن، پر عوام هڪ قوم آهي. روسو جو اهو نظريو آمريڪي ۽ فرانسيسي انقلابن ۾ گهڻو مشهور ٿيو، جنهن ۾ ملڪ جا ماڻهو گڏجي هڪ قوم ٿي پيا. ارڙهين صديءَ ۾، ان هڪ نظريي جي شڪل اختيار ڪري ورتي ۽ بين الاقواميت جي جاءِ وٺي ورتائين ۽ مغربي يورپ ۾ به ڏاڍو مشهور ٿيو. اوڻهين صديءَ جي آخر ۾، اهو مشرقي يورپ ۽ ايشيا ۾ پکڙيو ۽ ويهين صديءَ ۾ هي آفريڪا تائين وڃي پهتو.... قومپرستي واري جذبي معاشري ۾ هڪ انقلابي تبديلي آندي، ڇو ته ان کان اڳ ماڻهو شاهي خاندان ۽ چرچ جا وفادار هئا، ان کان پوءِ انهن جي وفاداري جو مرڪز قوم بڻجي ويئي. هڪ قوم رياست جي جوڙجڪ ۾ مدد ڪئي ۽ ان سان وطن پرستي جو جذبو سرجيو.

يورپ ۾ قومپرستي جي جذبي کي وڌائڻ ۾، فرانسيسي انقلاب ۽ نپولين جي جنگين وڏو اهم ڪردار ادا ڪيو، ڇو ته انهن جنگين ۾ شڪست کانپوءِ جرمني ۽ مشرقي يورپ ۾ اهو احساس پيدا ٿيو ته، کين پنهنجي وجود کي برقرار رکڻ ۽ پنهنجي بچاءَ لاءِ گڏ ٿيڻ تمام ضروري آهي، ان کانپوءِ جرمني ۽ اٽلي ۾ اتحاد جون تحريڪون شروع ٿيون. جرمني ۾ قومپرستي جا جذبا پيدا ڪرڻ ۾، دانشورن ۽ مفڪرن جو وڏو هٿ هو. 'هرڊر' انهي

سلسلي ۾ زبان ۽ ثقافت تي خاص ڌيان ڏنو ۽ چيو ته اهي قوم جي سڃاڻپ جون اهم علامتون آهن. هن جي ويچار، هر قوم جي ڌار ڌار حيثيت هوندي آهي. هن ڪائنات جي حسن ۽ ميلاپ ۾ نه پر فرق ۽ علحدگيءَ ۾. جڏهن مختلف رنگن جي گلن جو گلدستو ٻنجي ٿو ته اهو وڌيڪ وڻندڙ ۽ سهڻو هوندو آهي، ان لاءِ فطرت قومن کي جبلن دريائن، سمنڊن ۽ رڻ پٽن ذريعي ڌار ڌار ڪري، انهن کي فطري سرحدن ۾ قيد ڪري، انهن ۾ خاص قومي خصوصيتن کي پيدا ڪيو، ۽ انهن سرحدن ۾ انهن پنهنجي زبان ۽ ثقافت کي محفوظ رکيو... انهيءَ دليل کي ذهن ۾ رکندي 'مادني' چيو ته، ائين ڪري خدا هڪ قوم جي حيثيت سان پيدا ڪيو آهي جيڪو پائرينز، الپس ۽ رائن جي وچ ۾ ڪهيريل آهي.

جيئن ته، جرمن انهيءَ تعريف ۾ نٿو اچي. ڇو ته ان جون سرحدون ڪليل هيون، ان لاءِ 'فشٽي' ان تي زور ڏنو ته، هڪ زبان ڳالهائيندڙ هڪ قوم هوندا آهن. ڪنهن به قوم جي تشڪيل ان وقت ٿئي ٿي جڏهن هوءَ ٻين قومن کان بلڪل ڌار هجي. ان لاءِ ضروري آهي ته، غير ملڪين کان بچيو وڃي جيئن قومي ثقافت کي ڪا ڪس نه لڳي. ان لاءِ هن اها سفارش ڪئي ته، رکو دانشورن ۽ تخليق ڪندڙن کي ٻاهر سفر جي اجازت ڏني وڃي. ان ڳالهه مان هن جو مقصد هي هو ته، جرمن قوم کي ٻين کان ڌار ڪري انهن جي قومي خصوصيتن کي نروار ڪيو وڃي.

جرمنيءَ ۾ قوم پرستي جا جيڪي ڌار ڌار نظريا پيدا ٿيا، انهن مان هڪ هي به هو ته، قومي روح زمين جي نظارن سان ئي تخليق ٿيندي آهي، جيئن يهودي رڻ پٽ جا رهڻ وارا هئا، ان لاءِ انهن جا ذهن ويران ۽ ڏٽ رهيا. جرمن قوم جيئن ته، اونداهي، گهاٽي ۽ ڊنڊ وارن جهنگلن ۾ رهيا، ان لاءِ هي گهرا، پراسرار ۽ وسعت وارا آهن. انهن قومي نظرين، جرمن قوم ۾ فاشزم جي جذبن کي پيدا ڪرڻ ۾ واهرو ٿيا.

جڏهن يورپي قومن ايشيا، آفريڪا ۽ آمريڪا ۾ پنهنجون نيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آباديون قائم ڪيون ۽ آتي جي قومن کي پنهنجي ماتحت بنايائون ته انهن وٽ هن احساس جنم ورتو ته، يورپي قومن کي خدا برتر ۽ افضل ڪري جوڙيو آهي، جنهن ڪري ڏنجهن خاص صلاحيتون ۽ ذهانت آهي جيڪا هارايل قومن ۾ ناهي. ان ڪري انهن ۾ نسلي برتري جو احساس پيدا ٿيو. خود يورپي قومن ۾ سياسي دشمنين ۾ گڏيل واپار جي ڏي وٺ قومي جذبن کي وڌڻ ويجهڻ ۾ مدد ڏني. هر يورپي قوم پنهنجي قومي روايتن کي مضبوط ڪرڻ شروع ڪري ڏنو، جيئن انهن ۾ قومي اتحاد پيدا ٿي سگهي ۽ انهي مان جيڪا سگهه پيدا ٿئي، ان جي بنياد تي نين آبادين ۾ پنهنجي اقتدار کي سگهارو بنائي سگهجي. ان دور ۾ قوم پرستي حڪمران طبقن جي مفادن ۾ هئي، جنهن کي استعمال ڪري، هو پنهنجي عوام کي قرباني لاءِ تيار ڪري سگهيا ٿي ۽ قومي عظمت لاءِ انهن کي ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن ۾ موڪلي، آتي استعمال ڪري سگهيا ٿي، ۽ ٿيو به ائين، جو انهن ملڪن جي عوام ان فريب ڏيندڙ نعري ۾ اچي، قوم جي نالي تي جانيون ڏيئي امپيريل ازم جي پاڙن کي وڌيڪ مضبوط ڪيو، جنهن مان حڪمران طبقي کي گهڻو فائدو ٿيو.

۽ فرانسيسي انقلاب جي ڪري جڏهن، يورپ ۾ قوم پرستي جو جذبو پيدا ٿيو ته، ان ڳالهه جي ڪوشش ڪئي ويئي ته، هو پنهنجي معاشري ۾ جمهوري اقدار کي وڌائين، ۽ عوام کي قومي تشڪيل جي عمل ۾ شامل ڪري، جمهوري حڪومتون قائم ڪن. ان سان گڏ قوم پرستي وري سيڪيولر ادارن جي جوڙجڪ تي زور ڏنو، اهڙي ريت اهي قومي تحريڪون، پنهنجي اندر جمهوري ۽ سيڪيولر روح رکندڙ هيون. پر ١٨٤٨ع ۾ يورپ ۾ جيڪا انقلاب جي لهر آئي ۽ ان ۾ ناڪامي ٿي، جنهن ڪري جمهوري سگهن کي نقصان پهتو ۽ ان سان گڏ قوم پرستي جو تصور به تبديل ٿي ويو. ١٨٩٠ع تائين اهو هڪ اهڙو رجعت پسند نظريو بڻجي ويو، جنهن جي بنياد تي خود حڪمران طبقي عوام جو استعمال ڪيو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ذريعي، مٿيون بين الاقوامي نظرين جي سخت مخالفت ڪئي وئي ۽ صديءَ جي آخر تائين، انهي جو مقصد هڪ گهٽيل ۽ مختصر معاشري جو ٿي رهجي ويو. اهو نظريو چوويهه چالاڪ طبقن لاءِ استعمال ٿيو. ان جو سبب هي هو ته ان صديءَ جي آخر تائين، صنعتي انقلاب ڪري، شهرن جي آبادي وڌڻ شروع ٿي ۽ ان شهر ۽ ٻهراڙي جي زندگيءَ واري فرق کي وڌيڪ ظاهر ڪيو. ڳوٺن ۾ ثقافت محدود هئي، جڏهن ته شهرن ۾ انهي جو ڦهلاءُ وڌيڪ هو. شهرن ۾ عوام ۽ حڪمران طبقي جي وچ ۾ اختلاف وڌندا ويا. ڇو ته عوام اڻ پڙهيل ۽ جاهل هئي، ان ڪري دلفريب نعرن ذريعي، حڪمرانن انهن کي استعمال ڪيو ۽ ڇو ته هن طبقي جا ماڻهو پڙهيل لکيل هئا ۽ قومي قيادت تي سندن قبضو هو، ان ڪري انهن قومپرستي کي نسل پرستي ۽ فاشزم بنائي، انهن مفادن جي وٺ خاطر عوام کي پاڻ سان گڏ ملايو.

انهي صدي ۾، قومپرستي ۽ معاشيات جو عنصر شامل ٿيو. معاشي تحفظ ۽ قومي صنعت جي ترقي لاءِ، غير ملڪي شين جي اچڻ تي يا ته ڳرو ٽئڪس لڳايو ويو يا ان تي مڪمل پابندي وڌي ويئي. ٻئي پاسي، نسل پرستي جي جذبي، قومن ۾ نسلي برتري جا جذبا پيدا ڪيا، انهن پنهي نظرين ڪري طاقتور قومن ڪمزور قومن جي حقن کي پائمال ڪيو.

اوڻهين صدي جي خصوصيت هيءَ به آهي ته، ان دور ۾ قومپرستي جي جذبي هيٺ، رياستون متحد ٿي رهيون هيون، انهن ۾ اٽلي ۽ جرمني ڪانسواءِ پولينڊ، رومانيه، يوگوسلاويه، بلغاريه، يونان ۽ چيڪوسلواڪيه خاص قابل ذڪر آهن. مارڪس ۽ اينگلز وڏي رياستن جي اتحاد جا حامي هئا. مارڪس خود بين الاقوامي ذهن رکندڙ هو، هن قومي رياست جي ان ڪري مخالفت ڪئي ته ماڻهن جي ان سان وفاداري ٿي وڃي. هو صرف سياسي وفاداري جو قائل هو ۽ اها هئي بين الاقوامي مزدورن جي جماعت ۽ سوشلزم. هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته، پنهنجي قومن جي مزدورن ۽ سوشلسٽن سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتحاد قائم ڪيو ويو، ان لاءِ مارڪس تي اهو الزام آهي ته، هن قومي جذبن ۽ ان جي ڪردار کي گهٽ ڪري محسوس ڪيو.

اها ڳالهه ٺيڪ آهي ته، قوم‌پرستي يورپ جي پيداوار آهي، پر ڇا نئين آبادياتي ملڪن ۾ ان نظريي کي يورپ ئي روشناس ڪرايو؟ انهي ڳالهه جا حامي اهو دليل ڏين ٿا ته نئين آبادياتي نظام، ان ملڪن جي پيٺل زندگيءَ تي اثر وڌو، ڳوٺ ۽ زندگي جا ايستائين هڪ جاءِ تي بيٺل هئي آن ۾ چرپر پيدا ٿي، نئين آبادياتي نظام، مقامي صنعتن کي ختم ڪرڻ شروع ڪيو ته، ماڻهن شهرن طرف لڏپلاڻ ڪرڻ شروع ڪئي. ڳوٺاڻا، جيڪي ڳوٺ کي پنهنجو ملڪ سمجهندا هئا ۽ سندن ڳوٺ مان ذهني لڳاءُ هو، سي جڏهن شهرن ۾ آيا ته، سندن ذهن وسيع ٿيو ۽ سندن ثقافتي حدن ۾ واڌارو ٿيو، جو ته اتي مختلف برادرين ۽ قبيلن جي ماڻهن جو پاڻ ۾ ميل ميلاپ شروع ٿيو.

انهي عمل ۾ جاگيردار ۽ دولتمند طبقن جي ٻارن مغربي تعليم حاصل ڪئي ۽، ڊاڪٽر، وڪيل، انجنيئر ۽ انتظاميه جي عهدن تي ويهي پاڻ کي امپيريل نظام سان ڳنڍي ڇڏيائون. هو پاڻ لاءِ مغربي تهذيب کي نعمت سمجهڻ لڳا. منجهن انهي احساس جنم ورتو ته، مغربي ملڪن جي نگراني ۾، هو جديد تهذيب ۽ تمدن سان سينگاريا ويا آهن. انهي مغربي تعليم يافته طبقي کي نئين آبادي نظام ۾ آهستي آهستي حڪومتي اختيار ڏنا ويا ۽ اهي ملڪ آن وقت آزاد ٿيا جڏهن کين مٿان نگراني جي ضرورت نه رهي. انهي دليل هيٺ نون آباد ٿيل ملڪن جي آزادي ڪنهن جدوجهد جو نتيجو نه پر اهو انهن لاءِ هڪ تحفو آهي، جيڪو انهن کي آن وقت مليو جڏهن انهن ۾ عقل بالغ ٿيو.

انهيءَ جي مخالفت ۾ جيڪو دليل ڏنو ٿو وڃي، آهو هي آهي ته نئين آبادياتي نظام، پنهنجي ماتحت ملڪن ۾ آزاديءَ انساني حقن ۽ جمهوري ادارن کي ختم ڪيو، ڇو ته انهي نظام جو بنياد جمهوري قدرن تي نه، پر تشدد تي هو. آهي ماڻهن کان رڳو مڪمل

وفاداري ۽ اطاعت جا طالب هئا ۽ عوام کي انهن سدائين انڌين رکڻ ٿي چاهيو. انهي استحصالي رويي جي نتيجي ۾ قومي تحريڪون پيدا ٿيون جن جون پاڙون يقيني طور تي مقامي ماڻهن ۾ هيون.

جيڪڏهن پهروڪي بيان کي نتيجو وجي ته، ان جو مطلب هي ٿيو ته، يورپ آزادي ۽ جمهوريت کي ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن ۾ ڦهلايو ۽ انهن ملڪن ۾ قومپرستي، نئين آبادياتي نظام جي ٿيل استحصال جي نتيجي ۾ پيدا نه ٿي، پر اها يورپي تعليم ۽ ذهني سوچ جي ڪري ٿي، جنهن انهن جي خيالن کي روشن ڪيو ۽ اهڙي ريت انهن ملڪن جي آزادي يورپ کان مليل خيرات آهي.

نئين آبادي ۾، قومي تحريڪن ۾، ٽن طبقن جي پاڻ ۾ ويڙهه ٿي، هڪ طرف رياست جا مالڪ، زميندار، جاگيردار ۽ پراڻا حڪمران هئا، جن جا مفاد امپيريل طاقتن سان گڏ هئا ۽ اهي انهن جي حمايت ڪري، پنهنجن سهولتن جو تحفظ ڪرڻ ٿي چاهيائون، ٻئي پاسي غير ملڪي اقتدار هو، جيڪو انهي طبقي جي حمايت سان پنهنجي اقتدار کي مضبوط ۽ سگهارو سمجهيو ويٺو هو. انهن ٻنهي طبقن جي مخالفت، قومپرست طبقا ڪري رهيا هئا، انهن جو تعلق وچولي طبقي سان هو، اهي آزادي ۽ قومي اتحاد جا علمبردار هئا، انهن جي ڪوشش هئي ته، قبائلي، ذات پات ۽ مذهبي فرق کي ختم ڪري عوام کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪيو وڃي، ڇو ته عوام جي طاقت کانسواءِ اهي امپيريل سگهه سان وڙهي نٿي سگهيا. انهي ڪري امپيريل طاقت جي فائدي ۾ اها ڳالهه هئي ته، هو عوام ۾ فرقه واريت اختلافن کي آباريندي رهي، جيئن انهن ۾ اتحاد قائم نه ٿي سگهي ۽ قومپرستي جا جذبا ابري نه سگهن. ان ڪري قومپرست طبقن جي ڪاميابي جو سڄو دارومدار انهي ڳالهه تي هو ته، هو ڪهڙي ريت ماڻهن ۾ هڪ قوم جي هئڻ جو احساس پيدا ڪن. ان لاءِ انهن هن ڳالهه تي زور ڏنو ته، هيءَ هڪ سياسي تحريڪ آهي ۽ هن جو مقصد اهو آهي ته قومي وقار جو تحفظ

ڪجي. انهيءَ مقصد ماڻڻ لاءِ هنن غير ملڪي اقتدار، انهيءَ جي رويي ۽ اِن جي استحصال کي، انهن عوام اڳيان اُپين پيش ڪيو، جو هڪ پاسي انهن ۾ مظلوم هئڻ جو حساس پيدا ٿيو ته ٻئي پاسي انهن جي استحصال کان نفرت پيدا ٿي.

قومي اتحاد ۽ قومي فخر کي پيدا ڪرڻ لاءِ تاريخ جو سهارو ورتو ويو ۽ هر قوم انهيءَ ڳالهه جي ڪوشش ڪئي ته، پنهنجي شاندار ماضيءَ جي تخليق ڪن جنهن جي بنياد تي، خوشي ڏيندڙ مستقبل لاءِ ڪم ڪيو وڃي. آزادي جي تحريڪ ۽ جنگ دوران جيڪي شخصيون اڀريون انهن کي قومي هيرو ڪري پيش ڪيو ويو. ڪيترائي ملڪ جتي آزادي لاءِ هڪ ڊگهي جنگ نه وڙهي ويئي آتي انهن مزاحمت ڪئي، تحريڪ کي وڌائي پيش ڪيو ويو، قربانين ۽ جدوجهد کي تمام گهڻو وڌائي پيش ڪيو ويو، بعد ۾ انهن شخصيتن ۽ انهن خاندانن انهن قربانين جي بدلي ۾، ملڪ ۽ قوم کان سياسي اقتدار ۽ پيون سهوليتون ورتيون. اهڙي ريت تاريخ ۾ به اعليٰ جاءِ والاري ۽ هن دنيا ۾ به سڄيئي مادي سهوليتن مان فائدو حاصل ڪيائون.

نئين آبادياتي نظام جي خاتمي تي، جڏهن قومي رياست جي تشڪيل جو ڪم شروع ٿيو ته نئين قوم سڀ کان پهرين قومي سڃاڻپ جي علامتن کي اختيار ڪيو. انهن ۾ جهنڊو ۽ قومي ترانو قابل ذڪر آهن. جهنڊي جي رنگ ۽ انهن جي نشانن ۾ قومي جدوجهد، خيالن کي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي، قومي تراني ۾ زمين، وطن ۽ قوم سان محبت جي جذبن کي اڀاريو ويو. ٻئي مرحلي ۾، نئين آباديات دور جا نالا بدلايا ويا. رستن، گهٽين، عمارتن ۽ باغن جا نالا قومي هيروز جي نالن پٺيان رکيا ويا، شهرن جا نالا تبديل ڪري انهن کي پراڻن نالن سان سڏيو ويو. اڪثر ملڪن، نوان گاديءَ جا هنڌ تعمير ڪيا، جيئن انهن جي خوبصورتي ۽ شان وشوڪت ۾ ملڪ جي غريبي ۽ عيبن کي لڪائي سگهجي ۽ حڪمران طبقا عوام کان ڌار ٿي هڪ ڌار جزيره بڻائي آتي آرام

۽ سڪون سان رهي سگهن.

قومي رياست جي تشڪيل ۾، قومي شاعرن بہ اهم حصو ورتو ۽ ان کي اهو اعزاز ڏنو ويو تہ، جيڪڏهن شاعرن جي شاعري قومي جذبن جي عڪاسي ڪري تہ پوءِ ڪابہ ڏکيائي اڳيان ڪانہ ٿي اچي، يا وري شاعري جي انهن حصن کي نظرانداز ڪيو ويو جيڪي قومپرستي جي لاءِ موزون نہ هئا. شاعر سان گڏ مصور، اديب، فنڪار ۽ موسيقار بہ ڳولهيا ويا جن جي محنت جي بنياد تي قومي ثقافت کي تعمير ڪيو ويو.

نون آزاد ٿيل ملڪن ۾، قومي زبان هڪ مسئلو ٿي نروار ٿي، ڇو تہ انهن ملڪن ۾ هڪ کان وڌيڪ زبانون ڳالهايون ٿي ويون، ان لاءِ ٻين زبانن کي نظرانداز ڪري، هڪ زبان کي قومي ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هو. يورپ ۾ اهو ان لاءِ آسان هو تہ، اتي اڪثر ملڪن ۾ هڪ ئي زبان ڳالهائي وڃي ٿي. مثلاً: جرمني ٣٥٠ رياستن ۾ ورهايل هو، پر انهن جي زبان هڪ هئي. انهيءَ جي مقابلي ۾ نائيجيريا ۾ ٥٠٠ زبانون ڳالهايون وڃن ٿيون، ان لاءِ زبان جي مسئلي تي انهن ملڪن ۾ جهيڙا جهڳڙا ٿيا ۽ اڪثر ملڪن ۾ اڃان تائين اهو مسئلو حل نہ ٿي سگهيو آهي.

نون آزاد ٿيل ملڪن ۾، قومي تحريڪن جي نتيجي ۾ طاقتور شخصيتن جنم ورتو، جن شخصي حڪومتون قائم ڪري جمهوري عمل ۽ جمهوري قدرن کي سخت نقصان پهچايو. انهن پنهنجي آمر حڪومتن جي بقا لاءِ، انهيءَ ڳالهہ جي ڪوشش ڪئي تہ، عوام ۾ قومپرستي جي انهن جذبن کي زنده رکيو وڃي، جن جي بنياد تي انهن غير ملڪي اقتدار جي خلاف جنگ وڙهي هئي. انهن جذبن کي زنده رکڻ لاءِ انهن، ملي نغمن ۽ قومي ترانن جو سهارو ورتو، جيڪي ريڊيو ۽ ٽي وي ذريعي مسلسل ماڻهن کي ٻڌايا وڃن ٿا.

آزادي کان پوءِ، قومي حڪومتن جي ناڪامي جي نتيجي ۾، عوام تي اهو ظاهر ٿي ويو تہ، غير ملڪي اقتدار مان آزادي انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي صحيح آزادي نہ هئي ۽ اچان هڪ آزاديءَ جي جنگ ڪين حڪمران طبقي خلاف وڙهڻي آهي. ان لاءِ رد عمل طور تي، انهن ملڪن ۾، جتي ڪيترين قومون آباد هيون آتي لساني ۽ نسلي بنيادن تي قومپرستي جي هڪ نئين تحريڪ جنم ورتو. جنهن قومي سوال کي پيدا ڪيو ۽ اها به ڪوشش ڪئي ويئي تہ، طبقاتي جدوجهد ذريعي، رياست جي مڙني قومن جي مظلوم طبقن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري، حڪمران طبقي خلاف جنگ ڪئي وڃي.... انهي سلسلي ۾ 'روزالڪزمبرگ' چيو تہ، آهو معاشرو جيڪو طبقن ۾ ورهايل هجي، ان ۾ قوم، سماجي ۽ سياسي حيثيت سان وجود ۾ نٿي اچي سگهي. هر قوم ۾ ڪيترائي طبقا ٿين ٿا، جن جا مفاد پاڻ ۾ ٽڪرجن ٿا. ڪنهن بہ صورت ۾ پرولتاريءَ ۽ بورزوا طبقي جا مفاد برابر ٿي نٿا سگهن، اهو ضرور ٿيو تہ جڏهن، نئين آباديات ۾ غيرملڪي اقتدار سان جنگ وڙهي ويئي تہ، اهي سڀ طبقا، قومپرستي هيٺ هڪ ٿي ويا، پر آزاديءَ کان پوءِ، اهي وري ملڪ حڪمران ۽ مظلوم طبقن ۾ ورهائجي ويا ۽ حڪمران طبقي، عوام کي اقتدار يا سهوليتن ۾ شريڪ ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

انهيءَ لاءِ 'روزالڪزمبرگ' جو هي دليل آهي تہ، قومپرستي هڪ رجعت پرست نظريو آهي، جيڪو سدائين بورزوا کي اپيل ڪري، هڪ اهڙي معاشري ۾، جتي صنعتي مزدور طبقو مڪمل باشعور هجي، آتي سوشل ازم ۽ سوشل ازم جي جنگ ۾ سوشل ازم هار کائي ويندو.

برطانوي دانشور 'هابس بام' موجوده دور ۾، قومپرستي جو تذڪرو ڪندي، انهي ڳالهہ جو اشارو ڪيو آهي تہ، ۱۹ هين صدي ۾، انهي نظريي هيٺ، رياستون متحد ٿي رهيون هيون، پر موجوده وقت ۾، وڏيون رياستون ٽڪرن ۾ ورهائجي رهيون آهن ۽ ننڍيون رياستون پيدا ٿي رهيون آهن. هن وقت قومي تحريڪن جو مقصد اهو آهي تہ، وڏين رياستن کي ورهايو وڃي.... انهي صورتحال تي تبصرو ڪندي هو چوي ٿو تہ، ننڍين رياستن جي تشڪيل

ڪري، پرولتاري طبقو ڪمزور ٿئي ٿو. جڏهن وڏي رياست ٽٽي ٿي ۽ علائقا ڌرا ڌار ٿين ٿا ته ان سان گڏوگڏ بورزوا طبقا طاقتور ٿي وڃن ٿا ۽ پرولتاري ٽڪرا ٽڪرا ٿي انهن جي" هيٺان ٿي وڃن ٿا. اڄ جي دور ۾ جڏهن بين الاقوامي ڪارپوريشنون دنيا جي معيشيت تي قبضو ڪريو ويٺيون آهن تيستائين قومي رياست خودمختيار ٿي نٿي سگهي، اهڙي صورت ۾، مقامي بورزوا، انهن جا ايجنٽ بڻجي عوام کي قرزين ٿا، ان لاءِ جڏهن هينئر سرمايه داري بين الاقوامي بڻجي چڪي آهي ۽ ننڍين ٽوڙي وڏين رياستن جي سرحدن کي ٽوري ڇڏيو آهي، ان لاءِ رياستن جو وجود بيڪار ٿي ويو آهي، اهڙي حالت ۾ ننڍيون رياستون ڏاهڻ، بين الاقواقوامي سرمائي داري کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ آهي ۽ اهو هڪ رجعت پرست قدم آهي.

قومي سوال ۽ علحيدگي جي تحريڪن کي حل ڪرڻ لاءِ، وڌيڪ قومي رياست لاءِ ضروري آهي ته، پنهنجين قومن کي گهٽي کان گهٽيون سهوليتون ڏنيون وڃن ۽ کين جمهوري عمل ۾ شريڪ ڪجي چڙو ته، انهي حالت ۾، انهن کي وطن سان محبت پيدا ٿيندي. پر جيڪڏهن اڪثريت، طاقت ذريعي پنهنجي حصي کان وڌيڪ ورتو ۽ ننڍين قومن جا حق غضب ڪيا ته انهي صورت ۾، قومي يڪجهتي برقرار نه رهندي ۽ ملڪ کي ورهاست طرف وٺي ويندي جيڪو يقيني طور تي ڪنهن به ملڪ يا قوم لاءِ هڪ الميو هوندو.

پاڪستان ۾ قوميتي مسئلي جو تجزيو

پاڪستان هڪ ملڪ آهي پر هڪ قوم نه. قوم جي تشڪيل لاءِ، جيڪو هڪ تاريخي عمل ضروري هوندو آهي. اهو پاڪستان ۾ اڃان شروع نه ٿيو آهي ۽ نه ئي ورڻي پڌي ۽ برابري واري جذبي جو بنياد پيو آهي. ان لاءِ هتي چار قومون آهن، جيڪي پنهنجي تهذيب، ثقافت، زبان، نسلي برابري ۽ جا گرافيائي حدن جي بنياد تي پنهنجي سڃاڻپ کي برقرار رکيو اچن.

پاڪستان ۾، ابتدا کان ئي، ان ڳالهه جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي ته، مذهب جي بنياد تي هڪ قوم جو تصور تخليق ڪيو وڃي، پر معاشي ۽ سياسي مفادن جي ڪري اهي سڀ ڪيل ڪوششون ناڪام رهيون، ۽ هوندي به پاڪستان جي پنهنجي ڪا هڪ زبان به ڪونهي، جا انهن چئن قومن کي پاڻ ۾ جوڙي سگهي. جمهوري ادارن جي نه هئڻ ۽ اظهار تي پابندي ڪري هڪ قوم ٺهڻ جو عمل شروع نه ئي سگهيو آهي، جنهن ڪري هر قوم پنهنجي ڌار سڃاڻپ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل آهي.

قومپرستي جا جذبا، مثبت ۽ منفي، ٻنهي قسم جي عملن کي وڏيڪ سگهارو بڻائي ٿي ۽ انهن جذبن هيٺ قومون آزادي جي جنگ وڙهن ٿيون. سامراج خلاف جدوجهد ڪن ٿيون، سياسي ناانصافين خلاف جهاد ڪن ٿيون ۽ پنهنجن حقن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪن ٿيون، پر جيڪڏهن قومپرستي جي جذبن کي انتها پرستي تائين وٺي وڃجي، نسلي برتري ۽ تهذيبي فضيلت کي ذهن ۾ رکيو وڃي، ته اهي جذبا فاشزم ۽ صيهونيت جو روپ وٺي ٿا وڃن. ان لاءِ انهيءَ موقعي تي، اهو سوال ذهن ۾ اچي ٿو ته، پاڪستان ۾ قوميت واريون تحريڪون ڪهڙو ڪردار ادا ڪري رهيون آهن؟ ۽ انهن تحريڪن جي نتيجي ۾ ڪهڙا نتيجا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪري رهيا آهن؟ پاڪستان ۾ قومن جا جذبا ۽ تحريڪن جي ابتدا، مرڪز جـي وسيع اختيارن جـي ڪري ٿـي. جڏهن پنجاب جي حڪمران طبقن فوج، بيوروڪريسي ۽ صنعت و حرفت تي پنهنجو مڪمل ڪنٽرول ڪري ورتو، تہ ننڍن صوبن جا آهي طبقا، جن کي اقتدار ۾ شامل نہ ڪيو ويو تہ انهن قوميتن جي تحريڪ کي وڌيڪ بهتر بنائڻ ۾ ڀرپور حصو ورتو.

اهڙي ريت قوميتن جـي تحريڪن جـو جوڙيندڙ مٿيون ۽ وچين طبقي جا ماڻهو آهن، جيڪي چاهين ٿا تہ، انهن کي حڪومتي ادارن ۾ نوڪريون ڏنيون وڃـن، سياسي ادارن ۾ نمائندگي ڏنـي وڃي، صوبن کي پـوري طرح خودمختياري ملي، جيئن صوبي جـي انتظام کي هـو هلائي سگهن ۽ صنعت و حرفت جي قيام لاءِ انهن جي مدد ڪري سگهجي. ان لاءِ قوميتن جي تحريڪ ۾ ٻہ ڳالهيون وڌيون اهم آهن، هڪ طرف مٿيون ۽ وچولو طبقو پنهنجن مفادن جي پورائي لاءِ حڪومت تي دٻاءُ وجهي ٿو تہ ٻئي طرف، انهن تحريڪن کـي وسيع ڪرڻ ۽ ان ۾ عوام کي شريڪ ڪرڻ خـاطر ان جا بنياد وسيع ثقافتي عنصرن تي رکڻ چاهين ٿا.

.... جڏهن ثقافت يا ڪلچر جي ڳالهہ ٿئي ٿي تـہ هو اها ڳالهہ وساري ٿا ڇڏين تہ هر قوم ۾ ٻـہ قومون ٿين ٿيون ۽ انهن ٻنهي قومن جا ڪلچر ڌار ڌار ٿين ٿا، انهن تحريڪن جي اڳواڻي ڪرڻ وارن جو واسطو، انهن طبقن سان آهي، جـن جي مفادن ۾، انهن ثقافتي ادارن ۽ روايتن جو تحفظ شامل آهي، جن جي بنيادن تي هي پنهنجي سهوليتن کي قـائم رکي سگهن ۽ جڏهن حڪومتي ادارن ۽ حڪومت ۾ شامل ٿيڻ جو وقت اچـي، تـہ رڳو انهن کي موقعو ملي سگهي ۽ هو پنهنجي قوم جـي نمائندگي ڪري سگهن. ان لاءِ قوميتن جـي تحريڪ ۾، استحصالي ادارن ۽ روايتن خلاف هڪ لفظ بہ نٿو ڳالهائي سگهجي پـر انهن کي ثقافتي اهميت ڏيئي، انهن جي خوبين ۽ وقار کي ظاهر ڪيو وڃي ٿو، انهن ۾ جاگيرداري، پيرپرستي، مـزار، عرس، سجاده نشيني، خانداني شرافت ۽ فضيلت،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن سادات وغيره، عالم، مشائخ ۽ صوفي خاص آهن، انهن ادارن ۽ روايتن کي، قومي ثقافت ۽ ان جو ورثو سمجهي، ان جي حفاظت ڪئي ٿي وڃي ۽ ان کي پوري طرح فروغ ڏنو وڃي ٿو.... انهيءَ ۾ مزي واري ڳالهه اها آهي ته حڪومت ۽ انهن شين ۽ ڇڏبن سان فائدو وٺي رهي آهي، ڇوته اهي سڀ شيون، حڪمران طبقي جي فائدي وارڻ آهن ته انهن استحصالي ادارن ۽ روايتن کي زنده رکيو وڃي، جيئن موجوده نظام طاقتور ۽ مضبوط رهي، ان لاءِ مزارن تي پڙ چاڙهڻ، عرس ملهائڻ ۽ جاگيردارن توڙي پيرن جي مٽي تي همٿ رکيو ٿو وڃي.

جڏهن هڪ دفعو اهي سڀ ادارا قوميت جي نالي جي علامت بڻجي وڃن، ته هڪ عام ماڻهوءَ ۾، انهن شين لاءِ احترام ۽ تقدس پيدا ٿي ويندو آهي ۽ انهن کي پنهنجي قومي روايتن جو حصو سمجهي، نه رڳو انهن سان محبت ڪري ٿو پر انهن کي پاڪ سمجهي، انهن جو دفاع به ڪري، ٿو.... انهيءَ ڪري قومي تحريڪن جي اثر هيٺ جيڪي تاريخون لکيون پيون وڃن، انهن ۾ شخصيتن کي هيرو ڪري پيش ڪيو پيو وڃي ۽ عوامي جدوجهد توڙي ڪوششن کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي ۽ تاريخ جي مٽي جا موڙ وڏين هستين جي مٽي تي ٻڌا پيا وڃن جنهن ڪري عوام مان اعتماد جو جذبو ختم ٿي رهيو آهي.

ان لاءِ مٿيون وچيون طبقو، انهن تحريڪن ذريعي حڪومت تي مسلسل زور وجهي رهيو آهي ته، انهن کي وڌ کان وڌ نوڪريون ڏنيون وڃن. اهڙي ريت هي، پنهنجن ذهين ماڻهن کي حڪومت جو هڪ حصو ڏاهي رهيا آهن ۽ ڏيندو ائين رهيو آهي ته جڏهن هڪ دفعو اهي استحصالي نظام جو حصو بڻجي ٿا وڃن ۽ حڪومت کين پنهنجي اقتدار ۾ شامل ڪري ٿي وٺي ته پوءِ اهي ئي ماڻهو، پين کان وڌيڪ حڪومت ۽ استحصالي طبقي جا حامي ٿي وڃن ٿا ۽ انتها پسند حمايتن جو ڪردار ادا ڪري، اهي پنهنجن ئي ماڻهن کي پيڙهي، انهن کي پنهنجن حقن کان محروم ڪري ٿا ڇڏين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان لاءِ قوميتن جي تحريڪ جي هيٺ هڪ طرف ته، طبقاتي مفادن تي پردو آهي ته ٻئي طرف عوام جي شموليت ڪري ان کي ثقافتي رنگ ڏنو ٿو وڃي، انهي ذريعي مٿيون ۽ وچيون طبقو استحصالي ادارن جو تحفظ ڪري ٿو. قوميتن واري تحريڪ ۾، آهي نعرا هنيا وڃن ٿا جن جو واسطو عوام جي بنيادي مسئلن سان نه هوندو آهي. غربت، بک، زندگي ۽ هيٺين پيڙهيل طبقي بدران، بحراني ۽ وقتي مسئلن کي اڀاريو وڃي ٿو ۽ انهن جي بنياد تي، حڪومت سان ڏاهم ڪرڻ جي سگهه کي مضبوط ڪيو وڃي ٿو، انهن بحراني مسئلن جي خاتمي ڪانپوءِ اوچتو اهي تحريڪون ٺنڊي ٿي ٿيون وڃن ۽ پوءِ وري ڪنهن ٻئي بحران اچڻ جي انتظار ۾ هونديون آهن. جيئن ون يونٽ جي خاتمي ڪانپوءِ سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد جون تحريڪون ختم ٿي ويون. اهو ان لاءِ جو انهن جون پاڙون نه عوام ۾ آهن ۽ نه انهن عوام جي مسئلي کي کنيو آهي.

پنهنجي انهي رجعت پسند ۽ طبقاتي مفادن جي ڪري، قوميتن جون تحريڪون، پاڪستان ۾ ڪو مثبت ڪردار نڀائي نه سگهيون. نه ترقي پسند سوچ پيدا ڪري سگهيون نه طبقاتي. ڪشمڪش ۽ اختلافن کي اڀاري سگهيون ۽ نه ئي وري پيڙهيل طبقن ۾ ڪو شعور پيدا ڪري سگهيون.

جيستائين اهي تحريڪون مٿين ۽ وچين طبقي مان نڪري هيٺين طبقن ۾ نه اينديون ۽ جيستائين وري طبقاتي ڇڪتاڻ ذريعي حقن جي ويڙهه نه ڪئي ويندي، تيستائين ملڪ ۽ معاشري جي نظام کي تبديل ڪرڻ ڏکيو آهي. جڏهن هڪ دفعو طبقاتي مفاد ختم ٿي وڃن ته پوءِ قومن جا مسئلا به سولائي سان حل ٿي ويندا ۽ زبان، ثقافت توڙي تهذيب کي خودبخود فروغ ملندو.

هن وقت پاڪستان ۾ قومن جي وچ ۾ جيڪي اختلاف آهن انهن جو بنياد نه ثقافت تي ۽ نه وري تهذيب تي آهي پر معاشي مفادن تي آهي. پنجاب جا حڪمران طبقا پنهنجي معاشي مفادن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تحفظ لاءِ، ننڍين قومن جي نڙيءَ تي ننهن ڏيئي ويٺا آهن، جيڪڏهن انهن معاشي اختلافن کي طبقاتي جدوجهد ذريعي، انهن کي ختم ڪيو ويو ته انهيءَ شڪل ۾، قومن جي ثقافت جي ترقي ۾ ڪا به رنڊڪ نه رهندي.

پاڪستان ۾ قومن سان جيڪي آرهه زورايون ۽ ڏاڍايون ٿيون آهن ان جا ذميدار پنجاب جا حڪمران طبقا آهن. ان لاءِ، انهن سان عوام کي شامل ڪرڻ ۽ سڄي پنجابي قوم کي ڏوهي ٺهرائڻ صحيح ڪونهي. ان لاءِ جيڪڏهن سڄي پنجابي قوم کي ڏوهاري قرار ڏنو وڃي ٿو ته، انهيءَ جي رد عمل ۾، پنجابي قوم- پرستي زور وٺي ويندي ۽ اهڙي صورتحال ۾ ننڍين قومن لاءِ ڏکيائي ٿي پوندي ته هو قوم پرستي جي بنياد تي پنجابي قوم جو مقابلو ڪري سگهن، ڇوته پنجاب پنهنجا طبقاتي تضاد ختم ڪري قوميت جي بنياد تي متحد ٿي ويندو ۽ وڏي زور سان ننڍين قومن جو استحصال ڪرڻ لڳندو، ان لاءِ پنجابي قوم پرستي جي جذبي کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته، ان جي هيٺين پيڙهيل طبقن سان اتحاد ڪري طبقاتي اختلافن کي اڀاريو وڃي، ڇوته فقط انهيءَ شڪل ۾، پنجاب جا حڪمران طبقا اڪيلا رهجي ويندا ۽ اهائي اڪيلائي انهن جي وڏي ڪمزوري ثابت ٿيندي.

آها هڪ حقيقت آهي ته، پاڪستان ۾ ننڍين قوميتن ۾ قوم پرستي جو جذبو پنجابي حڪمران طبقن جي استحصال جي نتيجي ۾ پيدا ٿيو، پر هاڻي جيڪڏهن سنڌي قوم جا حڪمران طبقا پنهنجي ثقافتي ۽ مذهبي اقليتن سان اهو رويو رکندا ته انهيءَ جي رد عمل ۾، اهڙيون تنظيمون پيدا ٿينديون جيڪي لساني بنيادن تي، پنهنجي سڃاڻپ لاءِ همٿ پير هڻنديون. سنڌ ۾ ايندڙ ۽ آباد ٿيندڙ مهاجرن ۾ به سيڪڙو آنهن موقع پرستن جو به هو، جيڪي هتي رڳو مالي فائدي حاصل ڪرڻ لاءِ آيا ۽ انهيءَ تعداد ڪوڙن ڪليمن ذريعي انيڪ فائدا حاصل ڪيا، انهن کانسواءِ اڪثريت آنهن ماڻهن جي هئي جيڪي ڏپ ۽ مذهبي نفرت ڪري هتان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀڄي نڪتا.

— اها هڪ حقيقت آهي تہ طاقت، جبر ۽ ظلم جي زور تي ڪنهن گروهہ کي وڌي عرصي تائين دٻائي نٿو رکي سگهجي ۽ انهي جي ئي رد عمل ۾ قومپرستي جا نقصان ڏيندڙ اثر مرتب ٿين ٿا، جيڪي جبر جو حل عليحدگي ۾ ڳولهين ٿا. سنڌوديس جو نعرو بہ انهيءَ رد عمل جو نتيجو آهي ۽ اڳيان هلي مهاجر بہ صوبي جو مطالبو ڪرڻ لڳندا.

پاڪستان جي تاريخ "قديم دؤر"

پاڪستان ۾ تاريخ نويسي حڪومت ۽ سياسي ضرورتن هيٺ آهي، جهڙي ريت وچئين دؤر ۾، مورخ دربار ۽ بادشاهه جا سرڪاري نوڪر هوندا هئا ۽ مالڪن جي مرضيءَ سان تاريخ لکندا هئا، پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ هتي به اهين ئي ٿيو ۽ اسانجي مورخن به، حڪومتن جي حڪمن هيٺ تاريخي نقطهِ نظر کي جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ حڪمران طبقي جي سياسي مفادن تحت تاريخ لکي، پاڪستان جي تاريخ جي ابتدائي دؤر ۾ اسانجي حڪمرانن کي، اسانجي مورخن جي عقل ۽ علم تي شڪ هو، ان لاءِ انهن باني پاڪستان جي تاريخ (سوانح) "هيڪٽر بوليٿو" کان لکرائي ۽ پاڪستان جي قديم تاريخ جو ڪم "وهيلر" جي حوالي ڪيو ويو، جنهن "پاڪستان جا پنج هزار سال" نالي ڪتاب لکيو.

جڏهن ايوب خان اقتدار ۾ آيو، تہ آن پاڪستاني مورخن جي هڪ ميٽينگ گهرائي ۽ انهيءَ ۾ ان خيال جو اظهار ڪيو تہ، پاڪستان جي تاريخ کي قومي خيال کان تحرير ڪيو وڃي ۽ خاص ڪري آن خطي جي تاريخ جنهن جو هاڻي پاڪستان نالو آهي، ان جي قديم تمدن متعلق تحقيق ٿيڻ گهرجي. ان ڳالهه کي اڳيان رکي، اشتياق حسين قريشي، ڊاڪٽر احمد حسن داني ۽ ٻين مورخن، پاڪستان جي تاريخ کي اهڙي نقطي کان لکيو جو، جنهن ۾ برصغير هندوستان ۾ ٿيل تاريخي واقعن جو مرڪز هن خطي کي بنايو ويو جنهن جو نالو ١٩٤٧ع ۾ پاڪستان پيو، انهيءَ جو بنيادي مقصد هي هو تہ، اهڙي ريت هن خطي جي ڌار سڃاڻپ قائم ڪئي وڃي ۽ ان جي ڌار تاريخي حيثيت کي ميڙايو وڃي. ان جو خيال هو تہ، ائين ڪرڻ سان پاڪستاني قوميت پيدا ٿيندي ۽ هن خطي جي ماڻهن ۾ جيڪي ثقافتي تعلقات آهن آهي مضبوط ٿيندا، آن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت مشرقي پاڪستان، انهن ليڪن لاءِ هڪ مسئلو بڻيل هو ته ڪهڙي ريت هو ان ڪي تاريخ جي پيچري ۾ جوڙين، پر ان جي ڏار ٿيڻ ڪانپوءِ ان جو به حل نڪري آيو.

هڪ بي ڪوشش اِها به ٿي ته، هن خطي کي برصغير ڪان ڌار ڪري هن جو تهذيبي ۽ ثقافتي واسطو وچ ايشيا ۽ مشرق وسطي سان جوڙيو وڃي، ڇوته انهيءَ حالت ۾، اِهو هندو تهذيب مان ڌار ٿي مسلم تهذيب جو هڪ حصو ٿي پوندو. ان لاءِ دليل هي ڏنو ويو ته، هندوستان ۾، مسلمان حڪمرانن جي دؤر ۾، وسط ايشيا ۽ مشرق وسطي جا خيال ۽ نظريا ٻوڙي ثقافتي اثرات تمام گهرا هئا ۽ هڪ لحاظ ڪان، هي آن تهذيب جو هڪ حصو هئي. انهيءَ سوچ هيٺ، انهن علائقن مان جيڪي به حملہ‌آور آيا ۽ هتي اچي حڪومتون قائم ڪيائون، آنهن کي هيرو ڪري تسليم ڪيو ويو، ڇوته انهن هتي هڪ اعلى ۽ آوچي تهذيب جي سيجاڻپ ڪرائي.... انهيءَ خيال کي اسان جا حڪمران ان لاءِ به ضروري سمجهندا هئا ته، انهن جي خارجہ پاليسي جو بنياد "اينٽي انڊيا" هو ۽ پاڪستان کي هندوستان طرفان، سدائين پنهنجي وجود جو خطرو هو. ان لاءِ هو پنهنجو دفاع ان ڳالهہ ۾ سمجهندا هئا ته، پاڪستان کي تهذيبي ۽ ثقافتي طور تي وچ ايشيا ۽ مشرق وسطي سان ڳنڍيو وڃي ۽ اهڙي ريت عالم اسلام کي متحد ڪري هڪ ڪيو وڃي.

پاڪستاني تاريخ لکڻ وقت اِهو سوال بہ پيدا ٿيو تہ، پاڪستان ١٩٤٧ع ۾ وجود ۾ آيو، ان لاءِ پاڪستان جي ناالي تي جيڪا تاريخ لکي وڃي ڇا آن جي شروعات ١٩٤٧ع کان ڪئي وڃي؟ پر ان ڪان پهرين جي تاريخ تہ پاڪستان جي ناهي، ڇوته ان وقت پاڪستان جو وجود بہ ڪونہ هو، پوءِ ان کي ڪهڙي نالي سان لکيو وڃي؟ ۽ ڇا چيو وڃي؟ اڪثر سرڪاري مورخن هي دليل ڏنو تہ، جيئن تہ هاڻي هن خطي جو نالو پاڪستان آهي، ان لاءِ هتي جي قديم تاريخ کي بہ انهيءَ نالي سان سڏيو وڃي ۽

”قديم پاڪستان“ جي نالي سان انهن هتي جي قديم تاريخ ۽ تمدن متعلق تحرير ڪيو ۽ انهيءَ مقصد تحت هنن لکيو ته، پاڪستاني قوميت جون پاڙون ۷ ع کان پهرين قديم عهد تائين ڦهليل آهن ۽ انهن جو ورثو تمام گهڻو قديم آهي، ان لاءِ ان تي فخر ڪرڻ جي ضرورت آهي.

.... پر ڇا قديم پاڪستان جي تاريخ تي فخر ڪرڻ گهرجي؟ اتي مذهب ۽ پاڪستان جي نظريي ڪجهه ڏکايون پيدا ڪري ڇڏيون، ڇوته مذهب اسلام جي خيال کان، اسلام جي اچڻ کان اڳ پهرين جو سڄو زمانو اونداهو ۽ جاهليت وارو هو ان لاءِ، اسلام کان اڳ واري زماني ۾، جيڪي تهذيبون ۽ تمدنون پيدا ٿيون آهي گمراهي ۽ بدڪاري سان ڀريل هيون. ان لاءِ انهن تهذيبن ۽ تمدنن جي مطالعي ۽ تحقيق جي ڪابه ضرورت ناهي. مذهب ان ڳالهه تي زور ڏئي ٿو ته، انهن کي انهيءَ حالت ۾ رهڻ ڏنو وڃي ۽ انهن قديم کنڊرن ۽ نشانن مان عبرت حاصل ڪئي وڃي.... انهيءَ خيال کان، تاريخ جو عمل اسلام جي اچڻ کانپوءِ شروع ٿئي ٿو، ان لاءِ ان کان اڳ جي تاريخ جي مطالعي جي ڪابه ضرورت ناهي.... ان ڪري برصغير جي تاريخ ۾، ان جي ابتدا محمد بن قاسم ۽ محمود غزنوي جي حملن سان ٿئي، ان لاءِ ان کان اڳ واري تاريخ تي نه تحقيق جي ضرورت آهي ۽ نه وري ان کي ڄاڻڻ گهرجي ڇوته اها اسانجي تاريخ ناهي.... ان جو واسطو گمراهي سان آهي، ان ڪري موهن جو دڙو ۽ گنڌارا جون تهذيبون اسان لاءِ نه آهن، ان لاءِ انهن جي شان و شوڪت بيان ڪرڻ مذهبي لحاظ کان غلط آهي.

متين ذهني سوچ اسان وٽ گهڻي مقبول آهي ۽ اسان جي نصاب جي ڪتابن ۾ قديم عهد کي نظرانداز ڪري، تاريخ جي ابتدا تڏهن کان ڏيکاري وڃي ٿي، جڏهن کان عرب ۽ ترڪ فاتح برصغير هندوستان ۾ آيا.... ان لاءِ اها ڪوشش ڪئي ويئي ته، هن خطي جي تاريخ کي ۱۹۴۷ع جي سرحدن ۾ بند ڪري لکيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچي ۽ رڳو انهن واقعن کي آجاگر ڪيو ويو، جيڪي هن خطي ۾ پيش آيا ۽ جڏهن انهن جو بيان ڪيو ويو ته هندوستان کان ڌار ڪري انهن کي پيش ڪيو ويو، اها ڳالهه تاريخ جي مفهوم کي يقيناً ننڍڙو ۽ مختصر ڪري پيش ڪري ٿي.... ڇو ته برصغير هندوستان جي تاريخ پنهنجو پاڻ ۾ وسعت رکي ٿي، اشوڪ، اڪبر ۽ برطانوي عهد ۾ هي هڪ گڏيل سلطنت رهيا آهن ۽ انهيءَ سڄي تاريخي عرصي ۾ حملو ڪندڙ، واپاري، مذهبي اڳواڻ، سياح، خانه بدوش قبيلا ۽ ساڳيو هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تائين هجرت ڪندا رهيا آهن، انهن جا تهذيبي ۽ ثقافتي، رشتا ۽ ڳانڍاپا هڪٻئي سان تمام گهاٽا رهيا آهن.... ان لاءِ اهو نٿو ٿي سگهي ته اشوڪ، اڪبر يا برطانوي عهد کي رڳو هن خطي تائين محدود ڪري ڇڏجي ۽ ان جي ٻئي حصي کي نظرانداز ڪري ڇڏجي. ١٩٤٧ع کان پهرين جي تاريخ هندوستان جي تاريخ آهي ۽ ١٩٤٧ع کانپوءِ جي تاريخ کي پاڪستان جي تاريخ چئي سگهجي ٿو ۽ اها به ١٩٧١ع ۾ بنگلاديش جي آزادي کانپوءِ ننڍي ٿي ويئي آهي.

اسان وٽ قديم روايت کي نظرانداز ڪرڻ جو جيڪو رجحان آهي، اهو نه رڳو اسانجي ذهني نشو و نما لاءِ خطرناڪ آهي پر ان جي نه هئڻ سان اسانکي پنهنجي قوتي سڃاڻپ ۾ به انتهائي ڏکيائي ٿيندي، قديم تاريخ جو مطالعو انساني ذهن کي وسعتون بخشي ٿو ۽ انهن جي مذهبي تهمتن ۽ تنگ نظري کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو، ڇو ته قديم تاريخ جو مطالعو، انهيءَ ڳالهه ڏانهن اشارو ڪري ٿو ته انسان ”هوموسيپين“ سان ترقي ڪري ڪيترن نسلن ۾ ورهائجي ويو، انهن ۾ سفيد، ڪارن ۽ هئڻ جو ڪوبه فرق ڪونهي، پر اهو رنگ علائقن جي قطري آب و هوا سان پيدا ٿيا. ان لاءِ تاريخ ۾ ڪوگروهه مخصوص برتري جو حقدار ڪونهي. نسل پرستي ۽ طبقاتي استحصال پوءِ جي تاريخي عمل جي پيداوار آهن. انهيءَ لاءِ اهي نه آفاقي آهن ۽ نه ازل کان. معاشري ۾ قدر، روايتون، رسمون ۽ رواج ۽ اعتقاد تاريخي عمل جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نتيجي ۾، مطالبن، گهرجن ۽ مفادن تحت پيدا ٿيا آهن، ان ڪري اهي هر زماني ۾ تبديل ٿيندا رهن ٿا. سچي انسان جي تاريخ انهي آتيل پٿل جو نالو آهي.

اها انساني تاريخ ان وقت لکڻ ممڪن ٿي سگهندي، جڏهن تاريخ کي ارتقائي نگاهه سان لکيو وڃي.... جيڪڏهن مذهبي تخليق جي نظريي کي سچيو وڃي ته پوءِ ڪائنات خدا جي حڪم سان پيدا ٿي ۽ بس.... سائنس جي ارتقائي نقطهِ نظر کان ڪائنات جي تخليق هڪ ڊرامو آهي، جنهن ۾ زندگي آهستي آهستي اڳيان وڌي ۽ جيئن جيئن اڳيان وڌي ته ڪائنات جا رنگ به تبديل ٿيندا رهيا. هر مرحلي تي هڪ انقلاب جنم وٺي ٿو ۽ ذهن ۾ ان کي ڄاڻڻ ۽ پرکڻ جي خواهش گهري کان گهري ٿيندي ويندي آهي. بلڪل هڪ جاسوسي ڪهاڻي وانگر، جنهن جي رازن تان پردا کڄندا ويندا آهن ۽ ذهن انهن رازن کان واقف ٿيندو، حيران ٿيندو ويندو آهي. تاريخ انهن ارتقائي مرحلن کي ريڪارڊ ڪري ٿي ۽ انهيءَ سڄي عمل ۾ انسان جدوجهد ڪندو نظر اچي ٿو. ڇوته هو پنهنجي تاريخ پاڻ جوڙي ٿو. اڪيلو، ٻين ڪنهن جي مدد کانسواءِ.

انساني معاشري جي تبديلين جي خبر آثارقديمه مان پوي ٿي، جيڪي معاشري جي سماجي، ثقافتي ۽ معاشي تاريخ جا اهم ماخذ آهن. قديم عمارتون، ٿانو، زيور، اوزار ۽ لڙائي هٿيارن جي مدد سان ڪنهن به معاشري جي ذهني ۽ شعوري ترقي جي خبر پوي ٿي، ان لاءِ انهن جي حفاظت ڪئي وڃي ٿي ۽ قديم عهد جي شين کي ميوزمن ۾ محفوظ ڪري رکيو وڃي ٿو.

قديم تاريخ ان ڳالهه جو به اهڃاڻ ڏئي ٿي ته، آخر تاريخ ۾ قومون زوال ڏانهن ڇو وڌيون؟ تهذيبون ڇو موت جو شڪار ٿيون؟ آخر شهر ۽ ڳوٺ ڇو ويران ٿيا ۽ ڦٽا؟ انسان خانه بدوش ڇو ٿيو؟ حملو ڪندڙ ڇو ڪامياب ٿيا؟ انهن سڀني سوالن جا جواب تاريخي عمل ۾ لڪيل هوندا آهن ۽ مورخ جو ڪم اهو آهي ته، انهن کي ظاهر ڪري. تاريخ ۾ جڏهن به، حڪمران طبقي تبديلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مخالفت ڪئي، نيون ايجادون نہ ٿيڻ ڏنيون ۽ نظام کي ساڳئي حالت ۾ برقرار رکڻ تي زور ڏنو ويو تہ انهيءَ جي نتيجي ۾، معاشرو هڪ جاءِ تي بيهي رهيو. انهيءَ جو مثال واديءَ سنڌ جي تهذيب آهي، جتي هٿيار نہ هئا، پر حڪمران ۽ واپاري طبقو انهن کان واقف ضرور هو. ڇو تہ هو ميسوپوٽاميہ ۾ هٿيار ڏسي چڪا هئا پر انهن هتي هٿيارن کي ان لاءِ متعارف نہ ڪرايو جو انهن کي اهو ڊپ هو تہ وڌائڻ سهوليتون ڦرجي وينديون. پر جڏهن آرين حملو ڪيو تہ بغير ڪنهن ٽڪر جي هتي جا رهاڪو هار کائي ويا ۽ هتي جي پوري تهذيب ختم ٿي وئي. ان لاءِ جيڪڏهن تبديلي نہ هجي تہ، تهذيب هڪ هنڌ ڄمي ويندي آهي ۽ هڪ ٽڪ سان شيشي وانگر ٽٽي پورپور ٿي ويندي آهي.

قديم تاريخ قومي جذبي ۽ احساس کي جنم ڏئي ٿي، ڇو تہ جيترو تاريخ جي گهرائي ۾ وڃبو، اوترو ئي قوم جي وڪريل عنصرن ۾ يڪانگت (ٻڌي) نظر ايندي. زبان، ادب، موسيقي، رقص، ڄڻن ڀوتن جا قصا ۽ آکاڻيون ۽ لوڪ گيتن جي بنياد تي قومي ڪردار تخليق ٿئي ٿو ۽ جيستائين انهن جي پاڙن کي ڳولهي ظاهر نہ ڪيو وڃي، ان وقت تائين هڪ گهاٽي وڻ جو تصور بہ نٿو ڪري سگهجي. قومون ڌرتيءَ مان تخليق ٿين ٿيون، ان ۾ انهن جا جذبا ۽ احساس ٿين ٿا. بقول 'شوپنهاير' جي تہ، فقط تاريخ ذريعي قومن کي مڪمل شعور ملي ٿو ۽ تاريخ قوم جي جڏهن عزت ۽ مرتبو جوڙي ٿي، جڏهن ماضيءَ جي ڪارنامن تي سڀ متفق هجن، پر آها تاريخ قوم جي تشڪيل ڪري ٿي جنهن جو ڳانڍاپو زمين سان هجي. برصغير جي مسلمانن جو الميو اهو آهي تہ.... جڏهن انهن ۾ قومپرستي جي تحريڪ آئي تہ برصغير جي تاريخ انهن جي مدد نہ ڪري سگهي، ڇو تہ انهن پنهنجي تاريخ کي محمد بن قاسم ۽ محمود غوري کان شروع ڪيو جنهن ۾ جنگ ۽ فتح کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي. ان کان اڳ انهن جون پاڙون هن ڌرتيءَ ۾ نظر ڪين ٿيون اچن، ڇو تہ انهن جي ادب، زبان، لوڪ گيتن ۽ قصن ڪهاڻين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو واسطو هن ڌرتيءَ سان آهي. پنهنجي سڃاڻپ لاءِ هنن سدائين هندوستان کان ٻاهر ڏٺو ۽ هندوستان جي قديم تاريخ کي نظرانداز ڪيو. اڄ جڏهن مصري، ايراني، ترڪ، عراقي ۽ شامي پنهنجن قومين جو بنياد پنهنجي قديم تمدن ۽ ثقافت تي رکي فخر ڪري رهيون آهن. ته ڇا اسين پاڪستان ۾ پنهنجي قديم تاريخ کان ڌار ٿي ڪا قومي سڃاڻپ جوڙي سگهون ٿا؟ يقيناً ان سوال جو جواب ”نه“ ۾ ئي هوندو. ان لاءِ پاڪستاني قوميت لاءِ ۽ ان جي سڌاري واڌاري لاءِ، قديم تاريخ جي اهميت وڌي وڃي ٿي.

هندوستان جي تاريخ جي جديد تشڪيل برطانوي دور ۾ ٿي، ان لاءِ انهن تاريخ جي خيال کي پنهنجي انداز ۾ پيش ڪيو. انهن تاريخ مان اهو ثابت ڪرڻ چاهيو ته، هندوستان تي سدائين غيرملڪي طاقتن حڪومت ڪئي ۽ هندوستان وارا حڪومت ڪرڻ جي لائق نه آهن. هنن خاص تاريخ ۾ آرين کي وڏائي پيش ڪيو. آريه جيڪي سفيد نسل جا هئا، دراوڙ جيڪي ڪارا هئا، ان ڪري آرين کان پوءِ هندوستان ۾ تهذيب ۽ تمدن جي ابتدا ٿي..... پر جديد تحقيق کان پوءِ اها خبر پيئي آهي ته، آرين جي برتري جو نظريو سراسر غلط آهي. ”ديبي پرشاد چٽوپاڌيائي“ اهو ثابت ڪيو آهي ته، هندوستان ۾ آريه ڪڏهن به اڪثريت ۾ نه رهيا. هندوستان ۾ اڪثريت دراوڙن جي گڏيل نسل جي رهي هئي، انهيءَ جي ثبوت طور هن ١٨٧١-١٨٧٢ع جي مردمشماري ڏني آهي جنهن ۾ هندوستان جي اڪثريت کي قبائلي آبادي چيو ويو آهي. جيڪي آريا نه هئا. پنهنجي اقليت کي اڪثريت ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ آرين جي شروع کان اها ڪوشش رهي ته هتي رهندڙ قديم قبيلن کي آريائي بڻايو وڃي. انهيءَ مقصد لاءِ ”سنگهه“ يا قبيلن جي اتحاد کي ٽوڙڻ لاءِ، ڪوٽليه ”ارٿ شاستر“ ۾ زور ڏنو آهي. جيئن انهن کي ٽوڙي سلطنت جو هڪ حصو بڻايو وڃي. انهيءَ اتحاد کي ٽوڙڻ لاءِ، هو فوجي قدمن بجاءِ انهيءَ ڳالهه تي زور ڏئي ٿو ته، انهيءَ اتحاد کي شراب، عورت، ڪوڙ ۽ سازشن ذريعي ٽوڙيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃي ۽ جي ٿي سگهي ته انهن کي پنهنجو پاڻ ۾ ويڙهايو وڃي. ۽ انهن جو قتل عام ڪرڻ به جائز آهي. ٿي سگهي ٿو ته 'اشوڪ' جي 'ڪالنگا جي جنگ' به ان جو هڪ مثال هجي.

آريا ٿاهڻ جو هڪ مثال بنگال جو آهي، جتي ڪجهه قبيلن جو مذهب تبديل ڪري انهن کي آريا بڻايو ويو. پر اڄ به انهن جي اڪثريت پنهنجي پراڻي مذهب جي پيروڪار آهي. "چٽو پاڌيائي" اهو به ثابت ڪيو ته، هندوستان جا اڪثر حڪمران آريا نه هئا. مثلاً: موريه خاندان، بلڪ اڪثر حڪمرانن جو واسطو شودر ذات سان هو. (سنڌ جي برهمڻ خاندان جي حڪمران چچ متعلق چيو وڃي ٿو ته اهو به شودر هو). 'شيواجي' جو واسطو به شودر ذات سان هو. پر جڏهن اُن کي تخت تي ويهاريو ويو ته اُن کي 'ڪشتري' ثابت ڪيو ويو.

اُهي قبيلا جن آرين خلاف جنگ ڪئي پر ناڪام ٿيا. سي پنهنجي اباڻي مذهب تي ته رهيا پر معاشي طور تي ڪمزور ٿيندا ويا. ڇوته انهن آرين سان ٺاهه نه ڪيو ان لاءِ اهي آريا سماج ۾ هيٺئين طبقي ۾ رکيا ويا. ان لاءِ اڄڪلهه انهن قبيلن جا نالا پنهنجي پيل، جاهل ۽ برايون ڪندڙن ۾ ڳڻيا وڃن ٿا، مثلاً: چٽ، ڳنوار، ڪيڄ، ڍنگر، چنڊيل ۽ جهنگلي وغيره. اهي سڀ قبيلن جا نالا آهن جيڪي جنگ ۾ هار کائڻ کانپوءِ غلام ٿي ويا ۽ لفظ "داس" غلامي جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيڻ لڳو. اهڙو مثال اسانکي رومي تاريخ ۾ به ملي ٿو جتي Slave ۽ Helot به قبيلا ۽ به نسلي گروپ هئا جيڪي هار کائڻ کانپوءِ غلام بڻجي ويا. تاريخ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ويڙهه ۽ نه ٺهڻ جي تمام وڏي ۽ سخت سزا هوندي آهي ۽ نسل انهيءَ عذاب مان لنگهندا آهن. پر اڄ تاريخ انهن مظلومن ۽ پويان پيل ماڻهن کي انهن جو اصلي حق ڏيارڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي. ان جو مثال هندوستان ۾ 'دلت' تحريڪ آهي جيڪا برهمڻ جي حاڪميت ۽ ذهني غلامي خلاف ڀرپور احتجاج آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن قديم قبيلن جو سماجي رتبو برطانوي عهد ۾ به هيٺاهون رهيو. ۽ انهن خاص ڪري خانہ بدوش قبيلن لاءِ ”چور“ جو لفظ استعمال ڪيو ويندو هو جيڪو يقيناً تاريخ ۾ سماج کان اڻ ڄاڻائي جو ثبوت هو. ڇوته اهي قبيلا فطرت سان ڳنڍيل هئا ۽ شهرن کان پري جهنگلن ۽ غيرآباد علائقن ۾ رهندا هئا ۽ ڪين فطرت کان جيڪو ڪاڏو ملندو هو ان کي گڏ ڪري ان کي استعمال ڪندا هئا. اهي فطرت تي پنهنجو حق سمجهندا هئا، ان ڪري هر وڻ جي ميوي تي سندن حق هو. پر جڏهن ذاتي ملڪيت انهن زمينن ۽ وڻن تي قبضو ڪيو ته انهن قبيلن کي ”چور“ چيو ويو ڇوته قبيلي وارا وڻ تي پنهنجو حق سمجهندا هئا ان لاءِ ميوو پٽيندا رهندا هئا. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ”چور“ اهي قبيلي وارا هئا يا اهي جن ذاتي ملڪيت جي بنياد تي انهن شين تي زوري قبضو ڪيو؟

ذات پات جي ورهاست، جيڪو پوءِ هندو سماج ۾ آئي، اها آريا پاڻ سان گڏ ڪٺي ڪونه آيا هئا. پر اها ان وقت شروع ٿي هئي جڏهن هندوستان جا قديم قبيلا انهن ۾ ساڳيو پنهنجن ڌنڌن جي حساب سان ورهائجي ويا. آرين ۾ به اهي قبيلا جيڪي معاشي طور تي ڪمزور ٿي ويا هئا، انهن کي پڻ ”ڪريل“ سڏيو ويو ۽ انهن کي سماج ۾ هيٺيون درجو ڏنو ويو ان لاءِ ذات پات جي ورهاست معاشي هئي جنهن کي پوءِ وڏي ذات وارن پنهنجي مفادن جي تحفظ لاءِ مذهبي رنگ ڏنو.

هندوستان جي تاريخ تي تحقيق ٿيڻ کانپوءِ اها ڳالهه ثابت ٿي ويئي آهي ته، آرين جي اچڻ کان اڳ، هندوستان ۾ تهذيب ۽ تمدن پنهنجي جوڀن تي هئي. خاص ڪري وادي سنڌ جي تهذيب ان ڳالهه جو چٽو ثبوت آهي. انهيءَ دور ۾ تهذيب ۽ تمدن شهري شڪل اختيار ڪري چڪو هو. آرين جي حملن انهيءَ تهذيب کي وڏو نقصان پهچايو. ڇوته انهن شهرن کي تباهه ڪيو، زراعتي نظام کي گهڻو نقصان پهچايو ۽ تهذيب جي ترقي جي عمل کي اڳيان وڌڻ کان روڪي ورتو. انهن حملن جي نتيجي ۾ وڏيون

وڏيون سلطنتون ختم ٿي ويون ۽ ملڪ پيهر جاگيرداري نظام طرف واپس وريو ۽ هر هنڌ ننڍيا ننڍيا راجا ۽ حڪمران پيدا ٿيا. معاشري کي پيهر سلطنت جي شڪل وٺڻ ۾ هڪ ڊگهو عرصو لڳو. جڏهن آريہ تهذيب و تمدن جي شروعات ٿي ۽ پوءِ ان جي تشڪيل ٿي تہ ان ۾ دراوڙن جا اثر وڏيڪ نمايان آهن. جنهن مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ، فاتح تهذيبي طور تي هارائيندڙن کان شڪست کاڌي.

تاريخ جو اهم عمل قومن جو زوال هوندو آهي. واديءَ سنڌ جي تهذيب ڪيئن زوال پذير ٿي ان متعلق يحيٰ امجد پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ، ”موسمي ۽ قدرتي تبديلين کانسواءِ آبادي ۾ اضافو ٿيڻ لڳو. پيداوار جو جيڪو ڍانچو هو اهو سماج کي پوري ڪري ڏيڻ ۾ ناڪام ٿي ويو. اهڙين حالتن ۾، استحصال برداشت جي حدن کان ٻاهر ٿي ويو ۽ هاري بغاوتون ڪرڻ لڳا، واپاري قافلن تي ڌاڙيلن جا حملا ۽ شهرن تي هارين جا حملا ٿيڻ فطري ڳالهہ هئي، انهن روز روز جي بغاوتن، سلطنت کي گهڻو ڪمزور ڪري وڌو، هر هنڌ رياستي مشينري ناڪام ٿيڻ لڳي. غلامن جي بغاوتن جو هڪ اڻ کٽ سلسلو آهو بنياد آهي جنهن ڪري سنڌ جي تهذيب ۽ سنڌ جي سلطنت کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو.“

ان کانپوءِ آرين جي آمد، انهن جا حملا، هندوستان جي قديم معاشري جي تباهي ۽ پوءِ آريا تهذيب جي تشڪيل کي بيان ڪيو ويو آهي، جنهن ۾، ’برهمڻ‘ هڪ سگهاري قوت طور اڀري ٿو ۽ هندو سماج کي پنهنجي طاقتور چنبي ۾ قابو ڪري ٿو. آخرڪار ان جي رد عمل ۾ بُڌ مت پيدا ٿئي ٿو، جيڪو برهمڻ رسمن ۽ منجهيل عبادت جي طريقن جي خلاف هڪ بغاوت هئي ۽ ان، سماج جي هڪ وڏي حصي کي ’برهمڻ ازم‘ مان آزاد ڪرايو. تاريخ ۾ مذهب، نظريا ۽ خيال هڪٻئي جي ٽڪر ۾ هوندا آهن ۽ ان جي نتيجي ۾ تاريخي عمل مسلسل اڳيان وڌندو رهندو آهي.

انهيءَ قديم تاريخ جي سڀ کان وڏيڪ خوبصورتي هي آهي تہ، اها سياسي نہ پر ثقافتي ۽ تهذيبي آهي، انهيءَ ۾ معاشرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇرنديي ڦرنديي نظر اچي ٿو. انهيءَ ڇرڦر سان سماج جڙيل ٿو، هتي حڪمران طبقي جي تاريخ تي اجاره داري ناهي، پر عوام تاريخ جي جوڙڻ ۾ مصروف آهي.

ڪنهن به خطي جي تاريخ، معاشري ۽ ان ۾ رهندڙ ماڻهن کي، ماضي جي انهن گهراين ۾ کڻي وڃي ٿي، جتي انهن جون پاڙون هجن، انهن ئي روايتن سان ادارا جڙن ٿا ۽ تبديلين جو هڪ عمل جاري رهي ٿو.

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، کُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو. پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑھندڙ نَسل (پَڙهَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَڙهَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَڙهَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَڙهَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَڙهَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَڙهَ پاڻ هِڪَ ٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَڙهَ پاران ڪتابن کي ڊجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَڙهَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سپني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا:

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)